بياض احمد



مصنف: مولوي حاجي احمد ملاح





سوره سنڌي ادب



صاحب خان ·سوره· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

بياض احمد

مصنف

مولانا حاجی احمد ملاح

مرتب

مولوي حاجي عبدالله جوڻيجو - بدين

تعداد : ٻه هزار
ايڊيشن : ٽيون
سال : ١٩٨٢ع

قيمت ۰۰-۹ روپيا

هي ڪتاب عبدالغفور جوڻيجو
پاران غفور نيوز پيپر ايجنسي غريب آباد بدين سنڌ
حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ، حيدرآباد مان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

صفحو	مضمون	نمبر
٢٩ کان ٦٧ تائين	غزل (عدد پنجاهه)	١
٦٨ کان ٧٦ تائين	ڪافيون (عدد ٻارهن)	٢
٧٧	آية الڪرسي جو منظوم ترجمون	٣
٧٨	التحيات جو منظوم ترجمون	٤
٧٨	دعاء قنوت جو منظوم ترجمون	٥
٧٩	سيد الاستغفار جو منظوم ترجمون	٦
٨٠	درود شريف جو منظوم ترجمون	٧
٨١	رب جي ڏلي مان ڪجهه ڏئي؟	٨
٨٣	گهڙي سان گهڙي عمر گهٽبي وڃي	٩
٨٥	ادا عمر آئي چڙهي ڏسندي ڏسندي	١٠
٨٨	اچا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟	١١
٩٢	نہ ڇڏيو سندم قوم قرآن کي	١٢
٩٦	خلافت ملي خاص انسان کي	١٣
٩٨	ڏنو رمضان روزيدار جاڳو	١٤
١٠١	لطف مان لاهيان نہ آس	١٥
١٠٤	قربان قدرت تان ٿيان	١٦
١٠٩	تون هڪ، ٻيو نہ ڪير	١٧
١١٤	ڇا تو نہ سڻو؟	١٨

نمبر	مضمون	صفحو
١٩	پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله (مدح)	١٢٠
٢٠	نه ڪر وار ويچار لاتقنطوا (مدح)	١٢٤
٢١	الله بس، باقي هوس (ٽيهه اکري)	١٢٨
٢٢	ڪوهه چاڙهڻ ڪوٽ ۾ ڪيئن ٿيو هيئر انو حساب (ٽيهه اکري)	١٣٥
٢٣	سڻ عرض عالم جا ڌڻي (مناجات)	١٤٣
٢٤	پاڪ پالڻهار ڏي (مناجات)	١٤٥

پيش لفظ

هي ڪتاب سنڌ جي مشهور شاعر ۽ عالم مولانا حاجي احمد صاحب ملاح جي چند چونڊ ۽ عمده ڪلامن جو مجموعو آهي. مولانا صاحب جو ڪلام ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. سندس ڪلام کي جا عوام ۾ مقبوليت ۽ شهرت حاصل آهي، سا هر ڪنهن شاعر جي ڪلام کي حاصل نه آهي.

هن ڪلام کان اڳي اسان نموني مولانا صاحب جي چند چونڊ ۽ مشهور ڪلامن کي موزون ترتيب ڏيئي، اهڙا ننڍا ننڍا چار مجموعا: گلزار احمد، گلشن احمد، هيڪڙائي حق ۽ غزليات احمد ڪتاب هڪيئي پنهنجان ڇپائي، شايع ڪيا ويا آهن: جي چارئي ڪتاب عام پبلڪ ۽ علم دوست احبابن کي نهايت پسند پيا آهن. اسان سلسلي جو هي "بياض احمد" ڪتاب پنجون ڪڙي آهي. "بياض احمد" جو هي ٽيون ايڊيشن آهي. پهريون ۽ ٻيو ايڊيشن پنهنجي مقبوليت عام سبب ٿوريئي عرصي اندر ختم ٿي ويو. اسان ڪري هي ٽيون ايڊيشن عوام جي گهڻي اصرار تي اڳيئين ساڳي ترتيب موجب پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڪوبه غزل گهٽ وڌ ڪونه ڪيو ويو آهي. اميد ٿي ڪجي ته اڳي جيان هي غزلن جو مجموعو وڏيڪ پسند ايندو ۽ اسان جي محنت کي قدر جي نگاه سان ڏٺو ويندو. مولانا صاحب جي ڪلام کي پسند

ڪندڙ شائقين ۽ علم دوست، سڄڻ، خريد ڪري اسان جي حوصلہ افزائي ڪندا، ۽ هن ڪان پوءِ اسان ٻيو ڪتاب مولانا صاحب جو "ڪليات احمد" پيش ڪنداسون، تنھنڪري اسان جو سات ڏيندا، تہ شڪر گذار رهنداسون.

انھن سڀني ڪتابن ۾ جيڪي غزل ۽ ٻيا ڪلام آندل آهن، سي سڀيئي مولانا صاحب جا ٻيا غزل ۽ مختلف چيل ڪلام آهن ۽ ڪنھن بہ هڪ ڪتاب ۾ ساڳيا ڪلام نہ آندل آهن. هن ڪتاب ۾ مولانا صاحب جي شعر جا گهڻو ڪري سڀيئي مختلف نمونا پيش ڪيا ويا آهن ۽ هن جا ٻہ ڀاڱا آهن. پھرين ڀاڱي ۾ پنجاهہ غزل ۽ ٻارهن ڪافيون ڏنل آهن. غزل تہ مولانا جا سوين چيل آهن، باقي ڪافيون سي سندس هيل تائين فقط اهو ئي هڪ لکيل سڳهيون آهن. انهن ڪافين مان ڪن ۾ "قاضي" جو نالو پيل آهي. اهو هن ڪري تہ ڏنو ويو آهي تہ مولانا صاحب جي ڪافين سان دلچسپي سدائين گهٽ پئي رهي آهي ۽ اهي ڪافيون بہ سندس هڪ گهاٽي دوست مرحوم محمد يوسف قاضي جي گهڻي اصرار ڪرڻ تي چيل آهن، تنھنڪري ڪن ڪافين ۾ انهيءَ مرحوم جي اصرار ۽ اظهار دوستيءَ جي خاطر سندس نالو ڪتب آندو ويو آهي.

ٻئي ڀاڱي ۾ پهرين آية الڪرسي، التحات، دعاءِ قنوت، سيد الاستغفار ۽ درود شريف جو مثنوي طرز تي منظوم ترجما ڏنل آهن.

انهن کان پوءِ جيڪي سترهن ڪلام آهن، تنهن مان ڇهه ڪلام ساڳي مثنوي طرز تي، ٽي ڪلام چار ٽڪا مربع شعر، چار ڪلام پنج ٽڪا مخمس شعر ۽ چار ڪلام ڇهه ٽڪا مسدس شعر آهن، جنهن مان مثنوي جي پنجن ڪلامن کان سواءِ ٻه مداحون، ٽيهه اکريون، ٻه مناجاتون ۽ ڇهه مداحن جي طرز تي چيل شعر آهن.

انهن مان ڇهين نمبر ڪلام ۾ پنهنجي دولت مان ڪن حاجتمندن حقدارن کي حق ڏيڻ جي تنبيهه ڪيل آهي.

ستين ۽ اٺين نمبر ڪلامن ۾ هن بي بقا حياتيءَ تي ڀروسو ڪرڻ ۽ غافل رهڻ کي ننديو ويو آهي.

نائين ۽ ڏهين نمبر ڪلامن ۾ قرآن شريف جي سيني حڪمن تي هلڻ جي هدايت ڪيل آهي ۽ ڪن حڪمن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ ڪن حڪمن ۾ ڦير گهير ڪرڻ کان ڊڄاريو ويو آهي.

يارهين نمبر نظم ۾ انسان جي بشر هئڻ کي ساراهيو ويو آهي. ۽ ٻارهين نظم ۾ رمضان مهيني ۾ رات جو جاڳڻ ۽ ڏينهن جو روزي رکڻ جي ڀلائيءَ جو بيان آهي.

تيرهين نظم ۾ پنهنجي پالڻهار کي عاجزانه التجا ڪيل آهي، ته مون گنهگار کي بخش ۽ تنهنجي در کان نااميد ٿي، ٻئي ڪنهن غير الله جي در نه ويندس.

چوڏهين نظم ۾ الله پاڪ جي عجيب قدرتن ۽ ڪاريگرين کي تمام سهڻي نموني ۾ ساراهيو ويو آهي.

پندرهين ۽ سورهين نظمن ۾ الله پاڪ کي ساري جهان جي خالق ۽ مالڪ هجڻ مان ڪڍ سندس توحيد

۽ لاشريڪ هجڻ کي نهايت مؤثر ۽ مدلل نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

سترهون ۽ ارڙهون ٻئي نظم مداحون آهن، جن ۾ الله پاڪ جي گنهگار ٻندن کي ڍڪ ڏنو ويو آهي ۽ خاطري ڏياري ويئي آهي، ته ڌڻي پاڪ جي لطف ۽ رحمت مان نا اميد نه ٿيو، ڌڻي تعاليٰ نهايت ٻاجهارو ۽ رحم وارو آهي.

اوڻهون نظم ٿيهه اکري ڪلام آهي، جنهن ۾ الله پاڪ جي وڏائي ۽ وڏي سگهه کي ساراهيو ويو آهي ۽ هي هدايت ڏنل آهي ته الله پاڪ جي دينداربانهن لاءِ هڪ الله بس آهي ۽ الله پاڪ کان سواءِ غير الله جي طلب رکڻ ڦلهو هوس آهي.

ويهون نظم ٻه ٽيهه اکري ڪلام آهي، جنهن ۾ الله پاڪ جي واڪاڻ ۽ توحيد جو بيان آهي ۽ هي حقيقت ڏنل آهي ته هتان هن جهان مان جيڪي آخرت ڏي ويا آهن، تن مان ڪوبه ڪونه موٽيو آهي ۽ نڪي ڪا سندن خبر چار آيل آهي.

ايڪيهون ۽ ٻاويهون نمبر نظم ٻئي مناجاتون آهن، جنهن ۾ پنهنجي پالڻهار کي پنهنجي ڀلائي، بهتري ۽ بخشش لاءِ نهايت عاجزانه استدعا ڪيل آهي.

اسان کي اميد آهي ته مولانا صاحب جي ڪلام جا شائق ۽ سنڌي علم ادب جا سڄڻ اسان جي هن محنت جو قدر ڪري، اسان جي هن نئين ڇپايل ڪتاب کي اسان جي اڳين ڪتابن وانگر گهڻي انداز ۾ خريد ڪري،

اسان جي حوصلہ افزائي ڪرڻ فرمائيندا تہ نهايت مشڪور رهنداسون.

پڇاڙيءَ جو آءٌ پنهنجي هڪ دوست عبدالمجيد صاحب ابڙي جو نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن مون کي هن ڪتاب جي ڪلامن جي انتخاب ۾ نهايت ڪارائتي مدد ڪئي آهي.

مسٽر نياز همايوني صاحب ۽ مسٽر عبدالجبار صاحب جن جو بہ نهايت ٿورائتو آهيان، جن پنهي صاحبن هن ڪتاب تي ديباچہ لکي ڏيڻ جي تڪليف گوارا فرمائي آهي.


مولوي حاجي عبدالله جوڻيجو

شاعري پيغمبري



نياز همايوني

سابق سيڪريٽري، پاڪستان رائٽرز گلڊ سنڌي
سب ريجن، حيدرآباد.



گهڻن ڏينهن جي ڳالهه آهي، مان سير سواد جي سانگي، آباڻي علائقي (آتر) مان ڪجهه اچي بدين رسيو هوس، جتي تنهن زماني ۾ محترم شمشير الحيدري ۽ عزيزم اختر رضوي پڻ سڪونت پذير هئا. ۽ سنڌ جو پراڻو صحافي خواجه "شمس" مرحوم به اتفاق سان آئي اچي نڪتو هو. هن چوواريءَ جا چار ڏينهن، جن مزيدار محفلن ۽ قربائتين ڪچهرين ۾ گذريا، سي تاقيام وسرڻ جوڳا نه آهن.

شمشير صاحب، جو هميشه ادبي شغل جو شائق پڻ رهيو آهي، تنهن جي تحريڪ تي هڪ رات مشاعري جي محفل قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ ٻين دوستن کان علاوه لاڙ جو سرمور شاعر "مولانا احمد ملاح" به

اچي شريڪ ٿيو هو، جنهن لاءِ مان انهن کان آتو هيس ته ڪڏهن اها سڌوري ساعت ايندي، جڏهن لاڙ جي انهيءَ لاکيڻي لال جي ديدار کان دل جي ارمان پوري ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿي رهندو.

مشاعري ۾ جيتوڻيڪ نهايت مختصر شاعر شريڪ ٿيا، ته به مولانا جي موجودگيءَ کان ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو، ڇڻ ته شاعرن جو ڀرپور تعداد شرڪت ڪري، مشاعري جي محفل ۾ ساري ڪمي جي پورائيءَ سان، نورائي جو هر غم ۽ احساس دلين تان دفع ڪري رهيو آهي.

مولانا، هڪ ئي وقت سنجيده، مزاحيه، عاشقانه، عارفانه، قلندرانه ۽ مولويانه انداز ۾، مختلف اشعار گوهر بار پڙهائي، حاضرين کان خوب داد ۽ تحسين حاصل ڪري، رات جي رنگين محفل کي وڌيڪ رونقدار ڪندو رهيو. اهڙيءَ طرح مشاعري کان علاوه، ڏينهن اڌ ۾ مولانا سان ڪي گهڙيون گذاري، مان چند خوشگوار ياديون پاڻ سان کڻي، واپس پنهنجي ماڳ روانو ٿيس.

مولانا احمد ملاح نه صرف لاڙ تائين محدود آهي، بلڪ هن جي هستي سڄيءَ سنڌ ۾، لماري جي لائين، ڪيرولين جي منالن، اٺب ۽ لم جي ٻور جي سرهاڻين جيان دلپذير ۽ وسيع آهي.

هو، جهڙي طرح شاعرانه حيثيت ۽ عظمت رکي ٿو، تهڙي نموني سندس شخصيت به عظيم آهي. هن پنهنجي ڄمار ۾ جنهن خلوص ۽ محبت سان پنهنجي عزيز

وطن سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ، هر بدعت ۽ برائيءَ خلاف آواز آٿاري، وقت بوقت پنهنجي جادو بيانيءَ سان سنڌي عوام کي سجاڳ ڪري، نيڪيءَ جي رستي ڏانهن گامزن ٿيڻ جي همت ۽ تقويت پئي بخشي آهي، تنهن جو هر بيان بي پايان آهي.

لواريءَ ۾ نام نهاد ڪعبي جو معرڪو هجي، يا پنجاب ۾ نقلي نبيءَ جو ورود، ميمڻ موسيٰ جو سحر سامري هجي، يا بدين جي مظلوم مسجد جو معاملو. غرض ته هر موقعي ۽ مرحلي تي جتي به ۽ جڏهن به سنڌ جي ابوجهه عوام کي طاغوتي طاقتون، پنهنجي گمراهه ڪندڙ اوڙاهه ڏانهن گهليندڙيون سندن سمجهه ۽ سچ جي بيڙي سير تي آڻيندڙيون رهيون آهن؛ تڏهن مولانا موصوف سربڪف ۽ ڪفن بردوش ٿي، نهايت بيباڪيءَ ۽ بي حجابيءَ سان انهن جو مقابلو ڪري، ڪين هرحال ۾ نامراد ڪندو رهيو آهي؛ جنهن لاءِ ڪيس ڪيتري دفعا پنهنجي مصيبتن جي نزول کان علاوه قيد و بند جون ڏيل ڏکائيندڙ عقوبتون به ڏسڻيون پيون آهن، ته بعضي پنهنجي حياتيءَ تان آسرو پلي ڇڏڻ جون ساعتون به قريب ٿيون آهن؛ مگر هن مجاهد ۽ بهادر انسان جي دل و دماغ تي انهن جو ڪوبه زهريلو اثر پنهنجي ڏاڪ نه ڄمائي سگهيو آهي ۽ هي اڳي کان اڳرو ئي وڌي پنهنجي حريت ۽ حميت سان وطن ۽ قوم کي پنهنجي بلند شخصيت جهڙان بلنديءَ جا پيغام پهچائيندو رهيو آهي.

مولانا اهو عام انسان آهي، جو قدرت جي وديعت طفيل هڪ طرف بي عديل شاعر آهي، ته فطرت جي رغبت مهابي ۾ پاسي رنگين طبع عاشق به آهي ۽ هر حالت ۾ شخصيت ۽ شاعري پنهنجي معيار ۾ مينار جئان مقدس ۽ تابناڪ رهي آهي.

هن عشق ڪيو آهي ته پنهنجي عظيم وطن سنڌ ۽ هر دلعزيز قوم سنڌي سان ڪيو آهي. جن اوائل کان هر بي گهر کي امان، هر نادان دوست کي معافي ۽ هر داناءِ دشمن کي شفقت ۽ نعمت سان پئي نوازيو آهي.

هن جو عشق پنهنجي غير فاني ۽ لاثاني رسول سان پئي رهيو، جنهن هن جي روح کي سڪون ۽ ايمان کي تازگي بخشي، ڪيس سنڌ جو هڪ مايه ناز ۽ محبوب شاعر بڻائي ڇڏيو آهي.

هي شخص هڪ قلندر صفت ۽ منصور طينت، باطل جي هر اڙانگوڙي ۽ ارڏائي جو مدمقابل ۽ آن جو سدباب ڪندڙ اهڙو سورهيه سچار آهي، جنهن جي بيداغ ذهن ۽ بيدار ضمير کي طرحدار زماني جي سياهي جي ڪابه زنگ لڳي نٿي سگهي.

مولانا جي شاعري، جهڙي سادي ۽ سليس زبان ۾ دل نشين آهي، اهڙي حقيقت بياني ۽ خوش اسلوبيءَ جي ڪري روشن ۽ رنگين به آهي. ڪنهن به ملڪ ۽ علائقي جي زبان، فضيلت مآب پير حسام الدين راشدي جي قول ۽ فڪر موجب: ”زيستائين تابنده ۽ پائنده ٿي نٿي سگهي، جيستائين آن ۾ اهڙا عوامي شاعر نه

پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجن ماحول جي ترجماني ڪندي پنهنجي مادري زبان جو اصل ۽ صحيح انداز بيان نه اختيار ڪيو هجي.* انهيءَ لحاظ کان مولانا جي شاعري نقد و نظر جي ميزان تي بلڪل پوري اچي ٿي، جنهن جو ثبوت هيٺين سٽن مان ملي ٿو.

....

ارم ۽ نـــ، آرام ان ريءَ اچـــم،
پــريــن پـار پهچان ڪـري پـــر پـــڪ.

....

برهه دل پريان ڪٿي بيمار ته به بستر مٿي،
انتظاريءَ ۽ اچـــا، اکڙيون نماڻيون ذرات اڏ.

....

پنڌ پرين جـو پراهون، پـر هڪيڙا ڪـول پـر.
پرپرڙو پنڌ، پـر پيغام پهچي ڪنهن بـــ پر.

....

ناهيان ليڪن رکـــو تنهنجي نهوڙيـن نازنين،
منهنجي اکين ڏي به البت آهه آخر ڪي قدر.

....

ڇم ڇم ليمي جهڙ جهڙ جهمي،
آکهه کهمي کٿي ميٺان جي.
هـو وســي وچـــپر ۽ ولهارن،
پل جهلي هـــن ڪار ڪـــر.

....

عشق جي آڙاهه ۾، اوڙاهه آڏا لک عميق،
ٻار چاڙهي رب تي ٻاڙي، بحر بندر ڪان لنگهيس.

....

واهه موقعو اڄ ملڻ جو، واهه باغن پاس ٻوند،
واهه ساوڻ ساوڪون، تو ڪينءَ وٺي ڪارو قحط.

....

ان پنهين وارن ڪي ٻانيم، ٻي شبهه ڪريو بلا،
سڀ چڱي ساڳيا مگر، سڀ ڪي سپاريس ڪنهن لحاظ.

منهنجي مرضي آهه تان، ملنم محب ميرا متقي،
رب ڪري جنهن آن ۾ راضي، دوست دلبر هون شال.

....

درد دوري جا دونهان دل تي چڙهيا هيا دير ڪان،
دوست ڏيکيندي لٿو اڄ قلب تان منهنجي ڪلف.

....

وڇڻءَ ويلي ورڻ جو ساڻ ويڙهيچن وڇن وچ ۾،
عمر وٺي ڏسان ٻاتون وري ڪي شال وانگيڙا.

....

هر ٻڪي ٻانڌي ڪنان ٻر ۾ ٻچاڏون ٿو ڪريان،
ڪر خبر ويئم وساري ٻيا سڄڻ سارئم ٻيا.

....

گهور تنهنجي جا ڪليلا هر گهڙي گهائن پيا،
نمڻ ڪنندي دم خلق ڪي ڪمن ۾ ڪائن پيا.

....

ھٿ کھڻيو گوندر نہ کھوڙا،
ھٿ نہ ڪڍجن جي کھڻي۔
دل فڪر ڦوڙائي ھ،
ڳدري جي ڦارن جھڙن ڦٽي۔

....

ادا اوڻي عجيبن ساڻ، ڪج احوال اي اول،
تہ تو ڏاران نہ پيا ڏارون، دوامن تي دوامن تي۔

....

مزو آھي مٺائيءَ ھ،
مگر ماڻھن ھٿان تنھنجي۔
وٺيون وھہ جون وٺي،
وھسي پيان پيو آسري اھنجي۔

....

پڌان پنوُرن جي پوپٽون،
نہ ھٿ ھا ھا نہ ڪا ھئون ھئون۔
نڪا مون مون نڪا تون تون،
ڏي رھبر نہ راھون ڪو۔

....

جدا ٿي مَ جھري جڙيا، يار جاني،
ڪندي دوست تو ڏار ڪھڻي دل ديواني۔

....

ڪھر آئون ڪير تون ير قلب ڦاٽو سھن قضا،
ست ميٺيءَ جي تي ملڻ جي مھرباني تو ڪئي۔

....

گل هجن گلزار ۾ گڏ پاڻ هٿ هٿ ۾ هجي،
باغ ۾ بوندون وسن تو ساڻ هٿ، هٿ ۾ هجي.

....

ڦرب وارن ساڻ ڪيڏو ڏس ڪيو هاڃو حبيب.
ڪن ڪنان ڪاڪل ميٺي، ڪنهن ڊول سان ڊاري وڌا.

....

مٿين مختلف، مگر مختصر سٽن ۾ جيڪي شاعريءَ جون بهترين خوبيون ۽ نازڪ ترين وصفون مثال طور پيش ڪيون ويون آهن، تن مان مولانا جي معياري شاعريءَ جون خوبصورت تشبيهون، حسين استعارا ۽ دلپسند منظر نگاري چوڏس چنڊ ' وانگي عالم آشڪار آهن. هنن ۾ پون گهڻين ساڻ گڏ جيڪا تجنيس حرفي ترتيب ڏنل آهي، سا سندس طبع جي بي انداز رواني چٽيءَ ريت اجاگر ڪري ٿي. اهڙين خوبين ۽ مزيد خوبين جو مالڪ هر شاعر جي حصي ۾ مشڪل سان ايندو آهي. ۽ جيڪڏهن خوش قسمتيءَ سان ڪو شاعر انهيءَ نعمت سان مالامال ٿئي ٿو، ته مولانا جي شاعرانه عظمت ۽ صورت تائين آن جي رسائي عبث سمجهي وڃي ٿي.

مٿي چاڙايل سٽن ۾ مولانا جا آخرين ۽ اولين ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي، سا آهي سندس بيان جو اهو بي مثل انداز، جنهن موجب هن سنڌي لفظن کي غير سنڌي لفظن جي ملاوٽ سان هڪ جهڙو بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نه رهائي آهي.

حقيقت ۾ صحيح شاعري اها ئي آهي، ته ڌاريا لفظ جيڪي تهذيبي قبر ڳهر سبيان سنڌي زبان ۾ تمدني حيثيت اختيار ڪندا پيا وڃن، تن کي اُنهن پنهنجي اصلوڪي ٻولي ۾ آڻي بيهاريو وڃي، جيئن ڪابه اجنبيت معلوم ۽ محسوس نه ٿئي. اها ئي پنهنجي ادب ۽ زبان جي وڏي ۾ وڏي خدمت آهي، جنهن جي سرانجاميءَ لاءِ هر شاعر کي ذميوار ٿي رهڻ کپي.

هي تمثيل مولانا جي غزل واري صنف مان لکيا ويا آهن، هاڻ ڪجهه نظم جي باري ۾ عرض رکجي ٿو.

ڏيان رهي ته شاعري ۾ غزل ۽ نظم ٻه الڳ صنفون آهن، جن جو پنهنجو موضوع ۽ ميزان ٿئي ٿو.

غزل ۾ هر شعر، پنهنجي جاءِ تي پنهنجو مقصد رکي ٿو، جنهن ۾ هڪ ئي وقت خوشي، غم، هجر، وصال، روئڻ، کلڻ ۽ اهڙن ٻين متضاد ڳالهين جو تذڪرو آڻي سگهجي ٿو. آن جي ڀيٽ ۾ نظم وري اهڙي شيءِ آهي، جنهن ۾ صرف هڪڙي ئي موضوع تي اول کان آخر تائين کي خيال، واقعا وغيره قلمبند ڪيا وڃن ٿا. اهو فرق اهڙو ته ڏکيو آهي، جو سڀون مان ڪو هڪ اڌ شاعر پنهي طرفن سنهن ڏئي، ٻاڻ کي شاعرائي صناعي ۾ مڪمل بڻائي ٿو، نه ته باقي خيريت ڏسڻ ۾ آهي.

هتي نظم جا ڪي بند ڏجن ٿا.

ڪانئي ڪانيان ڪيترو ڏاتار تنهنجون ڏاتيون،
مينهن وسائي مند تي دانا اپائڻ ڏاتيون،
ڏات ڏاتن مان ٿهي جنهن مان جڙن ڪئي ذاتيون،
خان خادم خيرشر، قربان قدرت تان ٿيان.

....

هر زماني هر زمين ۾ ڪارگر قابل ڪروڙ،
ڪئي شيون ميڙي ميلائي ڪا جڏي جوڙين جوڙ،
ڏهه دفعا ڏينهن ۾ ڦٽي، تختو نه تختي سان توڙ،
ڪين مان ڪن سان ڪرين ڪم ڪار تون هڪ ٻيو نه ڪير.

....

بندن ٻچڙن جي بدبختي ڏسون ٿا،
سخي رب سان سندن سختي ڏسون ٿا،
ڪبر ڪان بنهه ڪيترن ڪاهه تي ڪاهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

....

رب بگر بگڙن پيا بگڙين پلي پيا بار بار،
موٽي جي محتاج ڪان مون لاهه بس جيترو جبار،
پاڪ ڪلمين سان منهنجي قوت قوت ڪاربار،
آهه "احمد" جو احد، الله هڪ ۾ اعتبار،
توڙ ڏاتين تنهن نه واڳور وار هو، ڇا تو نه سٿو.

....

نظم ۾ جنهن دل آويز پيرايي سان مضمون بندي ڪئي ويئي آهي، ان جي مشاهدي لاءِ مٿيان چار بندي ڪافي سمجهندي، هاڻ هڪ مولانا جي ٻي نج سنڌي صنف ڪافي

بابت مختصر بيان ڪجي ٿو.

ڪافي اسانجي سنڌ جي اها اوائلي ۽ نرالي صنف آهي، جا بقول محترم مخدوم محمدزمان 'طالب المولي': "سنڌي شاعري جي اها موسيقي آميز ۽ فن آموز صنف آهي، جنهن کي سنڌي زبان لاءِ مٿي جو موڙ چئجي، ته به وڌاءُ نه ٿيندو. ان عجيب ۽ پرڪيف شعري صنف کي پوريءَ طرح نڀائڻ هڪ وڏي ڪمال جو ڪم آهي.

مولانا، هن فن ۾ به واقعي پنهنجي شاعري جي ٻين صنفن جيان نهايت ڪاريگريءَ سان تڪميل تي پهچايو آهي، جئن هيٺ ڄاڻايل نموني ۾ آيل آهي:

....

سگهو موٽ سوڍل سياڻا سماڻا،
پلنگ تي ٿيا پٺي، تو پچائا پراڻا.
اچي منهن نه موٽيو، نه ماڪي نه مصري،
پيا درد دل ۾ هٺي ناني نسري،
ويم هـاڻ وسري، وهاڻا وڇاڻا.

....

چنيسر چڪيم چاڪ چايو ٿي چايان،
پلا رک پرم پاڪ پايو ٿي پايان،
ڇڙي ڪين ڇرخو ڏنم چاڪ امن چاڪ،
مڙئي ملڪ تي مينهن، موٽي وسي ماڪ،
مٿو اڄ مٿي خاڪ، لايو ٿي لايان.

....

صبا چنچ سانگين کي ساري سنڌھا،
تہ چِٽ ۾ چتاءِ کان پوءِ چاڪ چيھا،
نير ۾ نماڻي رهي روح ۾ رنـــل،
ڦٽي رات ڦـوڙاءِ آئـي اسر وسـل،
چون ڪـي چٽيون ڏيل چنبول چڙھا.

....

نڌر نند نڀاڳي سان ڪاجا ڪار ڪيو،
سنجھي سات ويو مون صبح سار ٿيو،
وڏي ڪا بلوچن کي پوري پڄڻ جـي،
مگر آس مون کي منت جي مڃڻ جي،
نہ آهي وڃـڻ جـي اڄـان آس ويئي.

....

متين ڪافين ۾ جنهن نماڻي نوع ۽ آسائي رنگ ۾ شاعر پنهنجي اندر جون آهون آندريون آهن، انهن جو اثرائتو انداز ڪيرولهن جتان سوادي ۽ ڪير پڙهن جتان مزيدار پيو لڳي. سچ پڇ تہ مولانا جي شاعريءَ تي مڪمل تبصري لکڻ لاءِ ڪنهن مختصر مضمون قلمبند ڪرڻ بجاءِ، مڪمل ڪتاب جي ضرورت آهي. هتي طوالت جي لحاظ کان چند اشارا ڏئي، مولانا موصوف جي شاعري ڪمال ۽ ادبي جمال جون ڪي جهلڪون پسايون ويون آهن.

مولانا هملتائين ڪافي ڪتاب لکي چڪو آهي ۽ اڃا پيو قلم فرسائي ڪري؛ جو سندس شخصي بلندي، ذهني خلوص ۽ شاعرائي تاثير جو زنده ثبوت آهي.

سنڌس جديد فن جي مختلف ۽ مشڪل موضوع ڪان علاوه مولانا سڀي حرفي وغيره جهڙي دقيق ۽ دشوار لوڪ ادب ۾ ٻه طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو، جنهڪي محنتون ٻه سنڌس ڪاميابيءَ جو نشان آهن.

مولانا ملاح شاعريءَ جي هر وصف سان موصوف هجڻ جي ڪري قرآن شريف جو ترجمو ٻه اهڙي قابليت ۽ قدرت سان ڪيو آهي، جا سنڌس ۽ صرف سنڌس ٿي نصيب ۾ صبح جي ستاري جيئان چمڪي، سنڌي زبان جو مستقبل روشن ڪري رهي آهي.

انهيءَ حقيقت جي بناء تي، مولانا جي شاعري واقعي سنڌي زبان ۾ پيغمبريءَ جو درجو رکي ٿي. فقط

ديباچو

جيڪڏهن مولانا حاجي احمد صاحب ملاح کي لاڙ جو عوامي شاعر چئجي ته وڌاءُ بالڪل نه ٿيندو. هن جي شعر ۾ جيڪا رواني آهي، تنهن سندس مقبوليت ۾ اضافو ڪيو آهي. تجنيس حرفي ۾ ته مولانا صاحب ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. حقيقت ۾ مظلوم جي لحاظ کان مولانا صاحب جو ڪلام گهڻي ڀاڱي توحيد جو تفسير ۽ حضرت رسول ڪريم (ﷺ) جن جي تعريف ۾ آهي، پر منجهس مجازي مام به رڪيل آهي، هڪ طرف حقيقت جي ترغيب آهي، ٻئي طرف مجاز جو موه آهي. توحيد کي ڳائڻ سندس مشرب ۾ داخل آهي ۽ مجازي مام آن ڪري ته رکي، جو هو به هڪ انسان آهي ۽ انهن جذبن سان لبريز آهي، جيڪي لطيف احساس ڪري آدما ڪائڻ ٿا.

مولانا صاحب هڪ ٻرگو شاعر آهي، شعر ۽ سخن جي چمن ۾ چڱا ٻوٽا پوکيا اٿس، هاڻي عمر جي آن حصي ۾ اچي پهتو آهي، جتي ماضيءَ جون رڳو يادون حواليءَ جو سرمايو تي رهجي وينديون آهن. گهڻوئي ڪلام چيو اٿس. سخن جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس: غزل، ڪافيون، مسدس، مخمس، مربع ۽ مثمن وغيره بي انداز چيا اٿس. مضمون جي لحاظ کان

ڪلام کي هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:
(١) ناصحانو ڪلام (٢) عاشقانو ڪلام (٣) مدحيه ڪلام
(٤) طبعي ڪلام (٥) هجويه ڪلام ۽ (٦) توحيدي ڪلام.

مولانا ملاح صاحب جي ڪلام ۾ ڪٿي فارسي شعر جي اثر هيٺ مشڪل پسندي به آهي ته ڪٿي عام فهم ۽ سليس زبان به ڪم آندي اٿس. ڪافي ۽ غزل جي نغمگيءَ ۾ جيڪو فرق آهي، تنهن ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو اٿس. سندس غزل لاءِ جا ڳائڻا عام طور ڪافيءَ جي ڳائڪيءَ ۾ ڳائيندا آهن. غزل ۾ جيڪا اشاريت هوندي آهي ۽ مخاطب ڪرڻ واري سڌي انداز کان پاسو ڪيو آهي، تنهن کي اسان جي غزل گو شاعرن هونئن خيال ۾ گهٽ آندو آهي. مولانا صاحب به محبوب سان ڳالهين ڪرڻ ۾ اشاريت واري انداز کي ملحوظ نه رکي سگهيو آهي.

منهن ڏيکاريو مهر سان، ڪنهن مهل منظور نظر!
هين نظر جي منتظر تي، ڪر نظر نور نظر!

مولانا صاحب مجموعي طور زير اضافت جو تمام گهٽ استعمال ڪيو آهي، سندس ڪلام جو اهو حصو ئي مقبول ٿيو آهي، جيڪو فارسي ترڪيبن کان آجو آهي. نج سنڌي ٽوڙي عربي ۽ فارسي قافيا به خوب نڀايا اٿس، مثال:

موڪلو محب مون ڏي، اڄ وري خط خوش نمط،
ڏاريان سڀ ڏار ٿيا، هٿ هيڪڙو آهه فقط.

واه موقعو اِج ملڻ جو! واه باغن پاس بوند!
واه سانوڻ ساوڪون! تو ڪيئن وڌي ڪارو قحط.

ساڳي طرح وٽس رديف به انوکا آهن. ڪي رديف چئن پنجن لفظن وارا به آهن، جهڙوڪ: "هٽ هٽ ۾ هجي،" يا "خلق خستي تنهن مٿان" ڪٿي تڪراري قافيا آندا اٿس، جئن هـِن "بياض" ۾ آيل غزل نمبر ٣٩ جا "پيامن تي، پيامن تي" وغيره.

مولوي صاحب جي ڪلام جو ڪو حصو مرصع ۽ مينڪاريل آهي. اندروني قافين جو جڙاءُ به چڱو ٻيهاريو اٿس. حقيقت ۾ سندس طبع ۾ اهڙي صنعت گري آئم درجي موجود آهي. هـِن بياض ۾ ڪئي اهڙا مثال موجود آهن، جهڙوڪ:

دل سڪي دلدار ڪي، ديدار ڪي، دربار ڪـي،
يار گل رخسار ڪي، گلزار ڪي، گل نار ڪي.
واه صورت جي صفائي، واه سيرت جي صفت،
آه اکين ٺـار ڪـي، ابـرار ڪـي، آذار ڪي.

مولانا ملاح، لاڙ (ضلع بدين) جو شاعر آهي. ظاهر آهي ته زبان آها استعمال ڪندو، جيڪا هـو ڳالهائي ٿو، جيا روزمره جي گفتگو ۾ ڪم اچي ٿي. سندس ڪلام ۾ نج لاڙي محاورو ڏيکاريل آهي، تصنع ۽ بناوت جي بوء به نه آهي. سندس ڪلام ۾ نج لاڙي لفظ ۽ نج لاڙ جا آچار جابجا ملندا، "ڪاڻ"

بدران "ڪيئن" ۽ "اوهانجي" بدران "آهنجي" جو عام جام استعمال ڪيو اٿس:

جيئين جاني! جڏو آهيان، جيان پيو آسري آهنجي،
پين نسخن ڪنان نفرت، نيان پيو آسري اهنجي.

مولانا صاحب ملاح جو ڪلام مضمون جي مدنظر "سڪ جوسمر" به آهي، محبوب ڏانهن روح جو راهو، ملڻ جو اشتياق، حالات جي ناسازگاري، مخالف قوتون، هجر جا ڳوڙها ۽ وصال لاء واجهائڻ واريون سڀئي ڪيفتيون پوري جوش سان ڪلام جو سينگار آهن. محبوب کي ياد ڪري چوي ٿو:

سگهو لهه سڄڻ! سار ساريان سنيارڀان،
گهنگهر ۾ گرفتار، گهاريان گذ ريان.

آن محبوب جو ديرو پنهنجي دل ۾ ڏسي حيران ٿو ٿئي. ان دوست جا مٺا ۽ وڻندڙ آلاپ ٻڌي چوي ٿو:

دل سنجهان تنهن دوست،مون سان اوچتو آلاپ ڪيو،
جا بجا ڏور سر جنهن لاء، جر، جهنگ جُوجو،جو بجو.

ڏٺيءَ جي قدرت کي ساراهڻ لاء مولانا صاحب وصف بيانيءَ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. مالدارن جا سڏ ۽ سنهن جا ساندياڻ ڏسي ان سان مؤثر نتيجا ڪڍي ٿو: هن بياض ۾ اول غزل (٢٣) ۾ [جنڪو مضمون جي لحاظ کان غزل نه سڏبو] ۾ اهڙي روحاني

مسرت جو اظهار هڪ طرف آهي ته فطرت جي حسن جو ذڪر ٻئي طرف ۽ پاڪين جي پاڻن جو بيان ٽئي طرف آهي: انهن ٽنهي ڳالهين کي هڪ هنڌ آڻي، رب ڪريم جي قدرت جو بيان ڪري ٿو:

اڄ ته باغن ۾ بهاريون، واه قدرت رب ڪريم،
اڄ ته ملڪن تي ملهاريون، واه قدرت رب ڪريم،
ڪار پٺيان ڪار ڪرن، ڪيترو ڪاهون ڪٺيان،
ڪر اچن ڪونجون قطارون، واه قدرت رب ڪريم،
وس ٿئي واسي وريا، واسيا وليون وڻ ٿڻ ولهار!
ٻوه ٻهڪن، ٿوه ٿاريون، واه قدرت رب ڪريم!
واه چينگارون چڙن جون، منجهه چلر چوڌاري چرن،
ڪٿين ڪٽڪيون، ڪنڌيون ۽ ڪاريون،
واه قدرت رب ڪريم.
ڳاه ڳوڙي ڪان لنگهي ويو، ڪيهه ڪهاڪهر ۽ ڪهڙا،
ٻرهيون ٻهڪن، ٻنگاريون، واه قدرت رب ڪريم!

مٿي آيل شعرن ۾ رکيو صنعت، تجنيس حرفي جو جيڪو جڙاءُ آهي، سو نهايت وڻندڙ آهي. مولوي صاحب جي اها خصوصيت سندس قادرالڪلاميءَ ۽ بي ساختگيءَ جو هڪ ڪليو ثبوت آهي. بيشڪ لاڙ جي موجوده شاعرن ۾ ۽ سنڌ جي عوامي شاعرن ۾ مولانا احمد ملاح جو درجو مٿاهون آهي. اسان جا محقق ۽ نقاد مولانا صاحب جي ڪلام کي جديد شاعريءَ جي رجحانن تي ته، پر عوامي شاعريءَ جي قائم ڪيل روايت تي پرکيندا ته اهو پڌري پٽ ظاهر ٿيندو. مولانا صاحب پنهنجن جذبن، احساس، تجربن

۽ مشاهدن جو ڪليو ۽ بيباڪاڻه اظهار ڪيو آهي ۽ ان ۾ گهاٽي، واڌيءَ جي گنجائش نه رکي اٿس.

منهنجي مٿين تحرير ۾ مون مولانا صاحب جي ان ڪلام تي ڇاڻي پڇهي نه لکيو آهي، جيڪو سياسي ۽ مذهبي نوع جو آهي. انهيءَ لاءِ هتي ايترو ڇاڻائڻ ڪافي ٿيندو ته اهڙو ڪلام سندس ڇپيل مجموعن جهڙوڪ: ”هيڪڙائي حق“ ۽ ”فتح لنواري“ وغيره ۾ اچي چڪو آهي، اهو ناظرين جي نظر نواز ٿيو هوندو. مولوي صاحب جي تصنيفن ۾ ”معرفت الاالله“ هڪ معياري ڪتاب آهي، پاڻ قرآن مجيد جو ”سنڌي بيتن“ ۾ ترجمو به ڪيو اٿس. هي بياض سندس ڪلام جو هڪ حصو آهي، جنهن مان سندس ڪلام جو نمونو پروڙي سگهجي ٿو.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو اسان جي بزرگ مولوي عبدالله جوڻيجي صاحب هي ڪم پاڻ تي هموار ڪيو آهي. هن صاحب ڪتاب جي ديباچي لاءِ منهنجو انتخاب ڪيو، تنهن ۾ ڪا رمز رکيل آهي، ڪو اشارو رکيو هوندن ته پاڻيان نه آءٌ به پڙهن جو آهيان ۽ شاعر جو نه رکيو پاڙيسري آهيان، پر شعر و شاعري سان شوق به رکان ٿو. پاراڻيءَ وهيءَ کان وٺي مولانا احمد ملاح صاحب جي ڪلام کي پڙهندو آيو آهيان ۽ اڄ سندس ڪلام بابت چند ٽڙيل پکڙيل خيالات کي يڪجا ڪيو اٿم. فقط

٢٨ فيبروري ١٩٦٤ع عبدالجبار جوڻيجو

يونيورسٽي ڪئمپس ڄامشورو. ليڪچرار، سنڌ يونيورسٽي

بياض احمد

پاڳو پهريون

(١) غزل

تون چڱو، تنهنجون چڱايون، ساڻ چڻ پڻ ڳائيان،
پيچ پنڙي رات تنهنجا، پال پڻ پڻ ڳائيان.
تون سوايو، تو سوا سڀ هٽ، ٻه سڀ، لُڙ مون نه سٺو،
تنهنجو رڳ رڳ ۾ رڳوئي، راڳ رڳ رڳ ڳائيان
اڀ اڇو چاليو اڀرن، اڇراند اڇڙو اڄ لڳي،
هت ڪيوي ۽ هت ڪيوي، ڇا ڪمل ڪڻ ڪڻ ڳائيان.
ٻولر "ٻون ٻون" باغ ۾ ڪن، ٻون منجهان ٻون ڦوڙ ڪوڙ،
ٻٽ ڇيهو، ڏيڻ ٻٽ ڇيهو، ڇيهن جي ڇڻ ڇڻ ڳائيان.
تنهنجي تسبيح ٿو پڙهان، سبحان تيري صاحبي!
جهنگ، جر، ٻٽ، جوهه جبل، جهونگار جهڻ جهڻ ڳائيان.
ذات طوطن جيئن تنهن تون، تون ڏاڙن جيئن تنوار،
ڪونجڙين جيئن ڪرم تنهنجا، ساڻ ڪڻ ڪڻ ڳائيان.
ڪر ڪٽان ڪراجي لهين ڪر، تنهنجي ڪرمن جي ڪري،
تنهنجون ڳالهيون ڳوٺ ڳائيان، تنهنجا ڳڻ ڳڻ ڳائيان.
آهه "احمد" عهد ڪان، تو هڪ احد جي آسري،
تون سڀاجهو سڏ ونهون، سڏ منهنجو سڻ سڻ ڳائيان.

غزل (٢)

گل بهشتي باغ جا، مون لئي بنا تو ٻر ٻلا،
دل سندم کي ڏي دلاسو، دلربا، دلبر! ٻلا.
ڇا سچو! تو کان سوا، سک کي ڪريان، ڇا ساهه کي،
تو بنا مون کي مرض، ماتم، مرڻ، محشر ٻلا.
منهن پسائين، جي مون کي، تا عجب! مرڳوڻي ملوڪ،
ٻر ڏکا ڏوهان ٻه دائم، دوست! تنهنجي در ٻلا.
ڀا ڪٿي، جي خان چونم، ته ٻه نه ٿئي خوش دل خليل!
تنهنجي ٻڻ ٻڻ ٻم لڳن، ٻيڪس ٻندا، بدتر ٻلا.
ڇا ڪندين منهنجي ڪهولاه، پيو ڪٿڪ ميڙي قريب!
گرز غمزا، تير تارا، لاڏ جا لشڪر ٻلا.
عجب موچارا! ڪٿئي موتي چوڻ، گل، مهر ماه،
ٻڻ سڏڻ تو کي سچو! سائين سدر، سرور ٻلا.
عمر "احمد" جي سچي، آئي اوهان جي منجهه، آداس،
تنهن کي پيشاني پسائين، پاڪ پيغمبر! ٻلا.

غزل (٣)

دوست دلبر! تنهنجي دهدن، داغ دل ڏاري وڌا،
مرض محبت، ماري، مشتاق مڙ ماري وڌا.
هڪ حسن تنهنجي اڳي، هينئڙي سندم سان ڪيو حشر،
پيو سچو سرمان وري، صورت کي سينگاري وڌا.
قرب وارن ساڻ ڪيڏو، ڏس ڪيو هاڃو حبيب،
ڪن ڪنان ڪاڪل سٿي، ڪنهن ٻول سان ڊاري وڌا.

ڪنڌ پچي ڪارڻ اکين جي، ڪان چوڙيا ڪي قريب،
تن سندم سنڌ سنڌ الدر، سوراخ سؤ ساري وڌا.
جان جند، جيرا جگر، سڀ جسم جهوريو م پيام،
ڪنهن وڇوڙي جي وراڪي، ويڌ وڌ واري وڌا.
باهه لائي وينءِ لنگن م، منجهه لڪ لائون لڳيام،
پان پاروچل! سڌڻي، پارڻ مٿم پاري وڌا.
اگ سڄو "احمد" نه آهه، پٺم اڌ اڌ ئي اندر،
قرب جا آڏي قلب م، ڪات ڪوهاري وڌا.

غزل (۴)

ڦٽو سڪ سومرا! منهنجو، سڄي سارياءِ م سانگهڙا،
ڪڏهن اينڌم، وڃي وينڌم، منجهان ڪوٽ ڪانگيڙا.
حويليون، هار، هيرا، هس، حوالي ڪاڪ محلن جي،
جواهر، لعل، جهومڪ، جهوڙ، جهولاڻ نه جهانگيڙا.
وڇڻو وڇلي، ورڻ جو، ساڻ ويڙيچن وڃن ويڙ م،
عمرا وڃي ڏسان واڻون، ورن ڪي شال وانگيڙا.
پرم پاروڙين م پاڻمرا، پونگا پيٽ مٿي پيڙا،
پلا سون لاهه پاڳيڙا، پلما پاڻين، پانگيڙا.
سندم هن سونهن، صورت جو، سڏايو سومري کي جن،
پوي تن پر ڪاريو تان، ڏسن ڏنگيل نه ڏانگيڙا.
اباڻا اڄ نه اکين هنڌ، "احمد" ويا آئي آڪري،
ڪئي سارنگ، وئي مارگ، ويا ئي ماڳ مانگيڙا.

غزل (٥)

سال گذريا، شال گذرن، ڪنهن گهڙي تہ بہ منهنجي سوءِ،
ڏين مٺڙا مهڻا، پر مهڻا منهن چڙهي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
قاب ڪاڪل جي ڪڙي ۾، ڪيئن نہ قدمن ۾ ڪران،
هٿ ڪڙي ۾، پا هڻن، هٿ ۾ ڪڙي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
ديد تنهنجي عيد اهڙي، عيد در تي دم شهيد،
ڏي قتل، ٻاڌي قتل لئي، ڪا ڪڙي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
وِهہ نہ ماري مون پيارا! جيئن جيئن پيان، تيئن تيئن جيان،
تو هٿان ڪهڙي ڪڙي، ڳڙ جي ڳڙي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
اڄ مران آهنجا لئي ٻئي هٿ، اوهان ڏي اچيان،
هٿ گهڙي ۾، ٻوہ هٿ هٿ ۾ هٿ ڪڙي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
دوست! اڄ دربان سان، سر ڌڙ جي بازي دوبدو،
ٻوہ ٻڌي جي هي مڙهي، پا هو مڙهي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
حل ٿيا مشڪل ملڻ سان، ناهہ مشهور ئي سلوڪ،
حق چون، تو ٿي حقيقت هٿ گهڙي، تہ بہ منهنجي سوءِ.
هن ڪيو هيٺي سان هائو، ساهہ هائي منجهہ هڪ ئي
اڄ بہ "احمد"! جي اچڻ ٻلان لڙي، تہ بہ منهنجي سوءِ.

غزل (٦)

ڪالهہ قبرستان سان، ڪن پئي ڪهاڻي، تون بہ هٿ،
جيئن اسين پٽ ۾ پياسون، تيئن پڄاڻي، تون بہ هٿ.
مون سٽن ڪي ڪونيو، منهنجا تہو مهمان اڄ،
جي اچڻ اهڪو اسان جو، آرياڻي! تون بہ هٿ.

سرد شوڪارا پري، سيءَ ۾ سٽل سنهڙا ڏسي،
هن وڏي واڪي ڏنم، وو وو! وراڻي، تون نہ هٽ.
موٽ مڙني کي مٿي ٿي، منجهہ مٿيءَ هر ڪنهن مڪان،
منجهہ مٿيءَ منزل اسان ڪجهہ مهند ماڻي، تون نہ هٽ.
ڪالهہ صحبت صبح ٿائين، اڄ سلامن کي سڪن،
ورهہ واري رات واريءَ ۾ وهاڻي، تون نہ هٽ.
دوست! دنيا ۾ ڪري سگهندين نہ دائم دَور دم،
آيو آيو چاڻ "احمد"، اڄ صبحاڻي، تون نہ هٽ.

غزل (۷)

رمز، نہ ٿو رب جهڙو ملي، ڳولين جتي ڳوليندو وت،
ڪل خدائي هڪ خدا جي، اي خبر ڳوليندو وت.
ڇا منهنجا موتي ٻنين تون، سو مڙئي معلوم تو،
پوءِ نہ ڻئي قل! هار ساڃ، قلهار کي قوليندو وت.
مهر! مورت تنهنجي ڏاهي، مورتن جو ڪم نہ مور،
ڇڏ ڇڏل جهڙن کي نہ ٿي، ڇورا! ڇپر ڇوليندو وت.
ڇٽ ڇٽيهہ لکڻي جي جن ۾ سي، ڇٽيءَ ڪاڄ ڇٽ ڏئي،
جن ڇڏيو اولو سندس، سي اول جهڙن اوليندو وت.
پهر ڇا پٽ ڪير ڏهئي! اي شان پرور پاڪ جو،
مفت مفتي! مقبرن تي، راڄ ڪري روليندو وت.
ٽون ٽڪاڻي جو، ٽڪاڻو خود، ٽڪن تنهنجي منجهان،
ٽِپت ٽڪر ڏهيي ٽڪر لئي، ٽوليون ٽوليندو وت.

ورد ”احمد“! پيا اجايا، ڪل وظيفا ٻيا وسار،
قل هو الله احـــد جـــون، ٻوليون ٻوليندو وت.

غزل (٨)

ڳهڻ گلزار ۾ آهس، ته من جهوري لهي جهٽ پٽ،
ته ساڳي بيقراري باغ ۾، جهڙي اندر جهٽ پٽ.
صدائون ساهه کي سازي، ڳلن سر لڙڪ سڄ لاڙي،
ڀڪو اڏيم پرينءَ پاڙي، چون ٻاڙان ڀڪو جهٽ پٽ.
چڙهيان صحبت سڄڻيان ڪيئن، هنيئون هيرن سان هيرايا ڪيئن،
ته نيري نيڻهن نيهريان ڪيئن، لڳو ڪولوهه جو جهٽ پٽ.
جڏهن جهاپا جهمڪ جهوڙل، تو سان ڳالهيون ڳنهيون ڳوڙهل!
محبت آهه پٽ موڙهل، سڄڻ سمجهي ٻه ڪيئن جهٽ پٽ.
۾ ويهه، محبوب! منهن موڙي، وري جس ڪٽ جشن جوڙي،
اندر ۾ ويهه اکيون کوڙي، جتان جاني! وٺي جهٽ پٽ.
وڃن تن من طبل تيرا، جبل ڏسيو جلن جيرا،
پرين تنهنجا پسي پيرا، سڄاتم پوءِ صحي جهٽ پٽ.
ڪيا سڄڻن سنجهي سعيا، پرهه سان پير گهر پايا،
اڱڻ موڙي اگهه آيا، اٿي ”احمد“! اکيون جهٽ پٽ.

غزل (٩)

ساھ سالن کان سکي تو، ور! سپاجها ۾ سوجهه!
ياد ڪريو يار واھڻ، آب اکين سان اوجهه.
گل ڏسان، گوهر ڏسان گهر گهر گهمان، گوندر نہ گهٽ،
روح رانجهن ري نہ رهجهي، جيئن نہ رڄهن روجهه روجهه.
دور دلبر، دير کان، درشن منجهان ديدار کو،
سوجهري سانجهي، صبح، منجهه ساھ لائي سوجهه سوجهه.
آهه آجها! اوجهر اکين جا، لاھ آوجهڙ اوجهرا،
ڏس اجهو توري آجهن پيا، منجهه آجهورن اوجهه اوجهه.
سوپ سيڪائي صبر ۾، بي صبر يڪ جي ٻلي،
جهنجهه کهڙي جاجهه ۾، خالي جهجهن کي جوجهه جوجهه.
بخش "احمد" کي احد، اندر سندم آباد کر،
ٻاجهه ري ٻاجهر نہ ٿئي، ڏل ۾ ڏاڍن ٻوجهه ٻوجهه.

غزل (١٠)

حال ڪان بي حال آهيان، حال محرم هر طرح،
حال محرم! تو سوا، مون تي محرّم هر طرح.
او پيدا تقدير جن جي، تير کي آڏو ڦري،
کان تنهنجو خود قضا، قاطع مبرّم هر طرح.
ڪم کميئن حال کهڙو، کام کنهن کامل کشي،
محترم مقبول مولا جو، مڪرّم هر طرح.

سگ سڃاڻيءَ، ٻير پاڻيءَ، چست چاڻيءَ دوست! دل،
تو ڪرم ڪيڏو ڪيو، پر آهه اڪرم هر طرح.
سنهن ڏيکاري مهر سان، ماري وڌائي مشتاق ڪي،
تو ترم ۾ دان ڪيو، پر آهي اڌرم هر طرح.
گل املهه آهين، ڪ آهين، چمن جو آهيو عجيب،
ڪر رهائيون ريلڙين ۾، روح ۾ رم هر طرح.
دوست! ان درگاهه جـــو، آهيان دعاگوهه دائما،
شاد رهه، آباد رهه، خوشحال خرّم هـــر طـــرح.
تهر "احمد" مان آڪارين، ته به نه اڪ اڪ مان ڪيئي،
سنهن مٿي ڪاڏي وڃي، مجبور مجرم هر طرح.

غزل (١١)

دل دليلن ۾ سندم، پـــر دلـــربـــا دل شاد باد!
شـــاد دل، آزار دل، آبـــاد دل، آبـــاد بـــاد!
اوچتو اکرن انـــدر ســـان، آه فـــريـــاد و فغان،
ديد تنهنجي سان دلبرا! دانهن جو دم ياد باد!
دوست جي دم سان، قدم سان، ديد سان، ديدار سان،
دل سنـــدم آزاردل، آزار ڪـــان آزاد بـــاد!
اقـــتـــن وچ ۾ اڪيلو، آهـــيـــان دل انـــتـــظـــار،
ســـر اچڻ جو، گهر اچڻ جو، امر ۾ ارشاد بـــاد!
نينهن نهوڙيو آهيان، نت نت ڪريان ڪريو نهار،
يـــار جاني! ياد آهين، آئون نـــه تو کي ياد باد!

آءِ سچو! تنهنجا عجب، ابر ڪلان عيد جيئن،
عيد ڪن اکڙيون ڏسي، اهڙو اسان امداد ٻـادا!
آب روئي عرض ڪريان، آئـون پلين بـي آبرو،
آبرو سان يار "احمد" تان ابد آباد بادا!

غزل (١٢)

روح چئي ٿو رهه ته ڪريون، رس رهائيون رات اڄ،
قلب لائيون قلب سان، ڪريون ڪهائيون رات اڄ.
خاص خلوت ۾ خلاصا، ڪـر پلين ڪـامن ڏسي،
مجلسون مرضيءَ جي موجب، موج مائيون رات اڄ.
دوست درسن جو دلاسو، آهه ڏينهن ٻـن ۾ ڏنو،
سور ويندا سڀ سندين مان، سار سائيون رات اڄ.
باغ ۾ ڏينهن جو ٻيهڻ، بلڪل نه ڏئي ٿو باغبان،
منجهه اونداري مهل، ميوا چو نه چائيون رات اڄ.
برهه دل ٻـريان ڪئي، بيمار تـن ٻـيه بستر مٿي،
انتظاريءَ ۾ اجـا، اکڙيون نمائيون رات اڄ.
لڪ ٻه ٿو وٽ لڪ لهي، لڪ سال پئي لک وٽ نه لڪ،
پنج ڪوريون پائيون، يا پنج پائيون رات اڄ.
التجا اهي ادب سان، ترس "احمد" وٽ عجب،
سڀ اجائي عمر وئي، منجهه عيش آئيون رات اڄ.

غزل (١٣)

پنڌ پرين جو پراهون، پٽ پڪيڙا ڪول پر،
ڀرپور پنڌ، ڀير پيغام اچي، ڪنهن ٻه ٻر.
بي نشانيءَ جو نه نشاني، ڏج نشاني ننهن جي،
اِن ڀتي اَچ ڀانڊي! پر ڪري پٽ ڪيئن ٻه ٻر.
تن نماسي، من پياسي، پڪ پياسي ڪئي پيار،
ڀر هجي ٻر سان دل، ٻر ڀريرو شل! هوئي ٻر.
رَڏ ڪَڏائي رس م راڻا! رس ته ڪريون رس رهاڻ،
ڀرچ، ڀرچي ساڻ ڀر ۾، موڪلينم پيغام ٻر.
نور نيڻن جا! وهن نيڻن منجهان لڙ ڌار نير،
ناهه توکي هِن طرف، تـر جيترو ڪو ترس ٻر.
نيڻ واهي نور جيئن، جنهن ڏي ڏٺي، نيڻن مان نهار،
روڄ هولدس راڄ ۾، راڄا هجي، ڀـا راڄ ڀر.
آس "احمد" جي نه شل! آس اڇن، ٻا آس پاس،
ڏي اڇن جو آسرو، تو ۾ اٿم آسيون آڀر.

غزل (١٤)

بخت ڀانيان ٿو ته آهي، بد برابر ڪنهن قدر،
جيئن سڄڻ سرقل ٿئي ٿو، سخت مون سر ڪي قدر.
جيئن ڪرين محبوب! ماڻا تيئن لڳين ماڪهان مٺو،
آهي اِن شوخيءَ ۾ شايد، شهد، شڪر ڪي قدر.
اٿين ڪٿهان تو ڪهڻ، تان ڪن ڪات منهنجي ڪنڌ مٿان،
ٻاڪ آهيان خون ۾ خوش، ڪوڙ خنجر ڪي قدر.

ڪانه هئي ڪي ڏينهن لنگهيا، ڪڙڪڙ ڪندو قبرون جهڙن،
پيو وڃي سو اڄ اڄا، ارواح اندر کي قدر.
ناهيان ليڪ رکيو، تنهنجي نهوڙيئن نازنين!
منهنجي اکين ڏي به، البت آهه آخر کي قدر.
پاڻهي بيت الله پرون، تون ڏانهن ليٽيان ڪر نماز،
پر پڄهان قرآن جي قرءت، نه ڪنهن پر کي قدر.
مان نيسر منه جي، بن مِڙ ڪلمي معنيٰ مشتمر،
جي ڪرين محبوب! مان ڏي، منهن منور کي قدر.
عاجز هون "احمد" جون آهن، عمر ساري تو اکيان،
تون به مرڪي مهر سان، مون ڏانهن منهن ڪر ڪي قدر.

—

غزل (١٥)

منهن ڏيکاريو مهر سان، ڪنهن مهل منظور نظر،
هن نظر جي منتظر تي، ڪر نظر نور نظر.
لک لهان، يا ڪک لها، قيمت نه وندس تا قيام،
شال ڪن منظور مون، اي مزد مزدور نظر.
نير تارن جا اکين، بولين جي، پاڻ مان پهار،
دوستن لئي دوست ڏاري، ڏار دستور نظر.
هيتري ساري حياتي، هر نشو هوندو حرام،
پر نپس ميخان م اڄ، ڪنهن به مخمور نظر.
عمر ساري آهه زاري، عمر ساري انتظار،
مس ته مسڪين اڄ، مسرور، مشڪور نظر.

مٺتون، مٺڙيون مان لڳي، مشڪ سڀ منهن ۾ ته ميل،
مغز ماريئم ڪيترو، مهندان ٻيو مغرورِ نظر.
اک اشاري سان پڇيو، احوال "احمد" کان عجيب،
ڇا ڪجي منهن مان مٺا مسڪين، مجبورِ نظر.

غزل (١٦)

مينهن وسڻ جي مند آئي، مينهن مارئن پار ڪر،
ڪيل هن ڪڻن تي کيول جا، اِي ته پاسو پاڪر.
ڇم ڇم ڏسي جهڙ ڦهڙ جهمي، آڳم ڳهمي ڪئي مينهن جي،
هو وسي وڄ ۾ ولهارن، پڻ جهلي هن ڪار ڪر.
اڄ تران نانگ ناهي، ڪني وري نازن تنوار،
ڪر رکيو ڪر تي ڪڪر، ڏئي ڪنهن ڪاروڻيار ڪر.
ڇڏ ته مارئن سان ملان، مارين ماڙيون مير! مون،
ڪيئن قيامت ڏينهن ڪٽيندين، اِي ڪندي ڪم ڪار ڪر.
جهوليون جهڏيون سين ڇوليم، ڪاله پيرون پانڌ ۾،
اڄ لهي هي هي! نه هٿ ڪو، هيڪڙو هيڪار ڪر.
هٿ ڪٿون پاه! هٿ ڪٿو نبا، ڪين، ڪنهريون پيريون،
چام! چاريون چم اٿم، چاپس نه تنهنجي چار ڪر.
آئون عاجز آهيان، "احمد" ڪريان آهون اسر،
آسرو الله ۾، تون مر عمر! انڪار ڪر.

غزل (١٧)

دل پرايو درد کو، جان دوست! هن درکان لنگهيس،
آهه کئي اوچتي اچ، کان اندر کان لنگهيس.
مون وٽي مرشد، مٺي محبوب واري مست چشم،
قرب ماڻي قلب ۾، ڪامل قلندر کان لنگهيس.
دوست ديکي منهن سندوئي، دن پدل ٿي دين سان،
دور دنيا جي ڏنڏي، دک درد دنڊر کاڻ لنگهيس.
مِلڪ منهنجي مُلڪ والي! تو سندي محبت مدام،
سچ سچن! سامان ۾، صاحب سڪندر کان لنگهيس.
عشق جي آڙاهه ۾، اوڙاهه آڏا لک عميق،
بار چاڙهي، رب ٿي پاڙي، بحر بندرکان لنگهيس.
آج "احمد" چئي آئيم، ديکي اول دريا حسن،
پوءِ جليم ساهه جالي! جل جلندر کان لنگهيس.

غزل (١٨)

موڪليو محبوب مون ڏي، اچ وريخط خوش نمط،
ڏاريان سڀ ڏار ٿيا، هُت هيڪڙو آئون فقط
واه موقعو اچ ملڻ جو! واه باغن پاس بوند!
واه ساوڻ ساوکون! تو کيئن :وڻي کارو قحط.
واه چلکا چند چوڏهين! واه صورت سچ صبوح!
پر جڏهن جانب ڏٺم، ڪنگ کي اچي ويو پوءِ قط.
پاڻ پنهنجو مٹ پرين سو، کفر کونڻ پئي مثال،
سچ چوان، پا گل سمن، جيڪي چوان، سو سڀ غلط.

ڪان ڪڙ ڪيو قلب ۾، ڪنڌ ٻنهي اکين جي ڪنڌمان،
زلف زنگي رجان ڪيئي، سان زنجيرن ضبط.
وس پريان پورين، موں، ٿوڙي ڪتن، ڪانگن کي ڏين،
دم ڏيو در دوست جي، مون تي فرض اِي هڪ فقط،
آستاني تي اوهان جي، اڄ اچي "احمد" نه ٻيو،
روح جو توسان رانا! روز اول کان ربط.

غزل (١٩)

من موهجاري ۾ پيو، محبوب! ماريس ڪنهن لحاظ،
لڙڪ لارون ڪن ڳلن تان، لال! ڳاريس ڪنهن لحاظ.
ناهه ساعت شهر ۾ سک، سيج وِهاڻو سر مٿي،
آج، بکون پاڳي ٻيو، بر ۾ ٻهاريس ڪنهن لحاظ.
انتظاري ۾ اکيون، آهن اچڻ خاطر عجيب،
واهري ويرا مٿي، واٽن ويهاريس ڪنهن لحاظ.
ان پنهنجن وارن کي پاڻ، بي شبه ڪريو بلا،
سڀ چئي سانگا مگر، سڀ کي سپاريس ڪنهن لحاظ.
درد دربانن رسائي، چئوم در کان دور ڪهار،
هڪ ٻه وک پاسي وڃي، واري ٻه واريس ڪنهن لحاظ.
هن مٿي ۾ پئي مٿيون، مون تان مٿا پوه، لک مدون،
تون ڪڏي جانب! وري، جيءَ ۾ جياريس ڪنهن لحاظ.
ڪٿ نه هئو "احمد" عقل ۾، جو اچي وهٽي آڏو،
پر پيالو اي هٿن، پرين پياريس ڪنهن لحاظ.

غزل (٢٠)

بحر جي بازار ۾، سر جو هلي سودو سلف،
سؤ حياتيون هيڪڙي تير جي نقاوي ۾ تلف.
ڪن ڪڏو سينو جهليو، ڪي ڪان ڪکين ڪان پيام،
گهاءِ پريان جي گهور جا، سون کي لڳا ڪي مختلف.
عشق جي استاد اول، هي پٽي پاڙهي سون کي،
لام لاڻ زلف ڀانئج، عين اکيون، قد الف.
درد دوري جا دونهان، دل تي چڙهيا هئا دير ڪان،
دوست ڏيکيندي لٿو اڄ، قلب تان منهنجي ڪلف.
چنڊ، سج ۽ سون، چاندي، گل، گوهر، حورون، پريون،
حسن سڀني جو هٿي وين، حسن تنهنجي جو حلف.
ڏي اڏي تي آره "احمد"! جي اٿئي بوءِ عشق جي،
سر ڏين، سوري چڙهن، ثابت اِها سنت سلف.

غزل (٢١)

جيئي روح رهندو، اٿـي روز رک،
ڪيڏي قلب ۾ئي ڏي، قياماً نه ڪک.
سڀهنم ساهه هڪ سان، سوين ور سڪن،
ڇڱو ڪير چوندو، ٻهائي ڪـي ٻک.
سچل سال صف ۾، صفا ٿي ٻهن،
انهن جـا اجايا وڃـن ميٽ مک.
ارم ۾ نـه، آرام، آن ري اچـڻ،
پـرين ٻار ٻچان، ڪري ٻير پک.

ڏيکارين جن کي، ڏکويو ھجيم؟
مٺا! مفت مون سان، رکن ڪار ڪک.
وھي ورھ ٿيم، وات کھڙي وڃان،
نہ لانگھو، نہ ليکو، نکو لڙھہ، نہ لک.
ڪندي خرچ خدمت، سندن ۾ رسان،
نہ ليک دل نہ لوڙھيان، لڳن خواھہ لک.
احد ساڻ "احمد" جو، عھدو الست،
پيو جڳ پلين جام، ماري نہ جڪ.

غزل (٣٢)

يا خدا! ڪر خير، تان دم خواب ۾، خرھون شال!
آڏون ميلان محبوب کي، منجھہ مات مُنڪرھون شال!
جيڪي ڏيئن بدخواه مون سان، پر وٺيو پيڙا مدام،
تيڪن سچي ساڻم سدا، پيڙا تہ ٻي پر ھون شال!
مُلڪ پاڻين ٿا مٿو، منھنجو ملي محبوب سان،
ھن بندي کي ان بديءَ جا، بار برسر ھون شال!
منھنجي مرضي آھي تان، ميلڻ مُحب ميرا مٿي،
رب ڪري جيڪي، آن ۾ راضي، دوست دلبر ھون شال!
ويا جدائي کان جلي، جيءَ، جند ۾ جيرا جگر،
تيو ھلي جو وقت ھائي، ھوت حاضر ھون شال!
ساھہ گھوريو، ماھہ گھوريو، سر ورو، صدقي ٿيو،
ھڏ اچي سين ھوت جي، ھاڙي ۾ ھيڪر ھون شال!

هن حسن تنهنجي منجهان، هڪدم ڏني ڪا هڪ پچي؟
تو جها سهڻا ته سائر، ڪڍ سراسر هون شال!
عدو جي اکين ۾ آهيان، آهه ڪندو، تون گل گلاب،
هر گهڙي اي گل، ڪندو، ڪڏهن گوهرا! هون شال!
اڄ به "احمد" چئي چڱو ٿيو، جيئن اگهي آئين عجب!
پر منا! سون تنهنجا ميلا، ڏينهن محشر هون شال!

غزل (٢٣)

اڄ ته باغن ۾ بهاريون، واه! قدرت رب ڪريم،
اڄ به ملڪن تي ملهاريون، واه قدرت رب ڪريم.
ڇا ڏسان وچڙن وراڪا! ڇا ٻڌان گجگاه گوڙ!
ڇا هوائون هير واريون! واه! قدرت رب ڪريم.
ڪاله سڪيون ملڪ تي، سريون لڳيون تي ماڙيون،
اڄ سرائون صاف ساريون، واه! قدرت رب ڪريم.
ڪار پٽيان ڪر ڪڪرن، ڪيترو ڪاهون ڪٽيان،
ڪر اچن ڪونجون قطاريون، واه! قدرت رب ڪريم.
جهڙ جهميو، جهوري لٿي، جهالڪين وسايون جهوڙيون،
پد پروڪا، ڪير پاريون، واه! قدرت رب ڪريم.
ڇا چوان چانچر چمن ۾! ڇا ڏسان ڇڏون ڇمرا!
ڇا ٻڌان ٻوليون ٻه ٻاريون واه! قدرت رب ڪريم.
وس ٿئي واءِ ورياء واسيا ولين وڻ ٽڻ ولهار،
ٻوه ٻڪهن، ٽوه ٽاريون، واه، قدرت رب ڪريم.

واه! گلزاريون گان جون، واه! گولون، واه! گاه،
واه! ساوڪ، واه! ساريون، واه! قدرت رب ڪريم.
واه! چمڪارون چڙن جون، منجهه چلر چيها چرن،
ڪئين ڪڪيون، ڪنديون ۽ ڪاريون، واه! قدرت رب ڪريم.
چنگ چونريءَ چوريو، ويهون چڙهي چوٽيءَ مٿي،
هو ڪهڙن پٽ تي پٺاريون، واه! قدرت رب ڪريم.
گاه گوڏي گان لنگهي ويا، ڪيهه ڪهاڪهر ۽ ڪهڙا،
پرهيون پهچي پنڪاريون، واه! قدرت رب ڪريم.
سرڪيا ساوا، سڪل داڻي منجهان، دانا ڏٺي،
ڇا سندس ساراه، ساريون واه! قدرت رب ڪريم.
ڏينهن ۾ ڏيه لئي ڏيو سج، چنڊ، تارا رات ۾،
بجليون بارِيءَ بهاريون! واه! قدرت رب ڪريم.
جر منجهان جيترا بڻائي، ذات مان هر ذات ڪي،
صورتون سيئي سونهاريون، واه! قدرت رب ڪريم.
آب آباديون عجب، ”احمد“ چوي عبدالمجيد!
آهُ ته گڏجي خوش گذاريون، واه! قدرت رب ڪريم.

غزل (٢٤)

اي مٺا محبوب! محبت، منهنجي تنهنجي پال ۾،
مر سڪي سڀ لوڪ، صحبت، منهنجي تنهنجي پال ۾.
اڄ چمن ۾ چهچٽو، چوڌا چمبلين چهله، تي،
ٿي سونهي تيڏالهن سنبت، منهنجي تنهنجي پال ۾.

واه ٻانهون بلبلن جون، واه! باغن ۾ پاسِ بوند،
واه! رلڻون، واه! رغبت، منهنجي تنهنجي پال ۾.
هي هنيون ئي حسن سان، هرگز نه هيرايو هري،
آشنائي آهي البت، منهنجي تنهنجي پال ۾.
هڏ، نه هڏ ڪڏهوه نه ٻه، منهنجي هنيين ۾ تون حبيب!
آهه قابو ڪوٽ قربت، منهنجي تنهنجي پال ۾.
اڄ مهل، محبوب هوندي، آب عاشق پيا ڪهرن،
خود شموليت آهي شربت، منهنجي تنهنجي پال ۾.
پيا وهاري سڀ ويهن، موت کي نه ته ٻه، ويچار وار،
نار گهرجي طرف تربت، منهنجي تنهنجي پال ۾.
اپ، زمينن مان، نه "احمد"! پيو اڪين آڏو اچي،
نت نظر نوبت ٻه، نوبت منهنجي تنهنجي پال ۾.

غزل (٢٥)

باغ دنيا ٻي بقا، ٻر ۾ اچي بلبل وڃن،
ٿي، ڪِ ڪوسي ۾ لڙهه ڪان گوماڻجي سڀ گل وڃن.
وار سنبل جيئن سنڌڙي، منهنڙو مبارڪ گل گلاب،
گل اچن گومات ۾ سر تان لهي سنبل وڃن.
محل ماڙيون ۾ منارا، موت کي مشڪل جهلين،
ڪوٽ ڇٽ، هڪ ڇوٽ سان، ڪهر، ڪهوٽ گذري ڪل وڃن.
درد پنهان درد، ڪيسن، دور دارون سان ٿين،
موت جي منهن ۾ اچي، ڪنهن مهل موتي- ڦل وڃن.
بادشاهه باقي خدا هڪ، ٻي بقا ڪنا بادشاهه،
مورچن وارا منئي ناتي، سڀ ڏلها ٿي ٿل وڃن.

ست، ستر كان پوه صاحب، ساهه كان ورچي پون،
يار، پاڻي، پائيتا، بهزار ڏي بلڪل وڃن.
هي سنيما ۾ سنهان، جوڙا سجوڙا صبح، شام،
هڪ هڪل سان، ڏينهن، هڪ هڪدم پهي سپ هڪل وڃن.
حمد "احمد"! ڪر احدجو، عهد جنهن سان آهد كان،
هي ميتي تائين ميتئي، بازو ته ڏي ٻڪل بل وڃن.

غزل (۲٦)

در جهان هڪ دوست ڪهوسون، خلق خستي تنهن مٿان،
پيچ پينگهي ۾ پهوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
ڏيئي ڪرن موڙوو محب، مهندان مٿو ميثاق ڏينهن،
روح رهجهي آت وهوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
يا پسي ٿيندو پرين جو، يا اڪي پچندم پساهه،
خوف خطرو سر ڪنهوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
وهو هنيين مان پهو هوس، هر جاءِ پسجي هڪ حبيب،
محب منهن سامهون ٿهوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
دور ٿي دنيا ڪنان، دلبر وهاري دل اندر،
حق، اناالحق، حق چهوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
سر ته اڏ سوريءَ مٿي، منجهه ساهه ساجن جي پچار،
اهنهن نيزي سر نيوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
لک هجن احسان "احمد" جنهن مليا جيئري عجب،
جيءَ پسي جانب چهوسون، خلق خستي تنهن مٿان.

غزل (۲۷)

مرحبا! محبوب! منهنجا، تو متان سر گهوريان،
گس، گهٽيون ڇاپان گلن سان، گنج گوهر گهوريان.
ماڻڪن جا مونهن وساپان، تنهنجي مارڳ، ماڳ تان،
تنهنجي خدمت ۾ خزانا، خوب خوشتر گهوريان.
هنجهه، هرڻ، حوروں، پريون، هيرا حسن ۾ هيچ هيت،
تنهنجي جلوي جوت تان، جنسار جوهر گهوريان.
تنهنجي خط ۽ خال کي، مشڪي ختا ڪونه خطا،
عرق تنهنجي تان عجيبا! عطر، عنبر گهوريان.
ڪونجڙين کي ڪر نمايا، ڪنڌ اڳيان تنهنجي قريب!
تنهنجي قه قه تان ڪبڪ، قمريون، ڪبوتر گهوريان.
نڪ نيلوفر جو نمونو، نرم اک، نرمل اکيون،
تنهنجي پيرن تان پيارا! پٽ پٿر گهوريان.
نخل نوڪي سر نمايو، الف کي لِڪ لام ۾،
تنهنجي سڻين قد تان سڄڻ! سرو و صنوبر گهوريان.
چنڊ چهرو، چشم چق مق، چوسرو چوتو چندن،
وات ڪوثر ڪان ڪثر، زم زم ذقن سر گهوريان.
آهي ”احمد“ کي اندر ۾، عمر ساري جي آدِس،
اڄ ته اڄ کي مَن اندر جون اوريان، گهر گهوريان.

——

غزل (٢٨)

ڪيئي ملڪ جي ڪانءَ مون سان، محب! مارين ته به چڱون،
حمد لله! رت هڻن سان، هوت! هارين ته به چڱون.
هن قتيل فرهاد ڪي هڻي آب شيرين جي اداس،
پر هڻان پنهنجي پيارا! وره، پيارين ته به چڱون.
وڏ ملڪ جي مهرباني، جي نه ٿئي مون سان محب!
نيڻ جي ڪنهن نوڪ سان، نازڪ! نهارين ته به چڱون.
سڏ سڪي ٿي ڪيم سڪ مان، سو منجهان، سوڌي ته هڪ،
هال ٿرهو تار مان، جي ترت، تارين ته به چڱون.
سڏ نه آهيم ڏان سڄڻ! سوچين ٿو ڇا جي سبب؟
اڄ وڃي احوال اِي، اکيوءَ آڇارين ته به چڱون.
هڪ پراهون پنڌ پرين! پيا ٿوڙ سينءَ ناڪو ٽڪين،
در مٿي دربان ٿيون، دلبر! نه ڌارين ته به چڱون.
آبرو "احمد" سندو، گهوريو اوهان جي در عجيب!
سگ ڪڏهن چاڙهي ڪنس، ڪوڪار ڪارين ته به چڱون.

غزل (٢٩)

عجيبن جو معلوم احوال، اڄ اکين نٿا ڏسجن،
حبيبن جي حقيقت حال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
پکيڙو پره جو پهتو، ڪٿي پيغام پرين جا،
ڇيم ڪن ۾ ڪبوتر ڪاله، اڄ اکين نٿا ڏسجن.

چمن ۾ ڇهچٽو ڇو پئي، ڇتون ڪجهه ڇمي رهيا آهن،
ٿيو جن لاءِ ڪندي سال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
صبح، سانجهي سڏائم جن جي، صحبت لاءِ صاحب کي،
ورتو جن لاءِ وٺي فال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
اچي ٿي بوءِ بهاري جي، پڙن ٿا باغ ۾ بلبل،
ڪندا، پائمال پيئي ۾ پال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
هنيين سامهون لڳين پيرون، ڪيون ڏيئي ٿي ڪلهو ڪيرون،
تہ اعلي تمغنجو ٿيو اقبال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
مٺائي ڪان مٺا، ساڪي، ڪي مصري، ڪنڊ، ميون ڪان،
نہ منجهہ ڪا ڪوٽ گڙ جي ڳالهہ، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
ڪلن سان ڪس- گهٽيون چاپان، وچاپان وار، واسيان گهر،
ٿين خذمت منجهان خوش شال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.
عجبين جي اچڻ لئي اڄ، ڪروڙ ڪي ڪيو "احمد"،
ڏنو ڦيرو فلڪ في الحال، اڄ اکين نٿا ڏسجن.

غزل (٣٠)

ڏکي دل درد ڪان دلبر! دوا، داروءَ نہ ڏارا تو،
پڇن پيا، پر پرين، پاران، نہ پاران نہ پاراتو.
اکين سان آزمايم اڄ، نہ تو سامهون سڄڻ ڪم سچ،
نہ چاڙهان ڏئي ورا ڪا وڄ، ڪر ان پاسي پسارا تو.
ٺاهو حورن، پرين جو مثل، اکين توسان نہ لعلون ڪل،
تون گوهر گنج مان، تون گل، سجايا ملڪ سارا تو.
چوين راڻا!! رنو آهيان، انهن مان مٺو آهيان،
اکين کارين ڪئو آهيان، پيارا تير تارا تو.

وڃي وڃڻي حيرت سنئين سهڻا! موهين منهن سان مَن موهڻا!
چنڊ آئين ٿو هت چوهٽا، ڪنا مون، ڪيا ڪنارا ٿو.
ڦري مون کان فهم، فرحت، صبرساچاهه، سک، صحت،
ڏنا هي هي ٻا هڻا ڪرامت، آهي سڀ، هت آڏارا ٿو.
سڄڻ! شاهد سڄوڻي [illegible] ته "احمد" اڳ نه پرهو پڪ،
ڪنس تو ڪالهه، اڄ پڻ اڳ، اکين سان ڪيا اشارا ٿو.

غزل (٣١)

مونث تون محبوب منهنجا! [illegible] سارڻ ٿو،
مور آڏمهو، اڌ ڪريو [illegible] رات، اثاريم ٿو.
منهن مهانڊن محب! تنهنجي، [illegible] ڪو ناهه مور،
هڪ سونهپ سهڃاڻ سڄ، ڪنهن ڏينهن ڏيکاريم ٿو.
دوست! تو کان دور ٿيا پوهه، درد [illegible] دل مٿي،
ڏور لاهه مَ ڏينهڙا، ڏک ڏينهن کي ڏاريم ٿو.
ساه ڪيئن صاحب وساري، جي سڄڻ [illegible] ڪنان،
سخت ڳالهائي سخن، ته به نپ هيئين ٺاريم ٿو.
توسين گل! ڏينهن ڪڏ گذاريم، خواه ڪنڊو چائين قريب!
گل ڏيو ڳوڙها وهن، ڳوڙهو سنگت ڳاريم ٿو.
مهند سو ڪل مون گدا ڪي، ٿي نه سيرن وٽ ملي،
ورڪ وجهان پنٿي ته، ونيو واڳ نينهن واريم ٿو.
هر پکي، پانڌيءَ ڪنان، پر م پڇائون ٿو ڪريان،
ڪر خبر وڃم وساري، ٻيا سڄڻ ساريم ٿو.
آهي هي "احمد" اصل کان، دوست! تنهنجي در غلام،
پاد ڪج، ڪهٽ، هيڪ گولو، ڏينهن ڪنگهر گهاريم ٿو.

نيڻ ڏاڍي ناز مان، ڀاڄهون سڄڻ! پوڙين پيو
منهنجي مارڻ لئي ٺاٺ! محبوب ڪر موڙين پيو،
يارا! گهايس گهور تنهنجي، غم ڀريو غمزن ڪمان،
جيءَ جسي جند جان ۾، خوني خنجر ڪوڙين پيو.
سونهن تہ تو سڀڪا سري، پوءِ ڇاسبب سرمون وجهين؟
جان منهنجي لئي جهڪس، جانب جنجل جوڙين پيو.
لڙون لڳيا پوءِ لعل! تنهنجي، پت بچائي ڪيئن سگهان،
پڙ ڪان پرهيز ڪي ڏس، ٿڪ ڏيو ٿوڙين پيو.
منجهہ اکين ”احمد“ چوي، ڪي جي دوناليون ڏاريهن،
سي سڌيون سڀني اندر، ڇيرا وجهو ڇوڙين پيو.

غزل (۳۳)

تنهنجي ديدن دل ۾ لائي، دوست! ڏوڏو، ڏوبڏو،
ڪن پيا سڀني سمهان، سؤ ڪان سوسو، سوبسو.
ناهہ جيئڙو جام منهنجو، يارا! ور ڏيو ياد ڏين،
ڪالهوانڪر قمرين جا، قول ڪوڪو، ڪوبڪو.
سير سنواري صاحبن ڪيو، گل تي سنبل ساڏياز،
ٿيا بهشتي هير سان، ٻر، باغ ٻوٻو، ٻوبٻو.
سوجهرو سچ جو هنيو، سهٽي سٽر پردن وچان،
رد فڪر هي هو تہ هولدو، حور هوهو، هوبهو.
دل منجهان تنهن دوست، مون سان اوهتو آلاپ ڪيو،
جابجا ڏوريم جنهين، جر، جهنگ جوجو، جوبجو.

مدعيءَ مٺا ڏنان، مون کي مٺي محبوب جا،
ٿي وڃي ٿوري مٺي، ٿر ٻر ۾ ٿُو ٿُو، ٿُو ٻٿُو.
هي سنڌ ۾ پٽ ٻو ڪارون، ڪم نه "احمد"! ايندياءِ،
جي رتل راڻي کي رجهائين، نه رُورُو، رُوبرو.

غزل (٣٤)

سڄڻ تو سڏ سپيريان جا، سراسر ڪن سراهون کو،
وڃي پرڏيهه ويٺا پار، وڪ مون سان وراهون کو.
ٻڌان ٻونرن جي پر ٻون ٻو، نه هت هاها، نه کاهون هون،
نه ڪامون مون، نه ڪاتون تون، ڏسي رهبر نه راهون کو.
سسئي وچ ڪيچ ڏي ڪاهي، لاڳاپا ڇڏ ٻيا لاهي،
پنهون تنهنجو ٻري ناهي، پرين منهنجو پراهون کو.
ٻري سو ناهِ ٻريڙو، مگر مشڪل ملڻ مڙو،
جسم سان جنگ ۾ جهيڙو، رکو هٿ روح راهون کو.
سڄڻ جي سونهن سڄ جهڙي، نه مون لئي عيد اڄ جهڙي،
لڪائڻ ڳالهه اڄ جهڙي، سٺي مون کان ساراهون کو.
سدا سوڀون صبح ۾ سنجهه، چڻن هر ٻار هيرا هنجهه،
ٻيا مون ٻيڻ ٻيرن سنجهه، چري ڪيئن چو ڳرا هون کو.
کهٽيون ٻو کون هنس ٻو کهون، چري هوري وياچو کهون،
ٻنهي ٻاسي ٻنهون ٻو کهون، ڏسي سيڻ سراهون کو.
ڪڏيا ڦوڙاه مون ڦرها، ڪٿي ڪاهي وڃان ڪرها،
سري صحبت تہ سپ سرها، نه ٿئي "احمد" اراهون کو.

غزل (٣٥)

اڄ قبوليا قوم، ڪهڙا ڪم؟ ڪنهن ڪم جي بجاءِ،
مُلڪ ۾ لا مذهبي، مذهب مسلم جي بجاءِ.
قوم ڪُرسي چاڙهيا، سي ڪُرسيون آيا ڪيئي،
غم غريبن تان وري ويا، خوش غني غم جي بجاءِ.
مغربي تعليم ۾ هر ماڳ، مذهب تان مذاق،
مست مئي ۾ ماستر، مسلم معلم جي بجاءِ.
سال ۾ سجدو نه منبرن، منجهه سينما صبحِ شام،
سبق بي سود ٿيا، تصوير طلسم جي بجاءِ.
علم ابتر جهل کان اڄ، جهل جا ڏنڊا ڏي ڏار،
منهن رکن ملتان ڏي، مڪي مڪرم جي بجاءِ.
آئيني ري ٿو ڏسان، اسلام جو آئين اڄ.
مست ميخاني ۾ مسلم، غير مسلم جي بجاءِ.
هي حيا، يا بي حيائي، حاڪمائيون بي حجاب،
نامحرم، حال محرم، خود محرم جي بجاءِ.
مال وٺو، مالڪ ڦٽيو، پر جي چڙهي پٺيان پوليس،
چور نه ته چاڪي سهي، مجروح مُجرم جي بجاءِ.
هن زماني ۾ هولهن، حقدار هٿو ٻيو هلي،
ڦاسندو فرياد ۾ مسڪين، مُلزم جي بجاءِ.
ڪو امن ايمان جو، ايندو زمانو اوڏڙو؟
ڇا چوي "احمد" اڪر! والله اعلم جي بجاءِ.

— —

غزل (٣٦)

ڪهور تنهنجي جا ڪيلولا، هر گهڙي گهائين پيا،
نيڻ ڪٽيندي دم، خلق کي ڪيئن ٿا ڪائين پيا.
ناهه جاني! ٻن جهان جوڙ، تنهنجو منجهه جمال،
چنڊ - سج چمڪار ۾، چاڪر سندئي چائين پيا.
جيئن قمر پاسي ڪڪر، تيئن منهن ٻران ڪاڪل قريب!
پاڇڙين، ڪن ڪنڌ، پاسي، پيچ ڪئين پائين پيا.
سعون سواري سينڌ کي، سر وار سهٽي چوڙيا،
نيش مارڻ لاءِ ليلا، نانگ ڪنڌ ڏائين پيا.
ملڪ ساري ۾ نه هئا محبوب ماڻهو جا مدام،
ڪنهن محبت مان مگر، من ۾ سندم مائين پيا.
شعر "احمد" جو اسان کي، آهي وڻو منجهه وجود،
ته ته ڳائي هر ڳوٺ ۾، ڳالهيون گهڻان ڳائين پيا.

غزل (٣٧)

وٺي دوست دل، جا ڏني، سا ڦٻي،
ڪهٽو ٻوڙيس، ٻر ٽڪي، سا ڦٽي،
شفا لاءِ شفتين، ملي علاج،
نه دلبر! دوا جي ڏني، سا ڦٻي.
مڃي دام دائي ني، تيروار تمٽن،
اڏي ڏول! تو جا ڏئي، سا ڦٽي.

پيئي رات پانوم، قربين ڪئو،
ڪئي، ڪاٻ، ڪئندو، ڏيي، سا ڦبي.
پري رات پھرين، بيھاري چڏيوم،
ھئان ڪنھن به ھمدرد ايءَ، سا ڦبي.
اڪين ڪي نه آڪھن، "احمد"! اڪر،
ڏران دوست، ھي ڏر ڏيءَ، سا ڦبي.

غزل (٣٨)

ھيت گھئيو گونڌر نه گھوڙا! ھئت نه گڏجڻ جي گھٽي،
دل فڪر ڦرڙائي ۾، گدري جي ڦارن جيئن ڦٽي.
حال ھي منھنجو ھلي ڏي، ڪو حبيباڻي حضور،
اي مٺا محبوب! مون سان، ڇو اٿئي، محبت مٽي؟
باغ جھڙو ٻت ڏسي، لڳڙم برھ بلبل مثال،
حسن ھھڙي تان ھنيون ڪو آھ ڪٿان ھاڻي ھٽي.
ڏئي مزو محبوب! مون کي، ڪھن نارونءَ ۾ طعام،
خواه ڪارڪ، خواه ڪنڊ، توري لڳي ڪاري ڪٽي.
تو ھئان محبوب! مون کي، زھر ٿيو ماکي مثال،
جي نه وسھين تان وري، ڏي ڪا پري وڃ جي وٽي.
روز روشن مان اندر جي، رت ڪھو ريلا وھي،
پال ھن ھمار جي ڪج، ڪا پھارل! تون ٻٽي.
عشق جي اوڙاھ تي آھس، نه آڏو ڦر ادب،
مون سچن مونھن جي سانگي، دل سمونڊن ۾ سٽي.
آھي "احمد"! عاشقن لئي، عشق عشقي ورل مثال،
ول نه واھوندن تي موري، ول اھا جنھن تي وٽي.

غزل [٣٩]

پريم! اهنجي پسڻ جا پور، پيا من تي، پيا من تي،
وري سڪ جا ٿيا ساوا، سلامن تي، سلامن تي.
ڏکايو مون ڏکي جو ڏيل، ڏوران پند، ڏوراپڙ،
ڪيا غفلت سبب ڦٽ غل، غلامن تي، غلامن تي.
نمائي، ڏي نه ماڻن ڪاڻ، نهارين پر نهوڙين ٿو،
خودي کي ڇڏ رکي خوفِ خدا من تي، خدا من تي.
گهرن ڪي مال، ڪي موتي، ڪي موتيا گل، مگر مون کي،
مٺي محبوب جو ميلو، مدعا من تي، مدامن تي.
قربين سان گهرجي قرب، ڪر سر سان قرباني،
نه سرچڻ سي ٿلهن سجدن، قيامن تي، قيامن تي.
ادا اوٺي! عجيبن سان، ڪڄ احوال اِي اوّل،
نه تو ڏاران نه ٻيا دارون، دوا من تي، دوا من تي.
مٺي ٻولي سندن، ڪر ٿا ٻرن ٻيلي ۾ ٻاٻيها،
ڪبوتر ڪجهه وڏي آهي، ڪلامن تي، ڪلامن تي.
اگهه "احمد" آئا اڄ مينهن، نه ياڻو تن، نياڻو نينهن،
وري آن ياد اگهان ڏينهن، آيا من تي، آيا ن تي.

غزل (٤٠)

جنهن جاني! جڏو آهيان، جهان ٻيو آسري اهنجي،
ٻئن نسخن ڪنان نفرت، ليان ٻيو آسري اهنجي.
سزو آهي منائي ۾، مگر ماڻهن هٿان تنهنجي،
وڻهون وره حول وٺي، وهسي پيان پيو آسري اهنجي.

ڏسي محبوب! منهن تنهنجو، مڙني محراب ڪان وڌو منهن،
خطا ڪاڻم، خطا ڪيندس، ڪيان ڀي آسري اهنجي.
سدا سهڻا! ڏسان جي، سؤ ڪوهن تي، سوجهرو سامهون،
ته هڪ ساهي هلي حاضر، ٿيان ڀي آسري اهنجي.
سوين جانڙ هجن ته به، ڪنهن کي جرئت جام تنهنجي تي؟
اچان اڄ رات، ڪريو ڏهه، هنيان ڀي آسري اهنجي.
ٻڌايان هار هرن جا، وڇايان هنڌ هندورن ۾،
مچايان هر مهل محفل، ميان! ڀي آسري اهنجي.
اچي اڄ رات عزرائيل، ڏئي آواز "احمد" کي،
ته سهڻا! سؤ نندن مان، سڏ ڏيان ڀي آسري اهنجي.

غزل (٤١)

دل سڪي دلدار کي، ديدار کي، دربار کي،
يار گل رخسار کي، گلزار کي، گل نار کي.
ڏاهي راحت ڪا رني جي، رات ساري رت رنوم،
ياد آئي يار کي، جنسار کي، جونجهار کي.
واه! صورت جي صفائي، واه! سيرت جي صفت،
آهي اکين نثار کي، ابرار کي، آڌار کي.
هر هايان جت پسان کو، شمع شعلو يا شعاع،
من ملان منٺار کي، مختيار کي، مهندار کي.
دوست جي ديدار ڪندي، در منجهان دشمن ڏنوم،
ويهي منهان سردار کي، مڪار کي، منهن ڪار کي.

مشڪلن ۾، منزلن ۾، محفلن ۾، هر محل،
ڪوڙيان ڪلتار ڪي، تهار ڪي، ڪوهيار ڪي.
اي صبا جا واءُ سنڀالي، ڇنج سائل جا سلام،
شاهه جي سهنگار ڪي، سالار ڪي، سردار ڪي.
طرف ڪان ”احمد“ احد ڪي، ڇنج سائل جا سلام،
بخش هن بدڪار ڪي، بيڪار ڪي، بيمار ڪي.

غزل (٤٢)

گل هجن گلزار ۾ ڳنڍ، پاڻ هٿ هٿ ۾ هجي،
باغ ۾ بوندون وسن، تو ساڻ هٿ هٿ ۾ هجي.
هڪ وڇڻ، ٻي وس، ٿيون ڪنهن واس، ڇوٽون واسرو،
ميهر هڪ، ٻيو منهر ني، ساندان هٿ هٿ ۾ هجي.
صبح ڪان سبزين جي وچ، تنهن کي سجڻ! ويو سج لهي،
ڪر نه هيٺي ساڻ هاڏو، هاڻ هٿ هٿ ۾ هجي.
هنجي مرڪن جو مزو، سون مٿ مٺاين جا نه ڏين،
مٿ نه ماڻن ساڻ، موتين ماڻ هٿ هٿ ۾ هجي.
مينهن منڊيو، منهن لڪائي، هن محل ۾ تون مَ هل،
ڇوڙ ڇتڙا ڇڏ ڪٺي، ڇڪتاڻ هٿ مٿ ۾ هجي.
اپرندي سج اڀندا، اپ ۾ آهون ۾ انداٺ،
سَر سچا ساوا سُونهي، ساندان هٿ هٿ ۾ هجي.
هٿ ۾ موتيهه مونهو گل، موت ٻوه ڪل ملڪ لٺي،
سر ڏٺي رستن مٿي رت ڇاڻ هٿ هٿ ۾ هجي.

سڄ نهاري جيئن نيلوفر، چنڊ پوڄي جيئن چڪور،
روبرو ويٺو ڪريان، واڪاڻ، هٿ هٿ ۾ هڄي.
اوچتو انـدر گهڙي آيس، اسـر جـي آســري،
پئي ڪرايون ڪنڌ ۾، ڪنهن ڪاڻ، هٿ هٿ ۾ هڄي.

غزل (۱۴۳)

سڄڻ! صحبت سوا تنهنجي، نه ساعت مون سري، وسري،
ڪنديٖن ديدار ۾ ديرون، ته زخمن منجهه ذري، گذري.
بدن بيمار، سنڌ سنڌ سور، پل پل منهن پسڻ جا پور،
وڃهين تو ڏينهن جيئن جيئن ڏور، تيئن تيئن ڏک ٻري ڏٻري.
ٻه اکيون مرگهه، متوالا، ڀلا جيئن وار، ٻت ٻالا،
ڀرون ڀرپور ڪر ڀالا، هڻيا ڀر مان ڀري، ڀيري.
پريشان حال مسڪينم، ٻه مشڪين خال تسڪينم،
نه نسخن مان نفعا ٿيم، ڀلي ڏينم ذري، ڦڏري.
نهوڙي نينهن نت نيندو، خبر ڪو خير جي ڏيندو،
قبوليت ۾ ڪڏهن ايندو، عرض آسمان ڀري، ايري.
لڳي حورن ۾ حيراني، پرين ۾ پئي پريشاني،
جڏهين منهنجو جـڙيل جاني، ڪجل ڪاني، ڪري نڪري.
پسي ري ٻــاک ٻيشاني، وڌي پــلپــل پريشاني،
جهڄي جيئڙو جيئن جاني! نه ڪا ماني ٻري، ٻري.
ٻرين لاٻــم پريشاني، اٿي "احمد" نــه آساني،
جڏهن جيئري اچي جاني، هنيين تي هٿ، ڌري، سڌري.

غزل (١٤٤)

مس دوائن سان وڇي، دل ڏاڍي، تان ڏاڍي،
ساڍرو جهڙن کي ساڄهن، سا پري، کم سا پري.
دل ٻہ هٿي، دولت ٻہ هٿي، ٻڌ ڏين، دانائي، دماغ،
ويا سڀئي اسباب، آئي واه ٻري جـي، واٻـري.
واس وارن يار جي جـو، چڱن ڀـاسي چڱن ٿ،
دل سندم، دريا سندو ٻر ساڙري، ٻوه ماڙري.
ڪنهن قسم ڏيڻي پڇيم، ڪاريون اکيون کهڙو قسم؟
ٻاز ٻحري، سي نـہ ٻحري، ناٻري ڪـن، ناٻري.
هر گهڙي هن کهيڙ تي، ترڪن گهڻا گهوڙي سوار،
ترڪندي مون کي ڏٺي، تو جا تري، ٻرجا تري.
عشق گولن جو ٻہ گولو، حسن حاڪم حاڪمن،
ڪنڌ تي ڪاني قرب لئي، ڪر ڪاتريءَ تي ڪاتري.
ڪٿين دلا دلدار ناٻا، تہ ٻہ اجهامي ڪين آگ،
ٻـرهـہ آهـي ٻاهـہ دل جي، ٻاٻريءَ کي ٻاٻري.
لڙڪ لڙ لالڙا ڏسي، اوڏو نـہ "احمد" ڪـي اچين،
وهـہ اکين ۾ آب ٻوندو، آڻـري نـو آءِ ڏـري.

غزل (١٤٥)

مون مسافر جي مٺا! دل، اوچتي نـوسان اڙي،
سور صدما سٺو سٺم، صورت وڃم ساري سڙي.

تنهنجي در ديرا هنيا مون، دوست! وسريم ديس ويس،
يار جالب! جٿي جهارا، جيئي، جيءِ، توسان جڙي.
مُلڪ وسريم، مِلڪ وسريم، مال وسريم، ماڳ، ٻاڳ،
يار ڳاڙهي رنگ گوڙها! ڪهار ڪڏجي ڪا گهڙي.
صبر ساعت ڪونه ساريان، تو سوا سهڻان پرين!
لک وهائيم لڙڪ تو لاء، آه لِڪ ناڻين لڙي.
صبح ۽ سانجهي سدا، تنهنجون سنڀارون منجهه سرير،
ڳِچ سنڀاريو ڳالهڙيون، ڳوڙها پون ڳِل تان ڳڙي.
گهور سان غرور ٿيو هي، گوندرن، غم ۾ غريب،
ناز سان نازڪ مٿم ڪئي، اينهن جي نوبت ڪڙي.
منهنجي ظاهر ڪان مخالف، آهي معني سڻ مراد،
خواه ڪنگڻ، ڪنمال ڳاڻان، خواه ڳاڻان ڪپ ڪڙي.
اسم تنهنجي سان "احمد" شعر شايد ڪيو شروع،
ڳالهه ڳِت تنهن ڪر سندس، ڳڙ آهه يا مصري ڳڙي.

غزل (٤٦)

جيءَ، ٻاني آئين ٻلا! اڄ، ٻل ٻاهري رانڙي،
ڏينهن ڪيئي منهن سان، مٺا! محبوب! مهري رانڙي.
تنهنجي چهري سان چمڪي، چنڊ چوڏهين رات ۾،
تون نه، جي آهين ته، ساڳي او انڌيري رانڙي.
ڏينهن آهي شمنهن، پر تنهنجا مزا توسان لڳن،
دوست آيو در منجهان، ڪج دير، ديري رانڙي!

ڇون اونهاري اندر، آئي اسر جو هير ڪيئن؟
منهنجي لڙڪن سان لالن! ٿي ٿڌيري رانڙي.
وار ڪارا سر ڪلهن، يا چنڊ تي ڪارا ڪڪر،
گل مٿان سنبل، ڪر سج سر سانءِ سيري رانڙي؟
نور نيڻن جا! وهن ٿا، نار نيڻن، ٿو سوا،
مون ته ڪٽ ٿي، پر لڪٽ ڏسندي، نبيري رانڙي.
عشق "احمد" جو احد سان، عشق ٽوٽي، حسن ٻيا،
چار دن کي چاندني هي، ڦر انڌيري رانڙي.

غزل (٤٧)

يار توتان گل، ڪِ گوهر، گهور گهوريان؟ گهور ٿئي،
چن مَ جيئري، نه ته جسم، يا جان جهوريان؟ جهور ٿئي.
حسن ۾ حورن پرين جهڙا، هزارين هٿ ٻڌن،
سج سڄڻ سان سونهن ۾، يا چنڊ توريان؟ تور ٿئي.
تون امله، يا گل گلابي، هڪ بحر، ٻيو باغ ۾،
ڪيئن ڀلا ملندين، بحر، يا باغ ڏوريان؟ ڏور ٿئي.
هڪ ته اوله، ڏي اوهيرا، ٻيو ته اوپر ڏي آماءِ،
ڪنهن طرف منهنجا سڄڻ! ڇڏيو سڀر سوريان؟ سور ٿئي.
هڪ ٻڙ ۾ پير هلان، ٻيو ٻڙ ۾ پير هٿ،
هڪ اکين لڳي آل منجهان، پالهان ته پوريان؟ پور ٿئي.
هي اکيون ڪاريون گهرن، قيمت ٻنان، قيمون، ڪباب،
هين ڪاهي، يا هٿن ڪلهي تان، ماس ڪوريان؟ ڪور ٿئي.

هيت وچن ويري نه ڏينم، هيت ورڻ واري نه ڪا،
هت ڪٿان هيڏي، ڪر هوڏي پير چوريان؟ چور ٿئي.
هي پر "احمد" جا عرض آهن، ته اچ يا آءٌ اچان،
آن منجهان ڪهڙو عجب، ساڻ اوريان؟ اور ٿئي.

غزل (٤٨)

جدا تي م جيئري، جڙيا يار جاني!
ڪندي دوست! تون ڏار، ڪيئن دل ديواني.
سدا ساڻ سورن، پچان پيئي پورن،
ڪٿي گهاء گهورن، پري ڪجل ڪاني.
جبل وارن جلن جي، چڙهم هيج هلن جي،
مون تي ڪر ملن جي، محب! مهرباني.
پرين پير پاتو، لڳو نينهن ناتو،
سچن جن سڃاتو، نه ڪن سچ ڪي ثاني.
"احمد" جي آزي، سٺي ٿئج راضي،
پساهن م پازي، پساڻج پشاني.

غزل (١٤٩)

درد تنهنجي دوست! دل ۾، دست اندازي ڪئي،
دم اٿم ڪو دم اچان، تو دم نہ دمسازي ڪئي.

....

ھر سڪا صدقـــي نمت تولڻ پرين ڀـــازي ڪئي.

....

مون سان نازڪ تنهنجي نازن نٿ ناسازي ڪئي.
قرب تنهنجي، سان ڪاٺين، قرب وارن کي ڪيو،
شائقن سان شوق تنهنجي، شـاهہ! شهبازي ڪئي.
جيئن پسن تو کي پيارا! تيئن آداسيل اچ مـــرن،
ڪنهن نہ درسن تنهنجي ڪان، دلدار! دل تازي ڪئي.
دل ڏٺـــارڻ لاءِ تيـــر، داڻـو ٿـي ٻيو دام ۾،
بوهہ پکيئڙي جئن پسهہ، ان ڀـــار پروازي ڪئي.
ان هندوءَ لايون هلائون، جئن هلان هند تي هلي،
محمدي محمود سلطان غـزنـــويءَ غازي ڪئي.
مون رکي محبت ڪِجهي، تو پڻ خفي ٿي خون ڪيا،
مون سان غمزن، توسان غم، بوهہ غرض غمازي ڪئي.
مون مٿي مصحف جي پانهو، آهہ پاڪيزو ڪو پوش،
پر اها ميندين تو، مٿهن جـي پر جهلي بازي ڪئي.
ڪنڌ رکيو تنهنجي قدم تي، مون ڪڙي ڪاڪل مثال،
پير ۾ پازيب جيئن، پائل ٻسهہ پازي ڪئي.
زور زوراور! نہ توسان، موٽ زاريـن تـي ضرور،
اڄ اسر ويلي آئي، "احمد" اها آزي ڪئي.
احد جي امداد سان "احمد" ڪهو ڪيئن جو ڪلام،
شعر ڏسندي شرط سو، شاباس شيرازي ڪئي.

غزل (٥٠)

شڪل سينگاري سڄڻ! سڄ سان ثاني تو ڪئي،
دل سندم ديدار سان، دلبرا! ديواني تو ڪئي.
سرو سڀ نابو سڄڻ! تنهنجي سيڌائي پيش پئي،
ٽيو جهڪو جوهر، نِگهه جنهن وقت، جاني! تو ڪئي،
ويو قمر ڪوماڻجي، تارن، ڪٿان سوڌو قريب!
جان ڪٽيندين ڪارين اکين ۾، ڪجل ڪاني تو ڪئي.
خاص خذمت ۾ بيهاريون، ناز پر تنهنجي ٻريون،
حسن سيبان حور، پانهن جوڙ پانهي تو ڪئي.
خلق خالي هٿئي گهٽان ڏينهن، خونريزيءَ ڪان خلل!
لوڪ ڦيرڻ ۾ ڦٽي، في الحال فاني تو ڪئي.
ڪير آڏون، ڪير تون، پر قلب ڦاٽو، سان قضا،
مٺ مٽيءَ جي ٿي، ميلن جي مهرباني تو ڪئي.
ٿار "احمد" جي اندر ٿي، پيو صحيفن مان صحي،
خط لکي، ڪيئن جو مٿس، نازڪا! نشاني تو ڪئي.

ڪافيون

ڪافي (١)

ٿل- سگهو سوٽ سوڍل! سهاڻا ساماڻا،
پلنگ ٿيا پٽي، تنو پيچاڻا پراڻا.

١- اچي منهن نه موڙيو، نه ماڪي نه مصري،
پيا درد دل ۾، هٿي ناهي نِسري،
ويو ها ائين وسري، وهاڻا وڇاڻا.

٢- اٿين ٿا اندر منجهه اڄ رات اندوه،
ڪهڙي ڪنان ڪانڌ ڪهڙو ڏٺي ڏوهه؟
رُسي رات وين ڪوهه؟ راڻا! نه ڇاڻا.

٣- اکين مان ٿين آب اوتون مثل مينهن،
نهاريو نهاريان، نهوڙي لهس نينهن،
ٿري ويام ٿي ڏينهن ٿاڻا ٿڪاڻا.

٤- منهنجا قلب "قاضي" ڇو ڪيڪ ڪدورت،
نه مٽ مور تنهنجو موهس تنهنجي مورت،
سون مان به صورت سهاڻا سڄاڻا.

ڪافي (٢)

ٽل- ڇنيسر! ڇڏم ڇاڳ ڇاپو تي ڇاپان،
ڀلا رک ڀرم ڀاڳ ڀانيو تي ڀاپان.

١- ڇري ڪين ڇرخو، ڏنم ڇاڳ مان ڇاڪ،
مڙئي ملڪ تي مينهن، مون تي وسي ماڪ،
مٿو اڄ مٿي خاڪ، لايو تي لايان.

٢- قصو هن قصورن جو، ڪهڙو ڪريان ڪانڌ!
هٿان هار هاوِي، هجان هوند هيڪاند.
ڀريم! هي ڀلؤ ڀانڌ، ڀايو تي ڀايان.

٣- هلي ڪانه تقدير سان توڙ تدبير،
وِلهي وَلوَن ۾ ورج وَر! وَلها وِير،
نظر نور مان نير، نايو تي نايان.

٤- ڪئين ڪرم "قاضي"، هئا ڪانڌ جا ڪالهه،
ملاقات، ميوات، موتي مٺيان لال،
ڳٺن جي اها ڳالهه، ڳايو تي ڳايان.

ڪافي (٣)

ٽل- سکهو له سجڻ! سار، ساريان سنڀاريان،
ڪنگهر ۾ گرفتار، گهاريان گذاريان.

١- ڪٿن ڪي لڳي ڪم، ڪوڙي ڪٿوري،
سجڻ ري سڄي رات تي سيج سوري،
منجهان پرت پوري، پچاريان پوڪاريان.

٢- ڪهڙي مٺي ڪالهه ڪڍئين ڪرم ڪچ،
ڪنڌي ڪاڪ ڪرهل کي ڪاهي قدم ڏج،
انهن آسرن سڄ اوسياريان، اولهاريان.

٣- سيهان جي نه سٺو سور سامهان سمهڻ سال،
ٻلاٽي ٻريم آڳ، ته ٻرڇون وري ٻال،
هنجون هيج مسان هال، هاريان نهاريان.

٤- مٺان ڪالهه قربئون ڪريان جان قربان،
اچي مانِ "احمد"! لهن آهنج ارمان،
شهر ۾ شمعدان ٻاريان ٻهاريان.

ڪافي (٤)

ٿل- وطن شال وران، ٻانور ٻٽ ٻران،
مارڙين منجهه ميان! منجهيو منجهيو مران.

١- پره ڦڇارون لاهيون ٻانور ٻار ٻڪن،
عمر اباڻن ڏي، اڄ ٻڌ آر اکيون،
پيڙي تر ثمان ڏکن منجهه ڏراڻ.

٢- مارئي مارڙين ۾ مارئن تي ڪي مهڻا،
ڏني ٽن ڏوٿين ڪي ڏاڍا ٿمر ڏيهڙا،
هٿ ٿي جاڙ جهان ساريو سور چران.

٣- آب اڪير اندر اکين، ارتو اوتيا،
موت برابر موتي، مور نه گهرجن موتيا،
ملير ٻاڪ ٻهان، ڳاڳين لاءِ ڳران.

٤- هٿڙيون ڇنڊيون هاڻي هاڻ ڀنڙي احد،
هردم ڪر حضور ۾ "احمد"! حمد احد،
صدقو ساه ڏيان، ڏسيو ڏيهه ڏيران.

ڪافي (٥)

ٿل- ننڊر ننڊ نڀاڳي، ڪا جا ڪر ڪيٺي،
سنجهي ستي ويو مون صبح سار ليٺي،
١- وٺي ڪا ٻاوچن کي ڀوري ڀيچڻ جي،
مگر آس مون کي منٿ جي ميچڻ جي،
نه اهي وچڻ جي، آڇا آس وٺي.
٢- هجي ڪچ ۾ ڪانڌ، نه ڪاڇي وڃي ڪور،
ڇپر ڪن نه ڇائون، ڇپن ۾ ڇنان ڀور،
ڏکي ڪيي ويا ڏيڙ، ڏهه تار ڏيڙي.
٣- قطارڙو نه ڪڇن ڪنڌل ڪي ڪڇائي،
لکن تان لنگهي ويا لڪن ۾ لڇائي،
پڇائي ٻڇائي وڃي ٻار ڀمهي.
٤- منجهان ڪوڏ قاضي، ڪندس ڪوه ۾ ڪاهه،
تيان رڳ روئي لنگهي روهه مان راهه،
جنهن مان سڄڻ ساهه، لهن سار سيٺي.

ٿل- مٺن مارُئن سان ميلان شال موٽي،
ريجھي ڪين راڄا ڀڃن سان ڀوٽي.
١- لڳن ٿي لڪي ٿي لوئي لال لاڪي،
مٿي مارُئن جي مٿي مھٽ ماڪي،
ڀيان شال ڀاڪي، لسي لاهي لاٽي.
٢- هِتي ٻاس هيرُن هتي واس هيرن،
جسم منجھه زنجيرن اندر منجھه اڪيرن،
ڳنڍي دل ڳنڍيرن ولهن ۾ ور وٽي.
٣- ڪيم ٿوڪ سائيه لوئي نہ لاهيان،
ڪنديون ڪير ڪاھڙ وچن سان ورهايان،
اباڻن جي آهيان، چڳن سان چوٽي.
٤- وڃي رات رت سان، رتولن رڳن ۾،
ڪنديس عھد "احمد"! اباڻي اڱن ۾،
معافي مڱن ۾، اٿم جات جوٽي.

ڪافي (٧)

ٿل- جڏي سان جهڏيون! جتن ڪيئي جهڏي،
هليا هوت هاڙي هٽي هوڏ هڏي.
١- بکون ٻر بلائون ٻرهون سھن ٻچي،
ڪٽي پير پسنديس پنھل ٻار ٻچي
رھيا ڪيچ ڪيچي ڪيئون ڪار ڪڏي.

٢- ٻڀوران ٻرن ۽ ٻيلو مٿوت تنهندم،
هڪل سان هڪيو هلي هوت ايندم،
پنهل پوت ڏيندم اٿم آس ايندي.

٣- ويا سان هٿي ڪري هوت هاڻا،
نه سمجهيم منجهي ڪو نه سنبرن سياڻا،
ٻروڙيم نه ٻاڻا، ٻلوچن جي ٻيندي.

٤- صبح سان سنڀاري، سسئي ڏي سجائي،
امان لاء "احمد" اما جاڻ جائي،
هر مون اجائي، ڪلهه منجهه، ڪيندي.

ڪافي (٨)

ٿل- مٺج ڪين مون سان مٺا يار! ياري،
اٿم ٽانگهه تنهنجي طلب تار تاري.

١- نوان ناز نازڪ، بدن نور ۽ نور،
پرين جي پسڻ لئي پون ٻور ۽ پور
سنڌين مان ڪيڏي سور سڌ سار ساري.

٢- سري من سڄڻ سان صحبت سڳوري،
گهڙي گڏ گذر ٽار گهوڙا ڙي! گهوري.
نڪو زر نه زوري، رُوان زار زاري.

٣- گهڙي يار گڏ گهار، غمخوار غم ٽاري،
ورُونهن وار، ڏيکار ديدار دلدار،
لهج سار ان پار، نت آر آري!

٤- اکيون روز "احمد" الاهي ابر ۾،
سري اڄ، صبحا شال صحبت صبر ۾،
سندو ٻرهه ٻر ۾ کنيم ٻار ٻاري.

ڪافي (٩)

ٿل- چنيسر چڙي ٻئو، ڇڏکو چاڳ منهنجو،
پلا ڪيئن پري سو، پرم ڀاڳ منهنجو.

١- لکي ڪاند ايلان سٿين تي مٿاڻو،
ڪرم ڪاند پنهنجو ڪُجر تان گهٽايو،
حرف اُن هٿايو لقب لاڳ منهنجو.

٢- مٿي ڪاند کهڙو اکيان ڪند ڪاري،
پريم! ڪڻ مَ پردو پڌڪاريو پڌڪاري،
اڪاريو اکاري اندر آڳ منهنجو.

٣- قدم پر، ڪرم ڪر، ور مَ ورا! حرم سر،
گهگهر گهر پکم آر، بدن سر ڇپون ڇر،
اچي ڪر منور، محب ماڳ منهنجو.

٤- پني عفو "احمد" احد کان ادب سان،
اپر عام تنهنجون عطائون عجب سان،
مٿيج ڪنهن سبب سان رولاڻي راڳ منهنجو.

ڪافي (١٠)

ٿل- ڏاتر لاهين ڏک کي ساڻيهه سنبران سک،
ماڙين ساري آهيان مهڙين سارو سڪ.

١- ڪل، ڦل ڪولون ڳاهه ڪسن تي ڪجڪاهه لاپو ڪوڙ،
منگا منڊيڙا مڙت ماڻڊاڻا ڪرڙ ڪڪوريا ڪوڙ،
ڪنا ڪٿونبا ڪنيهون ڪٿين ڪيه ڪيوائيون ڪوڙ،
جهڏين ڪياڪي جوڙ لٿي جڳن تان جڪ.

٢- راجا آهه روج نه جهليان جانسين راج رسان،
پانور پنهنجو رڪ نون پانهون پانور شال پسان،
ويڙهه چنوت، وڙري جهپ ۾ ويکي وڙهه وسان،
آسيون پچڙ اسان، دل تان لهنم ڏک.

٣- پيري پيري بوند پٽن تي بادل پيچ پنان،
ڪاتيان آئون ڪوٽن ۾ جيڪي ڏاتر ڏينهن ڏنان،
پنهنجي پرور پاڪ ڏني ڪان پردو پاند پنان،
ڏؤ نه گهرجي ڏول بنا پلي پرم جي بک.

٤- ڪيڻ پنهوارڻ پوري پوندي ويري سان وڳي،
ساڻين مهڙين سهنج سبب سان سانگين ساڻ سڳي،
قاضي ڪوٽ عمر جو ڪيرو بهشڪ پير پڳي،
هينڙي هيري لڳي، لٿي لڳن تان لڪ.

ڪافي (١١)

ٿل- صبا ڇيڄ سانگين کي ساري سنيها،
ته ڇپت ۾ ڇتاهه کان پيم چاڪ ڇيها.

١- نيتر ۾ نماڻي رهي روح ۾ رهل،
ڦٽي رات ڦوڙاءِ، آئي آسر ويل،
چون کي چتون ڏيل چنڊول ڇيها.

٢- ڪنوڻ ڪيل ڪاهڙ خطا ۾ ختن ۾،
ونو خير ڪٿين سين خبر اي خطن ۾،
ويڙهيچن وطن ۾، وکوڙين وريها.

٣- ڪندا ماڙ مارو منجهان مهر مٽي تي،
سٽي ڳالهه سانگين سڪم هٿ سٽي تي،
ڏهن لک لوئي تي، سندا لاک ليها.

٤- وڃي ويڙهه ۾ ور ڪو ڏونرن کي ڏيندس،
ڪٿا ڪير ڪنهيون ڪٿونيا به ڪهندس،
وطن آئون ويندس، اتم آس ايها.

٥- عمر ڪوٽ "احمد" آهيان عمر ارهي،
تنهان شال سائيهه سگر سان سرهي،
اتم ماڙ مرهي، ڪريان ٿي سو پيها.

ڀاڱو ٻيو

آيت الڪرسيءَ جو منظوم ترجمو

(١)

سو ڏٺي، ٻيو ڪو ڏٺي جنهن لار ناهه،
سو سدا جيئرو سنڀاليندار آهه.

ننڊ وٺي جنهن ۾ نه جهوٽو منجهه سنڀال،
ملڪ آن جي، ملڪ، ٻوليون، آپ بحال،

ڪير آهي؟ جو آهو ڪنهن وار ۾،
ري حڪم تنهنجي، دڙي درٻار ۾.

پر اجازت سين سندس، ٻئي سو ٻُجهي،
جو آهن اڳيان، ۽ پويان، تن هجي.

۾ نه چاڙن عام آن جي مان ذرو،
پر گهري پرور ڏيئي، جيڪي ٻرو.

بادشاهي تخت آن جو بي گمان،
وڏو وڪوڙي، آپ، زمينون، آسمان.

تن ٻنهي جي نت نظرداري وري،
اصل ناهي، ڳالهه، ڪا آن ني ڳري.

۾ آهو مڙني مٿاهون، معتبر،
سو اوڏيءَ ۾ وڏو، ظاهر زبر.

———

التحيات جو منظوم ترجمو

(٢)

هڪ خدا لئي، خاص تعريفون تمام،
مهربانيون ۽ ٻيون موچاريون مُدام.
اي نبي! توتي سلامن سؤ هزار،
رحمتون رب جون، ٻيون برڪت بيشمار.
پڻ اسان تي، پاڪ صاحب جا سلام،
پڻ مٿي نيڪن ٻندن آڳي علام.
پڻ ڏيون ٿا ساک پوري سُنهن کڻي،
تان ڌڻي سائين نه کو، ڌاران ڌڻي.
۽ ڏيون ٿا ساک هيءَ ثابت صفا،
تان ميڙو مرسل محمد مصطفيٰ.
آهي، سو الله جو بهتر ٻندو،
۽ ٻيو پيغمبر پيارو، تنهن سندو.

دعاء قنوت جو منظوم ترجمو

(٣)

رب! رکون تو کان، گهرون ٿا هر مدد،
تو کان بخشايون ڏُراهون بي عدد.
۽ اسين توتي رکون ٿا اعتبار،
۽ رکون صدبار باري! توتي بار.

تنهنجا سڀ ساراهيون ساري ڄمار،
تو ڀلي جا ڀال ڀانيون بي شمار.
جو ڦري فاجر، ٿئي تو کان يا خدا!
ترڪ تنهن ڪريون، رهون تنهن کان جدا.
رب! رکو توکي نمون، ڪريون نياز،
خاص تولئي يا خدا! ڪريون نماز.
توکي ساجد! سير نمايون ۽ جهڪون،
رات، ڏينهان تو طرف ڊوڙون ڊڪون.
تنهنجي رحمت ۾ اميدون ٿا رکون،
۽ ڊڄون تنهنجي سزا، آزار کؤن.
ڪ سزا تنهنجي سچائي ساڻ سڌور،
آهه ڪافر ذات سان لاڳو ضرور.

سيد الاستغفار جو منظوم ترجمو

(٤)

پاڪ پرور! منهنجو پالڻهار تون،
ٻي نه ڪا دربار، پر دربار تون.
۽ بڻايئي مون ڀلا! ڪي ڪين مان،
آهيان تنهنجو بندو، مسڪين مان.
تنجي جو ڪيا، جي ڪيم، غلطيون، گناهه،
تو ڪنان پر ۾ پنان پردو پناهه.

ٿو ڪريان ڳالهون ڪڏهن، پنهنجي خطا،
پر ڪريان آس، مٿم تنهنجي عطا.
پوءِ معافي سان، تنهنجي مهر سون،
۽ مٿم ڪر مهر وارا! مهر تون.
ٻيو نه پوڪارڻ جيهو، ڪو ٻيو، ٻوڇ،
پر ڏٺي هڪ آهي، داتا، دستگير.
هيڪڙوئي ڪُل ڪندڙ ڪم ڪار آهي،
آن جو، بلڪل ڪوبہ ڀائيوار ناهي.
مُلڪ آن جو، بادشاهي برقرار،
شڪر آن جو، ڀال آن جا بيشمار.
۽ سدا سيو آهي جيئرو جل جلال،
پر نہ مرندو ۽ مرڻ آن جو محال.
هٿ آهيہ جي ۾، ڀلايون سڀ بحال،
۽ آهو ڪُل شي مٿي، قادر ڪمال.
رب تعاليٰ! جنهن جي ڪيئي روڪ ٽو،
تنهن ڪي لاهيندڙ، نہ احظي لوڪ تو.
ڪوششون، ڪوشش ڪرڻ واري ڪهن،
ڪين ڏيندبون ڪو نفعو، تو کان تنهن.

درود شريف جو منظوم ترجمون

(۵)

مهر ڪر مالڪ! محمد مهر سر،
۽ سگهر تنهنجي، سگوري سر بسر.

جيئن تہ ابراهيم، اُن جي آل تي،
مِهر ڪئي سائيم سچا! هر حال تي.
در حقيقت، حمد جو حقدار تون،
تون وڏو ڪيڏي قدر ڪلتار تون.
اي مٺا مالڪا! محمد مهر ڪي،
واڌ ڏي، پڻ آل تنهن اڪسير ڪي.
جيئن ڪِ ابراهيم تي ۽ اُن جي آل،
ڪئين ڪيا تو پال، پالن تي بحال.
تون سدا ساراهہ جوڳو بيگمان،
تون وڏو والي، وڏائي تنهنجو شان.

"رب جي ڏنئي مان ڪجهہ ڏنئي"

(٦)

ياد ڪر ڪنهن يار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهہ ڏنئي؟
حق ڪنهن حقدار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهہ ڏنئي؟
آٿ قسم، قسمت ۾ ڪڏ، قادر ڪيا قرآن ۾،
ڪنهن بہ پائهوار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهہ ڏنئي؟
پال ڪائين تو خوشيءَ مان، صبح سانجهي ست طعام،
ڪنهن لنگهي لاچار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهہ ڏنئي؟
تون ڪهڙن گهوڙن چڙهيو، لک جي سوارين تي سوار،
ڪنهن بدي بيمار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهہ ڏنئي؟

دين ۾ داخل ٿيو، وڃڙي وڳر پنهنجي ڪنان،
ڪفر ڪان بيزار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
ڳٽ غلامي جا ڳچي جن، ني پيا گولا، غلام،
ڪنهن به زر، يا نار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
ڪيترا ڪنگال قرضي، قيد، قابو ڪاٽ ۾،
غم اندر غمخوار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
مال، بيت المال لئي، جيڪي ڪٿي ڪن، قوم مان،
ڇنو ته، تنهن تيدار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
راهه رب جي ۾، لڙئي ڪا، ڪنهن سپاهيءَ جي سنڀال؟
يا سپه سالار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
راهه ويندن کي پيارئي، ڪو ڪڏهن رب جو وٿو،
يا پڳهن بازار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
پٽ ڏيکاڻي، پنهنجي پٽ کي، پر مٿا مائٽ جنهين،
تنهن تواڻي يار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
ٿئين تقاوي مان تونگر، هر ٿري هارين سندي،
ڪنهن بکئي بيمار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
تون سوائي مان سويرو، سال ۾ وٺين سيٺ ٿي،
ڪنهن نڌر نادار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
گس، گهٽي، بازار ۾، اکين ڏٺين انڌن قطار،
ڪنهن انڌر آوار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
مرشدن لئي مفت موجون، پر ڦرن فوجون فقير،
پنج ڪئي پينار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟
حال هوندو ڇا بڌهن، حقدار سامهان منجهه حضور،
شوم شاهوڪار ڪي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏنئي؟

بار بيت‌المال تي، سو بادشاهن بند ڪيو،
سڏ صباح سرڪار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏئي؟
اڄ بہ سگهه سرڪار کي، تن جي سنڀال جي صحي،
جي وٽن وچار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏئي؟
اڄ سڀا "احمد"! سڀئي، مسڪين توڙي مالدار،
پهچڻان هن پار کي، رب جي ڏني مان، ڪجهه ڏئي؟

— —

"گهڙيءَ سان عمر گهڙي گهٽبي وڃي"

(٧)

گهڙيءَ سان، گهڙي عمر گهٽبي وڃي،
ڪڙيءَ سان، ڪڙي راند ڪٽبي وڃي.
دنيا دوست! لاهي، نہ دل جا داهل،
ڦٽن تي، ڦٽن سان ڦٽبي وڃي.
پلر پاڪ مان، پڪ ٻين کان پڪ،
ڪکن تان مگر ماڪ ڇڻبي وڃي.
ٻلي! جوت جوڀن، جواني جمال،
جٽي کان جهٽ پٽ ۾ جهٽبي وڃي.
پٽي ڏينهن ٻوٽا، ڪين گونر، گل،
پنجاهي پڃان، ساز پٽبي وڃي.
ادا! جوت جوڀن اٿئي پن پنور،
وٽن تان بہ ڏيہ، ويڙ ولبي وڃي.

مَٽندن سير ملهارين، مٽيل منجهه ملير،
سياري ۾ سڀ ڳالهه سٽبي وڃي.

سٿر بعد چولڊين، سٿر ڪج سٿار!
مٿم مهر ڪر، مُهر مٿبي وڃي.

فِدا ساهه، جنهن سونهن، صورت مٿان،
ڏٺم سا ڏَکن هيٺ ڏٿبي وڃي.

منجهي جو سڌن سان ٿئي سار ڪانه،
اسر ساڻ، خود اک آٿبي وڃي.

ٻچن موت ڪان ڪين موتيءَ ڪٽان،
لڳن واءِ لکي لعل لٿبي وڃي.

ڏسي باغ پورو، تون پورا ۾ پَٽل،
سڄي باغ تي برف ڇٽبي وڃي.

پٽين پيو، پاڻين ڪمايان وڏيڪ،
رقم عمر جي روز ڪٽبي وڃي.

ڪِلي ڪهوٽ ڪُهنبا ڏِکيا منجهه خموس،
جمعه رات جوڙي ويٽبي وڃي.

عمر بد عمل سان، نه ڏٺي ڦرڦلو،
پليو پاڻ پاڻي تـه ڇٽبي وڃي.

ديا ڪر حياتي هلي ڪيترو،
سنگت تنهنجي ساري سلهٽبي وڃي.

ڳهان ڪن خزاني تي خالي مخول،
مخولي ميڙن جي مهٽبي وڃي.

طبل چڏ طبعت، طبين ڏيکار،
اکيوڙي همت هال هٽبي وڃي.

احمد ڪان نہ "احمد" پري ڀال ٿي،
دوئي ساڻ، دل صاف ڪئبي وڃي.

"ادا! عمر آئي چڙهي، ڏسندي ڏسندي"

(٨)

ادا! عمر آئي چڙهي، ڏسندي ڏسندي،
گهٽي هر گهڙيءَ سان، گهڙي ڏسندي ڏسندي.
ويهڻ ورهيہ ٿيني، وَهي واهہ! جهڙي،
وڃي سُونهن سٽ ٿي، سڙي ڏسندي ڏسندي.
ستر ۾ ستر جي، نہ سگهہ ڪا، نہ ساهون،
ڇني ڪو ڀڙو يا ڀڙي، ڏسندي ڏسندي.
جوانيءَ ۾ چوندي، ججها يار جاني،
چون ڀوءَ مڙهو، يا مڙهي ڏسندي ڏسندي.
ڪئين ڪوهہ اڄ رات، ڪاري ۾ ڪاهڻ،
نہ چڙندين ڪڏهن، ري چڙهي ڏسندي ڏسندي.
ڪڏهن ڪنڌ پر، ڪاڪ ڪاهيندين ڪرهو،
چڙدي ماڳ موتين، مڙهي، ڏسندي ڏسندي.
اهي ۾ اڳي خود، اهي ڪوهہ لڳندي،
ڪڙي ٿان ڪرين آتڙي ڏسندي ڏسندي.
ڀلي! ڀيت ٿنهنجا، مٺو ساز، آواز،
نوَي ۾ نہ ٺڪري ٺڙي ڏسندي ڏسندي.

صدقي ۾ سڏون ڇٽ، جڳهي عمر جاني!
ٻني هٿي بلا ڪا ٻڙي ڏسندي ڏسندي.
گهڻن تو وڏي عمر، ٻر جي وڏي ٿئي،
نه ٻولڻن عمر مان، اڙي ڏسندي ڏسندي.
حيراني ٻنائي ڇڏي، ٻازيون تو،
ٿئي نهٿ ڪوئي ڪڙي، ڏسندي ڏسندي.
لهي ۾ چڙهي لهر، لحظي ٻه لحظي،
هڏي ڪنهن گهڙي ۾ گهڙي، ڏسندي ڏسندي.
سوين اچ سلامي، سوين سال سيچ ۾،
نه ٻچندئي ڪو لالن! لڙي، ڏسندي ڏسندي.
ڪڙي ۾ ڪڙي، وار ڪارا ڪلهن تي،
جداسي ڪڙي ڪان ڪڙي، ڏسندي ڏسندي.
الف مثل قد، نڪ نيلوفر نمونو،
ٻڻون لام وانگر لڙي، ڏسندي ڏسندي.
صفا ڏند، سپ وات، لب لعل موتي،
ڪري منهن مان موتين لڙهي، ڏسندي ڏسندي.
پلڪن اچ چون پنا، پلين پاه آئين،
ڪڏهن ڏور ڏيندئي تڙي، ڏسندي ڏسندي.
نظر تيز اچ نيت نظارن تون ۾،
نه ٻهري ۾ سگهندن اڙهي، ڏسندي ڏسندي.
وڏا مٿهه دمين دوست! ٻر پاڻ پٽ تي،
لڳي جا اجل جي آڙي، ڏسندي ڏسندي.
نه معلوم، ڪنهن مور مرندو منجي تي،
ڪر ايندو اجل آپ ڪڙي، ڏسندي ڏسندي.

اچا ويا اچي، موت موڪل وهيٺون،
ڏٺي مدعا مَن ڪهڙي، ڏسندي ڏسندي.
قلعا ڪوٽ ڪهڙا ته قابو ڪرائين،
سچا مال، ماڙي، مَڙهي ڏسندي ڏسندي.
شرافت شَر آفت، نه دَولت به دولَت،
ٿيندي ٻِڪ پٺي ٽني ٻڙهي، ڏسندي ڏسندي.
دعائون، دوائون شفائون نه ڏينديون،
نه ماڪي، نه مصري ٽڪڙي، ڏسندي ڏسندي.
زميندار جئون ڪيهن زماني زمين ۾،
رهن دور ديه ۾ دڙي، ڏسندي ڏسندي.
سدائين سوايون نه ڪنهن سيٺ ڦٻنديون،
ڪري ڏوڙ ۾ ڏو دڙي ڏسندي ڏسندي.
نه دائم اِهي ڏل، نه دونهون ڏراڙل،
نه ٻَڌجي چِلڙ ۾ چڙي، ڏسندي ڏسندي.
ڦِٽن باغ، بُستان، بستيون ٻهاران،
ٻهن ڪِڙهه، وڏا ٻن ڪِڙهي ڏسندي ڏسندي.
مرڻ مهل ٻيري وِهن ٻـــار يار،
ٿئي روح راهي رڙي، ڏسندي ڏسندي.
پسين هوند پوئين پساهن جي حالت،
ٻَون ڳل تي ڳوڙها ڳڙي، ڏسندي ڏسندي.
سدا ڳڏ خدا هڪ، جدا يار جاني،
اٿئي جان جن سان جڙي، ڏسندي ڏسندي.
بلي! ٻون ته اج، باغ، بستان، بستيون،
لهي پوءِ نه لاڏي لڙهي، ڏسندي ڏسندي.

اندر روح "احمد"، ڀري ڀاڪي جيئن،
وڃي وقت تي سو ڦٽي، ڏسندي ڏسندي.

"اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي"

(٩)

صفت سڀ صبح شام سبحان کي،
نه ڪيائي سکڻي ڪو سندس شان کي،
ڪيئين خاڪ مان خان خاقان کي،
بڻائين ڀلي ذات انسان کي،
نه انسان ڪن ياد احسان کي،
اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

پڙهون عام اخبار ۽ اشتهار،
نه قرآن ۾ ڪا ڪجي ڦيرڦار،
اکيئي وڃا حڪم ڦيريا هزار،
نه ڦيرڻ منجهان ڦل وربو ڪهن وار،
نه رهيو نفعو ڪنهن به نادان کي،
اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

خدا پاڪ ڪولي ڇڏيو باربار،
نه بلڪل نه بگڙو ٿيو ڀارڀار،
نه ڦيرڻ، ڦيرائڻ جا پڇو ٻار! ٻار،
ڪيون هڪ وڻ کي ڪپي ڏارڏار،
ٽڪاڻون سڄي باغ بستان کي،
اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

ڪيائون جدا قوم جوڙي ڪتاب،
ملن هڪ ٻه آيت تي عالي جناب،
ڇڏي ڏيئي، فرقان ٻيو فضاب،
اچن شعر جهڙن شور شر تي شتاب،
مچايون گهڻي ڪوڙ ڪمسان کي،
اچا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

نبي نوح ۽ هود، صالح سچار،
سڀني پڪ ڪئي پاڪ رب جي پچار،
هلون پير سنڌن تي، پيرون پنج-چار،
ڇڏي حق ويا پوء هاريا هچار،
ته سي ياد ڪن يار طوفان کي،
اچا ڦيرهو ڪيئن فرقان کي؟

ڀڃي بُت براهيم ڪيا پٽ پٽي،
ته درگاه پيئي ناهي، ڏاران ڏٺي،
نه سا ڳالهه هن واعظين کي وڻي،
پڪي پير تان پڙ پڪيڙيون ڪٽي،
وڃايون، ٻه مائي مٺي، مان کي،
اچا ڦيرهو ڪيئن فرقان کي؟

مڪي ۾ محمّد (ص) جي للڪار لات،
نه گڏيو ڏٺيء سڀن نه درويش لات،
نه عزت جا حقدار عزّا، منات،
مگر ملڪ ۾ اڄ سون سومنات،
عرض پيش اجمير، ملتان کي،
اچا ڦيرهو ڪيئن فرقان کي؟

مقرر ٿيا وقت روزي نماز،
ٿيا اڄ انهن کان بندا بي نياز،
سٺين صبح سانجهي سنيما ۾ ساز،
سدا وقت پوري مٿي ساز باز،
نه مسجد ۾ راحت مسلمان کي،
اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

سنيما جو سعو سوبلو ٿيو،
پٽان کهوٽ گهر ۾ اڪيلو ٿيو،
اچي ڪنهن اولداهي ۾ ميلو ٿيو،
سندو مرد، مُردار ليلهو ٿيو،
ٻهر گڏ ٻين سان ڇڏي پان کي،
اڃان ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

حسينه ٻه هاڻي ڪرائي تپاس،
ڏڪائين ٻنهٽي کي سنهڙو لباس،
ميڙي مرد منصف، ويهن آس پاس،
ٻسي پير، هٿ، پيٽ ڪن پوه پاس،
نه ماريئي ملوڪت ۾ ميدان کي،
اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

نه آلمن آيرن مٿي اختيار،
ٻڌري خواهه بيمار کان بي مهار،
تقاوي وٺي لاه تڪڙا تيار،
سقيمن کي، سٺيون چون سخت بار،
پريشان وڌ ڪن، پريشان کي،
اڃان ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

پڙهين ڪتاب، اخبار يا اشتهار،
ڏسين در، ڪي ديوار در ڪان پهار،
نه هڪ، دو حسينه هجي، ساڻ هار،
مٿن تنهنجي صورت بڻي گل بهار،
ننگي جو نظر، ننگ نگران کي،
اڇا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

فريشن ڪٿا بڪ ڪمان پار پار،
خدا تن کي ڪوائي ڇيو بار بار،
نه روزي سڀن جي جو باريءَ ني بار،
اسين جي نه ڪريون آنس اعتبار،
نه لعنت الهيءَ دين، ايمان کي،
اڇا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

نه ڪو دور قرآن، دعائون درود،
سڄي رات سڄڻ ۾، سرندا سرود،
غريبن جي غم ڪان، غني ۾ غنود،
صفا ڇوٽ سوداگرن لاءِ سود،
نه سورهين منع ياد مستان کي،
اڇا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

محمد (ص) سو ڪل امت جو امام،
پيا ڇيا هدائين مذڪور سام،
ٿلها ٿاهه نڪيون تفرقا تمام،
نه هلندن حشر ۾، ڏسان ۾ ذمام،
اندر آڳ آڇائين اڳوان کي،
اڇا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

رَنون رات-ڏينهن راڳ ڀنيان رڱي،
جهلي تند هڪڙي، ته ٻي تند هڻي،
نه پائين پهر، ڪتي پوَ پٺي،
ڇني ڏي، ڇني ڏي، ڇني ڏي، ڇني،
نه ”احمد“ اندر ساڙِ ارمان کي،
اڃا ڦيربو ڪيئن فرقان کي؟

——

”نه ڇڏيو سندن قوم قرآن کي“

(۱۰)

صدا حمد حنان، منان کي،
نه ڀُڇون اسين هڪ به احسان کي،
ڏئي قرب، تان قربان کي،
مُڪائين محمد نبي فرقان کي،
صبحا شاهدي شاه ذي شان کي،
نه ڇڏيو سندم قوم قرآن کي؟

مڪي ۾ مڪو رب، رهبر رسول،
ڇڏيو ڪفر ڪلمون ڪريو ڪل قبول،
پڇو باه ڪان بت پڇو بوالفضول،
نه وريا ابوجهل جهڙا جهول،
سيا سانگ ڏئي، جا خبر خان کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن کي.

اقيموا الصلوات، و آتوا الزڪوات،
سداجي نه سڌرن، نه سنبرن صلوات،
نه انڊن، نه منڊن، نه ڏيرن ڪي ڏات،
مٿن شاهه شاهد بني نيڪ ذات،
منڊيندا جنهين مهل ميزان ڪي،
نه ڇڏيو سندم قوم قرآن ڪي.

نه اوڏي اڳهاڙن، ۽ ڍڪين نه ڏاج،
نه لاهين اڙيات جو احتياج،
ڪريو حج حرمين، لاهين حاج،
وياجن تي چاڙهيو وڃن ٿا وياج،
سٽيا پوش سپ ڳالهه سبحان ڪي،
نه ڇڏيو سندم قوم قرآن ڪي.

پڙهن پاڪ ڪلمون، چئن سان چور،
ڪٺهن ڪامو، پوءِ ڊيرن تي ڊور،
"سيڙيا" مٿا "آهيل" تي ملان مفت خور،
چوس رب رت سير جو، ماس سور،
نه سا ڪا منع ياد مستان ڪي،
نه ڇڏيو سندم قوم قرآن ڪي.

ڪهن اڌ اڳهاڙا اميرون، امير،
وڃن منجهه وڪار هيڪار هير،
سنهڻا ۾ ساڳهر سپيري سڌير،
روش ۾ سڏائين روشن ضمير،
جهليائون فرنگين جي فرمان ڪي،
نه ڇڏيو سندم قوم قرآن ڪي.

ٻِراهيم اڳ ۾ ڀڳا بت ٻاهر،
وَڃي لات، عُزا، ڪِري عيسيٰ، عُزير،
جهاليون تن جي جاتن کان مُرسل بشير،
قبن تي قطارون ڪٿيون، ڪهڙ ڪير؟
ڪنڍي ڪيڏا لڳا قوم ڪفران کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن کي.

نبيءَ ڪنهن نه آڏيو قبو سر قبر،
پڪائون ڀتن کي، سٽائون صبر،
پلِيا پيٽ مٿي، بدعتي بي خبر،
سُنيا شاهد، شاهد مٿن معتبر،
ڪندو ڀال اظهار ارمان کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن کي.

خدا کان چون، سگهه وليءَ کي وڏي،
مٿا ڪن مدد، مهند جن جي مڏي،
جڪس ٿئي جيئرن جماعت جڏي،
سُڪا، ساڳ جن جو، سوئر جي هڏي،
نظر ۾ نبي نور نيشان کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن ڪـي.

ادا! عالمن کي ڇڏي ويو عقل،
مقامن اندر، ماس کائن ٻڪل،
جتي عام عبرت، عتي جي عڪل،
قبر ۾ پوڻ ساز، ٻوي ڪٿل کي ڪٽل،
مٿن داڻهن ڏئي، دوست درتان کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن کي.

ويا خير وساري وڏن ۾ لڳين،
سڀري سڀر ڪير ڪائن ڪنڊين،
نه آڌار ٻهچن انڌن ۾ منڊين،
ڪريو ٿيند، ٿيندڙا پڻ منجهه ٿيندين،
محمد (ص) چوي مهند منان ڪي،
نه ڇڏيو سنڌم قوم قرآن ڪي.

خبردار، رک ڪا خبرچار اڳ،
انڌا ۾ منڊا سڀ عرضدار اڳ،
نه ساون لڏي مون، نه سڏ سار اڳ،
اڳيان شاهدي، شاهه سلطان ڪي،
نه ڇڏيو سنڌم قوم قرآن ڪي.

قيامت ۾، قرآن هٿ ۾ نبي،
جتي جن ۽ انسان حاضر سڀئي،
حڪم ني هلڻا جي، نه غافل غبي،
چوي روبرو رب رحمان ڪي،
نه ڇڏيو سنڌم قوم قرآن ڪي.

اصل ۾ نه اُمت هئي هيڪڙي،
سڄي قوم هڪ، جيئن ڪڙي ۾ ڪڙي،
لڳي ڳالهه قرآن، ڪين ڪي ڪڙي،
ڪٿي پوءِ ٻيرن، ٻڙهن ٻچڪڙي،
ڪيون پاڻ ۾، هدو اخوان ڪي،
نه ڇڏيو سنڌم قوم قرآن ڪي.

ڪنوارين جو قرآن سان ڪن نڪاح،
ته مورهين مسلمان ڪي، سو مباح،
ڏني شوم شيطان، تن کي صلاح،
ڇوي روبرو رب رحمان کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن کي.
اٿئي ياد "احمد" ڪو عهدو الست،
ته مج هيڪ مالڪ، م َ ٿي مال مست،
خدا هڪ زبردست، ٻيا زيردست،
ته ٿئي بندگي تنهنجي، بندي ۾ بست،
نه ڏٿي توتي ياداشت يزدان کي،
ته ڇڏيو سندم قوم قرآن کي.

"خلافت ملي خاص انسان کي"

(١١)

خلافت ملي خاص انسان کي،
نه ڀيتا ملائڪ انهيءَ مان کي.
ملڪ نور مان ۽ بشر خاڪ مان،
ٻنهيءَ جي ڏسو علم، عرفان کي.
جڙيان جن، ملڪ اار ۽ نور مان،
بڻائين منجهان خاڪ خاقان کي.
ڪهو امر ملڪن کي مالڪ جهان،
نمو منهنجي خاڪي بشر خان کي.

نمہا نيڪ نوري، نہ ناري نمہو،
نڌھن وٽو نڙيو توڙ، نعمان کي.
چوائين تہ آهہ بشر کان پلو،
نهوڙي نيو نفس نادان کي.
خدا بعد بي شڪ بشر بادشاهہ،
بڻائي ٿو بستيون ۽ بستان کي.
پاڻن جز، ملائڪ بشر سان پيٽ،
ڪٿيون قطب موتي ڪر مرجان کي.
خدا خلق ۾ خوبتر خلقيوس،
آنو اڪرم الخلق انسان کي.
نہ پيو ڪو برابر ٻهڪ ۾ ٻهي،
اکيون جاچ، عضوا ۽ ارڪان کي.
بشر سان ٿو ملڪن ٿي، مرڪي خدا،
تہ مِٺون نہ تنھن کان مسلمان کي.
مجيندا مسلمان، ملڪن مثال،
وٺي حيف سان، ڪنھن نہ حيران کي.
وٺي سچ حقا حق حڪم منڊو،
وٺي پير پنهنجون پريشان کي
وڏو وات ڦاڙي، ڪري ڪارڪند،
پڙهي ڪڏ پيو پاڪ قرآن کي.
ڪهي منجهہ ڪچهري "ڪلهي تي ٽنگا"،
مچائين ڪٽي ڪوڙ ڪمسان کي.
ٻٽڙي، کهر ۾ ڪاڙهون آنو عورتون،
نہ موتي چڙهو، شرم ۽ شان کي.

بشر جي چولي ۾ نور، پيڙا ڪري،
خدا ۽ نبيءَ سان، شيطان ڪي.
سٺي سو سخن، جي ٻه، سرها ٿيا،
وڃايو آهن دين، ايمان ڪي.
نبي نور آهي، بشر پڻ بشير،
عطا ٿيا ٻه القاب اڳوان ڪي.
قريشي قبيلو، مڪي، هاشمي،
نبيءَ جو نسب پڇ نسبدان ڪي.
بشر ري نبي ڇا مان سادات ذات؟
پريو جن عجم، عرب، ايران ڪي.
مٿان ذات سادات مان ضد انس،
ڪڍي ٿو سندن بيخ بنياد ڪي.
ته "احمد" انهن سان، تون ڏنڊ ڏي،
مڃي جو نه فائق جي فرمان ڪي.

"ڏٺو رمضان، روزيدار جاڳو"

(۱۲)

ڏٺو رمضان، روزيدار جاڳو،
ٿئي روزي رکڻ جي وار، جاڳو.
اٿو قرآن جنهن ۾، شب قدر پڻ،
ڏهون پڻ برڪتون، بسيار جاڳو.

شقي شيطان جڙيو، مچھ زنجيرن،
وسي رحمت، وسائي نار، جاڳو،
سوري رات چوڻي، ڏينهن روزو،
اهو ناهي، ڪي اهڙو بار، جاڳو.
رکو روزو ته بُک جو قدر پوَئيان،
لهو ساري سڪين سار، جاڳو.
رهي ٿو روح روزن منجهه راضي،
ڀڃي بک کان بدن بيڪار، جاڳو.
رکو روزا ته ان سختيءَ سهڻ سان،
پئو ٿي جنگ جا جونجهار، جاڳو.
ڏکي بک ڏينهن جي، يا باهه دوزخ؟
ڏسو توري تڪي تڪرار، جاڳو.
ڏکي اڄ ڏينهن جي، يا روڳ دوزخ،
پڇيل پنهنجون پوي، ٿين پرڪار، جاڳو.
ڪريو ڪريون، حڪيمن جي حڪم سان،
ته پوءِ کوڙو خدا سان [illegible]، جاڳو.
نه بيماريون رکو ظاهر بدن جون،
پيا پيو ڪئين اندر آزار، جاڳو
دوا بُک آهي، بيمارين گھڻين جي،
سهو بک، يا رهو بيمار، جاڳو
خدا سين خار م، ڪو خير نه آهي،
نه هلندو زور زاريءَ ڏار، جاڳو.
خدا خلقيا ڪئي منٿ خاڪ جي سان،
انهيءَ سان ڪو سونهي انڪار؟ جاڳو.

ته مالڪ سَٽ، مِٽي تنهنجي مٽيءَ سان،
ٿئين تنهن ۾ فن دلدار! جاڳو.

سٿو پيا سڀ، فلاڻو فوت ٿيو اڄ،
ته پيا پڻ ڏيهه ۾ ڏينهن چار، جاڳو.

وري آن مان اٿاريندو آهو ٿـي،
اياهو جنهن، به اوّل بار، جاڳو.

هڪل سان، حاڪمن کي حاضر هون اڄ،
سپاڻي سڏ وڏي سرڪار، جاڳو.

رکو روزا ته مـوا ـهند ماڻيو،
آٿان دعوت سندي دربار، جاڳو.

پڪي جاڳيا، نه جن لئي باغ جنت،
توهان لئي جو گهرو تيار، جاڳو.

ٻَڌون ٻيلن ۾ ٻاٻيهل ٻُرن ٿا،
ڪَوُّل جي ڪوڪ منجهه ڪَهسار، جاڳو.

ٻڌو ٿُوتن ۾ طوطن جون تنوارون،
چمن ۾ ڪن چتون چهڪار، جاڳو.

چون ڪجهه، باغ ۾ گل گل تي بلبل،
لڳي هُوهُو هجن، هونڪار، جاڳو.

بهارون بخشش جون بر بحر ۾،
اچن هيرن منجهان هڪار، جاڳو.

صفت ڪن سڀ شيون سبحان الله،
جبل، جر، جهنگ ۾، جونجار! جاڳو.

آٿي "احمد" ڪريو الله الله،
پڙهيو سبحانهٗ صد بار، جاڳو.

"لطف مان لاهيان نہ آس"

(١٣)

يا الاهي! يا الاهي! آهي تو کي التماس،
آئون نہ ميهڻيدار، منهنجو منجهہ مديءَ هر ماهہ ماس،
منجهہ بدن بدبوءِ بدين جي، هڏ ڪِنو، مردار ماس،
وٺ ملي ڪا تو وٽان، جنهن سان لهي وڃنم وِماس،
لاء مَن لاتقنطوا ڪي، لطف مان لاهيان نہ آس.

آب ابري مان اهائي، تو ڪيس آهائتو،
تو ڪيس آبائتو، پر ٿي پٽس عيبائتو،
زاريون منهنجون، نہ توسان زور ڪو زيبائتو،
عفو ڪر عيبائتي کي، لاهہ غم غيبائتو،
آءٌ خالي مٿل ڪو ڪي، لطف مان لاهيان نہ آس.

تون برابر بار بخشڻهار، باري! باربار،
زور زاريءَ ري نہ ڪو، ذرذر رُوان تو زارزار،
عيب اڳلا بون سندم، انبار آهن ڏار ڏار،
سؤ ڪبيرا، سؤ صغيرا، بار سر تي، ڪاربار،
ڪيڏ گناهن مان گنو ڪي، لطف مان لاهيان نہ آس.

موڙ آئي ڪم انهن جو، جن ڪيا جور و جفا،
پر ٿئي خالق نہ، خاطين جي خطائن کان خفا،
پال پاپين ذي مڪائين، موڙ مرسل مصطفيٰ،
جو چڱن مڙسن جي چوٽي، چنڊ چوڏهين، سچ صفا،
موڙ سا منظور مون کي، لطف مان لاهيان نہ آس.

مهڙ آئون ڪم انهن جو، عيب جن ۾ عام ڏس،
پر اسان عاصين مٿي، الله جي انعام ڏس،
لاه مِن لاتقنطوا، الله جو الهام ڏس،
پاڻ پاپين کي مٿڪائين، مهر مرسل ڄام ڏس،
خوبصورت خابروءِ کي، لطف مان لاهيان نه آس.

ديس هڪ جي، ديس ٻئي ۾، هت هوا هردم هلي،
صورتون ۾ سڏ سڀو نا، سو ڪوهن تان ڪل جهلي،
ڪيئن لڪايا پوءِ لڪن، جيڪي گنه گولن گلي،
آهه اميدون آسرا، سڪهندس نه پرور مان پلي،
خواهه ڇڏيم پاپ پوکي، لطف مان لاهيان نه آس.

ڪوپ واري قبر ۾، کاري قيامت ڳالهه ڳچ،
سخت دم سڪرات جو، مهندان ٻرن ٽا مور مچ،
آئون پيادو، پنڌ گهڻو، ٻي پهچ کي پرور! پهچ،
سون صافي مون نه سوديو، ڪل ڪمايم ڪوڙ ڪچ،
ڪم نه چاندي سان ڇو ڪي، لطف مان لاهيان نه آس.

تون قوي، ڪلتار، قادر! آهه ڪچڙو آهيان،
ڪجهه نه ٻڌس، بلڪ ٻڌل ۾ بگاڙو آهيان،
منجهه حڪم تنهنجي، هٿين پيرين سٽاڙو آهيان،
ڪيم ڪر آهتار ٿيان، آهه اڪهاڙو آهيان،
ٻاجهه سان سنگار ٻو کي، لطف مان لاهيان نه آس.

اي له وڙ تنهنجو ته ٻخشين، ڪي ڪڏهن ۽ ڪي ڪڏهن،
بلڪ بخشين تو هزارين، حرف هيڪاندا هڏهن،
مهر سان مرهيم مديون، جنهن مهل مولان هڏهن،
لاه من لاتقنطوا، توڏي لنگهي آس تڏهن،
جان منجهه جنجال جو کي، لطف مان لاهيان نه آس.

هاءِ گهوڙا! هر گهڙي، مون ڪيا گناهن تي گناهه،
تو ٻنان تنهنجو پناهه، اي بي پناهن جا پناهه،
آهه، اندر ۾ آئي وڌي، سٽي الله! آهه !
تو سوا الله ٻئي ۾، آسرو، اميد ناهه،
ڇو ڇڪائيان چار سو ڪي، لطف مان لاهيان نه آس.

آهي خالق سان، خلقيل جي خودي خالي خمار،
نفس امّاري نهوڙيس، ڪم ڪرائين مونمار،
ري ڇڪهائي، ڪا ڇڱائي، ڪاڻ ڇانئم سڀ ڇمار،
مون ٻڌي سان اي ٻلا! ڪيئي ٻلائون بيشمار،
پر نه سگهيس پار سو ڪي، لطف مان لاهيان نه آس.

تو سوا ٻيا پير پوريل، ڪنهن پراهين پنڌ تي،
موت مرڪو وڇڙو، هر مهل قابو ڪندو تي،
ڏوڙجي ڪنهن ڏير تي، نه به رات رهڻو رنڌ تي،
هر هميشه حال پائي، هيڪ نون هر هند تي،
ڇو ڪيان پوءِ ڏور ڏو ڪي، لطف مان لاهيان نه آس.

ميڙ آبرو مصطفيٰ، مون ڪي منت منظور مور،
آءٌ عاصي آهيان، غلطين اندر غرقور مور،
چوءُ طرف ڇاڳهو ڇلايم، اڄ ڇڙيل ڪان ڇور مور،
آسرو تو ۾ اٿم، در ڪان نه ٽيندس دور مور،
من پوي ڪا مهر تو ڪي، لطف مان لاهيان نه آس.

ميڙ آبرو مصطفيٰ، پيغام پرور جو ڪٺي،
عاصين ڏي، عمر جن گذري گناهن ۾ گهٽي،
لا نه من لاتقنطوا، ڇا تو ڇوي دانا، ڏٺي،
آسرو الله ۾ رک، وڙڪندو واحد وٺي،
در نه منت، ڪنهن سان دو ڪي، لطف مان لاهيان نه آس.

حيف ٿي ساري حياتي، حق هدايت هاڻ ڪر،
اي الله! آهيان ڀٽڪيو، بخشي ڀُلئي کي پاڻ ڪر،
منهنجو لائق ڪر نه مون سان، پنهنجو لائق پاڻ ڪر،
سڀ ڪبيرا، سڀ صغيرا، بخش ڪلهي ساڻ ڪر،
تنهنجي "احمد" آرسو ڪئي، لطف سان لاهيان نه آس.

"قربان قدرت تان ٿيان!"

(١٤)

صبح ۽ سانجهي سدا، تنهنجو مٺو نالو ٿو سان،
تنهنجي نالي ساڻ مارين، پل جهارين جان جهان،
تنهنجي هٿ، هٿ ۾ منهنجا، ڪن ۽ اکيون، هڏ چم هيئان،
تون سنڀالين سربسر، قربان قدرت تان ٿيان!
ڪيئن جي ڪن مان ڪئي، ڪن ساڻ ڪيئن ڪون و مڪان،
جن ملڪ ماڻهو، مرون ڪيئن ۾ ڪئي ڪک جي به ڪال،
بحر بر بستان بستيون، شهر بازاريون دوڪان،
ڏينهن راتيون، پل پهر، قربان قدرت تان ٿيان!
عرش سان ني آب ٿيڪيو، ڪيئن زمانا، ڪيئن زمان،
پوءِ آپا ٿيئي آب، مان هي، آپ، زمينون، آسمان،
نور مان، ڪي نار مان، پون مان بشر کي بيگمان،
تنهن کي بخشئي بحر بر، قربان قدرت تان ٿيان!

پيٽ ۾ جيڪي هوي، ڦيرين مٽري سو ڪهه ٿئي،
هوءِ پاڻي، پوءِ پيئون، ڪو ڦڙو، ڪو ڦوڪ ٿئي،
سو ڦڙو جنهن ڪي، ڏسڻ سان آدميءَ ڪي اوڳ ٿئي،
سو بڻائي گل گوهر، قربان قدرت تان ٿيان!
ڳاڻي ڳاڻيان ڪيترو، ڏاتار! تنهنجو ڏاتيون،
مينهن وسائي مند تي، داتا! اپائين ڏاتيون،
ڏات ڏاڻن مان ٿئي، جنهن مان جڙن ڪيئن ذاتيون،
خان، خادم، خير، شر، قربان قدرت تان ٿيان!
خاص آدم کي اپايو، تو منجهان ڪنهن مٺ مٽي،
آب ان جي ۾ وري، صورت سنڌس ساري چٽي،
سؤ پيريون گذريون ڪ گذرن، ته به نه صورت ساڦٽي،
پيو وڃي ايءَ تي پسر، قربان قدرت تان ٿيان!
پس پدر پيرين تپاسي، پوءِ پس تنهنجو پسر،
نقل ساڳي، عقل ساڳي، شڪل ساڳي، سربسر،
پير هٿ تنهن وات نڪ، ڪنهن ۾ نه ڪوڙي جي ڪسر،
واه! قادر ڪارگر، قربان قدرت تان ٿيان!
ڏينهن چاليهه سو ڦڙو، اي چاليهي ۾ ڏک نهار،
ٿي ۾ هوري ۾ آڌوري، ٿو بڻي هوڻي هيهار،
پوءِ هڏ ۾ هوءِ هڏن تي، ماس، مڙهجي ماهوار،
ڏينهن ڪيٽان ڪيٽن ۾ ڪر، قربان قدرت تان ٿيان!
هوءِ پيدا ٿيو مهڻي، لار، ٻا نر ناتوان،
تان وٺي سو طفل طاقت جنگ بڻجي سو جوان،
ڪو اوهان مان اڪ مري، پوڙهو ٿئي ڪو پهلوان،
ڪم ستر ۾، سٽ ستر، قربان قدرت تان ٿيان!

چپ مٺي، ڪاري سندي، ڪنهن ڏني ڪيني سرهي جي ڪل،
گرم توڙي سرد شئي جي، پئي خبر ٿئي سان ڪل،
ڪل اکين جي کوهه کن تان، مغز ۾ ڇاپي شڪل،
مال، ماڻهو، نار، نر، قربان قدرت تان ٿيان!

سنڌيءَ ۾ ماڻهو مٿيءَ مان، پوءِ ڦڙو پوءِ ور ولي،
ذات ٿئي دَڳ وري، پيهر ڇيڙ ٻوٽي بڻي،
پوءِ ڏيکاريو تو هڏن کي، گوشت رب، غالب، غني،
ڦر ٿئي ويو چر اندر، قربان قدرت تان ٿيان!

هٿ ڏنان تو حاج لئي، جن سان ڏجي، ونجي وَکر،
مارجي، يا ميڙجي، لکجن انهن سان اکر،
جي وچن وڃجي نه پوءِ، ڪيئن ڪاڻجي سٽيو سڪر،
پيٽ تي ٿوڻي پات سِر، قربان قدرت تان ٿيان!

پير بخشئي پنڌ لئي، جن سان گهمون گلزار ۾،
ٿر گهمون ۽ بر گهمون، برسيو گهمون بازار ۾،
پڻ وڃن ويلي هلون ٿا، هيٺر ۽ هيڪار ۾،
ڪام گهمندي گم ڪنگهر، قربان قدرت تان ٿيان!

هي اکيون اکڙوٽ جيئن، جن سان سڃاڻو سڀ صحي،
خط اکون، ليک پڙهه پڙهون، پڻ ورق وانچون ۽ وَهي،
نور نڪري جي وڃي، پوءِ ڪر صفا ويو سج لهي،
پيٽي ڪَنَ، نڪا ڪَنَ جي خبر، قربان قدرت تان ٿيان!

نڪ نيلوفر جو نمونو، جنهن سان سونگهيون گل گلاب،
هين اندر خوشبوءِ ڪٿوري، هن ۾ بدبو بلڪل خراب،
دم چڙهي ۽ دم لهي ٿو، هين ڪر هن شئي سان شتاب،
هيءَ نه آگرو، هئو اڳر، قربان قدرت تان ٿيان!

آڱريون، ڳوڏا، ڳُريون، هٿ پير، هڏ چم، هند هند،
هيڪ پٺي سان سڀ ڪنهي، سوکها سلهاڙي سند سند،
روح رت لئي تن وچان، ٺاهڻي رکين سان رند رند،
جي پيهن دم، دم گذر، قربان قدرت تان ٿيان!

پار ٿيو پاهر تہ پهڪن، پنگلا ۽ پونگڙيون،
لوڏ ۾ لائن انڊي، پوءِ هنج ۾ ڏيئي هونگڙيون،
ماڻهن ۾ صد مبارڪ، سوکڙيون ۽ سونگڙيون،
ڪجھ عطائون، ڪجھ عطر، قربان قدرت تان ٿيان!

ڏاڏي پيپيءَ جا پٽيا، ساڌيون پر سالون سو صغير،
پوءِ وڌهي، ۽ پوءِ سڌري، پوءِ پير پائي دلپذير،
پار سڙيو، ڪير ڦريو، نروار آهي ايءَ نظير،
ٿوڪ ٿيڪرن تي ٽڪر، قربان قدرت تان ٿيان!

ماڻهن جي معرفت سان، پاڇھ سان پالين اچي،
عقل اول ۾ آڏرو، پوءِ پورو ٿيو اچي،
سال سترهن کهٽ ۽ وڌ سهن، سورهيو موري مچي،
مرد بڻيو معتبر، قربان قدرت تان ٿيان!

پوءِ ڪري تو ڪِهر ڪوندر، تيھ سالون تِند تئور،
ڪو پٺاڪي، ڪو پٺيھ لڪڻو، تہ ڪو پالڪ پٺور،
ڪنهن اندر خوشبوءِ ڪٿوري، واھ آڪتو ڪو ڪٿور،
مفتخر، ڪو مفت خر، قربان قدرت تان ٿيان!

چال چهري سان چلهو، تہ پر چالهن ڪان پوءِ چڪو،
ويٺي بهاري باغ مان، بلبل پڪا، گل گل سڪو،
لب لڙي پڪا، نڪ نمي ويو، ڪان جهڙو قد ڪُڪو،
سر بسر سائو نہ سر، قربان قدرت تان ٿيان!

پوءِ ڪئي پيدا ڦڙي مان، پاڻهي سڀ ٻي شي پهار،
پير هٿ، نڪ، آڱريون، اک، نيڻ نازڪ سان نهار،
تون وڏو برڪت پرڀو، ٿر، بر بڻائين تون بهار،
ڪارساز ۾ ڪسر، قربان قدرت تان ٿيان!

تنهن ڦڙي مان ڦل بڻائين، جن جا طرحين رنگ رنگ،
چين، افريڪا، عرب ۽ روم، فارس ۽ فرنگ،
آب مان آپ، پون بڻيا، جن جو ڏسڻ ڪان دور دنگ،
دور ڏسندڙ دربدر، قربان قدرت تان ٿيان!

هي پَريون، حورون هنئين ۾، ٿيون هٿن هوندون هٿين،
حمد هادي کي ڄڳائي، جنهن بڻايا جڳ ڏولهين،
نار تن من ۾ ڏٺين تون، تون نهين تون، تون ڏٺين،
تون اندر ۽ تون ٻهر، قربان قدرت تان ٿيان!

اڄ ادا! تون تو ڏٺين، جنهن شڪل تي شيدا فدا،
سا به پيدا تنهن منجهان، جنهن مان ٿئين پيدا ادا!
ڏيهڙ ٻن جي ڏيهه سالون، سڀونهن نه هجي هوندي سدا،
پوءِ وٺن نفرت نفر، قربان قدرت تان ٿيان!

وٺ قلم، ڪاغذ زمين، دريا مڙيئي ٿين مس،
ته به ڪٿي اڳ ٻان اچي، تنهنجي ڪمن، ڪلمن کي ڪس،
توءِ تن جهڙي مدد، ٻي آئجي ڪا، ته به آوس،
ڪس قلم کي، ڪم ڪسر، قربان قدرت تان ٿيان!

تون وڏو، تنهنجي وڏائي، ور ڏيو واکاڻيان،
تنهنجي اعلى شان ۾، کهڙا اکر آءٌ آڻيان،
جو اچي منهن ۾ چوان ٿو، من مرادون ماڻيان،
قدرتون ڪيڏي قدر، قربان قدرت تان ٿيان!

آهي اول ۾ احد، آخر ۾ "احمد"! سو احد،
سو هئو، هوندو هميشه، لوڪ سارو سنجهه لحد،
حڪمتون جنهن جون هزارين، هرطرف جنهن جي نه حد،
منهنجو آخر ۾ اکر، قربان قدرت تان ٿيان!

"تون هڪ ٻيو نه ڪير"

(١٥)

تون تهين تون، تون تهين جي تار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
تون سدا جيئرو سنڀالڻدار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
تون سچو سائين سدا سرڪار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
در دعا جو تون ڏئي! دربار، تون هڪ ٻيو نه ڪير،

هر زماني هر زمين ۾، ڪارگر قابل ڪروڙ،
ڪيئن شيون سرڙي، ملائي، ڪا جڏي جوڙين جوڙ،
ڏهه دفعا ڏينهن ۾ ڦيٽي، تختو ته تختي سان لوڙ،
ڪيئن ماڻ ڪٿي ماڻ ڪرين ڪم ڪار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،

ڪيئن ماڻ ڪن ماڻ ڪيا، تو هي زمينون آسمان،
تن زمينن ۾ زمانن کي جڙي، ٿيا ڪيئن زمان،
ته به سڀئين سڀڪار ساڳي، ڪر ٻيا اڄ ٻيگمان،
واه! جون، ڙوواه! جوڙل هار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،

آدمي آدم وٽان، هليا اڄون سالن هزار،
پوءِ مُرادن لاءِ ماڻهن، سِرُ مٿن ڏاهيا مزار،
هو نہ حالت زار ۾، زائر روئن جت زار زار،
تہ بہ نہ هن تان هٿ کڻين هڪ ڪار، تون هڪ، ٻيو نہ ڪيرُ.

حال، هڪ ئي تون، ٻين جون حالتون ڦرنديون رهيون،
ڪِپ ڪڏهن ڪيرو ڪڏهن، دم ڪِرت، دم ڪاڙهو ونهيون،
دم مٿان سج هيٺ سيج، سيج تي سونهي سهون،
تو جڳائي جيئن ڪرين جبار! تون هڪ، ٻيو نہ ڪيرُ.

آئون نپٽ نيپاج تنهنجو، ٻئي جي نالي مون نہ ڪر،
تنهنجي ٻاري ڪان ٻهر، هادي! هڪالي مون نہ ڪر،
آءٌ سچو تنهنجو سچل! ٻئي جي حوالي مون نہ ڪر،
هڙ حوالي تو حواليدار، تون هڪ، ٻيو نہ ڪيرُ.

تو سوا غمخوار ڪهڙو، جيڪڏهن مون غم ڀڃي،
تنهنجي طاقت ڪان سوا، قادر! نہ مون ڪان ڪم پڄي،
دم هٿان، ٻي دل هٿان، دم تي مٿان مون دم پڄي،
تون ٻچائين ٻي ڪرين بيمار، تون هڪ، ٻيو نہ ڪيرُ.

ڪين جي هڪڙن ۾ هئس، آءٌ اگي ڪوڙين ڪساب،
ڪين مان ڪيئن سان مون کي، جهٽ پٽ وِڌئي جوڙي جناب،
بُود مان نابود پوءِ، مون کي نہ ڪر والي وهاب،
تنهنجو آءٌ، منهنجو آخرڪار تون هڪ، ٻيو نہ ڪيرُ.

نون لسورو نور مون کي، مٿ مٿيءَ مسڪين ڪئي،
آءٌ ڏسي تو کي سگهان، اهڙي سندم اک ڪين ڪئي،
پر تو کي مالڪا! مڃي ڪان، مون نہ مٿن نابين ڪئي،
نيت وسين وڃ ڏي الدر وڏڪار، تون هڪ، ٻيو نہ ڪيرُ.

چا هئس، چا آهيان، چا آهي حالت اڄوڪي،
ڏي دلاسو ٻي دلي کي، دل دلين سان پوري،
ٻر وڏو، ٻر ۾ بلائون، بار ٻيا ٻر سر پوري،
بار باري! بخش بخشڻهار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

اڄ وڏي وڏڻ ۾ ورجهلان، انڌيرن ساري لياڳ،
اي ستر وارا! ستر تي، دل ستل تني مس سجاڳ،
عمر ۾ اول ۽ آخر، آفتون آهن آجهاڳ،
تار ويڙو تار، ساٿين تار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

ڪو پٽرين جو بادشاهه، ملڪن اندر مختيار هو،
ڪو سونهي ٽارن ۾ سڄ، ۽ قوم جو سردار ڪو،
ٻر نه آهي پرپرو، ٽالو سندن ٽروار ڪو،
ملڪ ساري ۾ مگر مختيار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

ڪنهن جي ٻرتي بادشاهي، بادشاهه ٻيو ٻحر ۾،
شاهه هڪ، هڪ شهر ۾ ۽ شاهه ٻئو ٻئي شهر ۾،
هڪ مٿي پهرو هئي، پيدا نه سو ٻئي پهر ۾،
عرش توڙي فرش ۾ اظهار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

چا هئس، چا آهيان، ۽ چا وري ٿيندس اڳي،
ڏوڙ ۾ ڏڙ ڪڏ نه ڏوڙي، ڏي دلاسو دل پڳي،
ماڪ جهڙي واڪ واريان، وات تي ويري وڳي،
پاڪ رب! پڪ منهنجو پهريدار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

هيت وڏا ڪي فخر تي فرعون ۽ نمرود ڪيا،
ڪيترن جا چئون ڪئين، ناموجود مان موجود ٿيا،
تنهنجي هڪ چئو سان چوتا، سڀ مري مردود ويا،
ڪُل مٿان ڪلتار، ڪانگي دار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

بادشاهن بادشاهه تون، بادشاهه ڪهڙا ٿيا،
هيڪڙو حاڪم هئي، ٻئي هنڌ ٻيا حاڪم ٿيا،
تخت تي هڪ ڏينهن ۽ ٻئي ڏينهن تختي تي پيا،
توڙ تائين تخت تي تڪرار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
ٻيا پلين ڪي بحر، بر تي بادشاهي ٿا رکن،
ته به سنڀال لئي سندن، سؤ سؤ سپاهي ٿا رکن،
ٻيا وچن ماري متان، واري تي واهي ٿا رکن،
ٻي ڏيو اول ۽ آخرڪار تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
آءٌ اڇئون آهيان، تو ڏي ڪري الله نوهار،
هڪ ٿيپي ۾ هيڪلو، ويجهو نڪو وارث وهار،
پاڻ نه پيڙو پون اندر ڪو، دوست سڀ درڪان ٻهار،
يار ٻيا اغيار! يا رب! يار تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
آپ، زمين جي عمر جو، ڪونهي سڳورو ڪو صحي،
ست ستر تن وچ رهي، ڪيڏانهن ويا ڪامل ڪهي،
ته به اڳيان، پويان سندن، آباد عالم آهه هي،
سڀ چلائين چت چالت چوڌار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
هي قلعا ۽ ڪوٽ جن، تن جا قصا ڪريان ڪيها،
ڪا محل ڪنهن ملڪ ۾، موجود موجون مون جيها،
دم ويهن وس، دم متن، بيهوش وڃن واريون وها،
هر هميشه حال تي هموار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،
شڪر لازم شڪ نه ڪو، ڏاتار تنهنجي ذات ۾،
ذات هر ڪنهن ذات جي، داتار ڪي تو ڏات ۾،
ڪئين زمانا ٿيا، نه ٻيو ڦيرو ذري جو ذات ۾،
جوڙيئين هر جنس، ۽ جنسار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير،

هيڪ صاحب تخت جو، تخت مٿي، پٺو تخت تي،
ڪن پلارن سان پلاءُ پون، ۽ ٻـلا بدبخت لٿي،
چا ڪريان آئون لظر، سڪرات ساعت سخت تي،
غم اهو غمگين کي غمخوار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

سخت دم سڪرات جو، ڪر ساهه واري لاهه سير،
مون ڏٺا مرندي مهل، کي پير ۽ مخدوم مير،
ساهه اوري ۽ پري، ويجها ورهن ڪيئن ويچ وير،
ويجهيا ويجها وفاتيءَ وار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

سڀ وهي ويهي وڃايم، وات ويٺو ٿـو ڏسان،
ڪي سٽائي سيج ۾، ڪن سان، سات ويٺو ٿو ڏسان،
ڏور تنهنجي جي اڪن ۾، لات ويٺو ٿو ڏسان،
تون هئي ۽ تون هئين، هر پار تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

ٻير ٻازي جا ٻٿون ٿيا، منجهه ڇپر توڪان ڇني،
مهر جا کي ميٺهن وسائين، موت جي بادل پئي،
چـا وهي، واپري تو، ڏون ٻـت ۾ ڏک ڏني،
ٻڍي ڪنان اڳي، ڏي ڏئين، ڏاتار! تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

منجهه مٿيءَ ٻوري ٻچائان، پند پورين جا پيام،
وقت تو وٽ هڪ هميشه، پر اسان وٽ ڪيئن ارام،
ڪيترا ڏينهن قبر ۾ ۽ ڪيترا آڏا قيام،
چالمندڙ آهن اهي اسرار، تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

پار پيا يا رب! چڪا، بي بارڙو بارهون گهري،
غرق غـم ۾ جندڙو، غمگين غمخوارڻون گهري،
دل دلمان ۾ دکي، دلگير دلداريون گهري،
دل دلاسو کو ڏيئين، دلدار! تون هڪ، ٻيو نه ڪير.

بادشاهه ٻـري بحر جـا، آهين ڀهري هيٺ پاڻ،
ڇو نه سون مسڪين کي، گهرجي حفاظت تنهنجي هاڻ،
روح ”احمد“ جو احد کج، فيض ڪلمي پاڪ ساڻ،
هت، هتي منهجو آجهو، آڌار نون هڪ، ٻيو نه ڪير.

——

”چا تو نه سڻو؟“

(١٦)

اصل ۾ الله هڪ اسرار هو، چا تو نه سڻو؟
اپ نه پيون، سج چنڊ، نه ٻيو جسمار هو، چا تو نه سڻو؟
جن نه ماڻهو يا ملڪ سوچار هو، چا تو نه سڻو؟
خال، هو، جنهن جو نه هيڻي، هٿو پار هو، چو تو نه سڻو؟
خال خالي واءِ سين پرڪار هو چا تو نه سڻو؟

بند خالي خال ۾، واءِ جيئن بدن ۾ بند ساهه،
واءِ پگهري پوءِ ٿيو، پاڻي ارادي سان الله،
اڄ جتي اپ، پيون، اسين، جن يا ملائڪ مهر ماهه،
تنهن سموري ۾ سراسر دَور ڪيا درياهه شاهه،
عرش تائين آب آرو پار هو، چا تو نه سڻو؟

رب بنايا روح ٻهرين، سوءِ سوچارا ملڪ،
پوءِ جن جوڙيئين وري، پيون، تنهن مٿان فائق فلڪ،
پوءِ آدم کي اپايئين، نور جي جنهن ۾ جهلڪ،
پوءِ فرمايئين فرشتن، پيش تنهن پئو منجهه پلڪ،
آت مگر ابليس جو انڪار هو، چا تو نه سڻو؟

باغ ۾ ابليس آدم لئي، گهڙيو ڦاهي ڦڳي،
ويٺي ڦڳي ٽنهنجي لڳي، پاڄي پيلي بندش پڳي،
مدتن کان بعد ٿيو، منظور توبه سان تڳي،
آهه پلو، ابليس چيو، تنهن تان مٿس لعنت لڳي،
خود خدا بدڪار کان بيزار هو، ڇا تو نه سڻيو؟

آپ مٿان آدم لٿو، ابليس پڻ آيو تان لٿو،
وير وارث لاهه وري، مدتون ماريو مٿو،
ير پرين تائين نه پهتو، سر ڪلهن خالي ڪٿو،
نوح واري نات ۾، ڪو هٿ پيس پڙهن جٿو،
تن تي هڪ هيلو هليو هيڪار هو، ڇا تو نه سڻيو؟

آن وري ان عالمن جي، هن طرح روليو رلي،
ووه! ويا وارو وڃائي، ود، نصر وارا وڪي،
صورتون جوڙي سندن، ڪريو مٿن مجلس پلي،
خوب ڪريو وعظ تن کي، جي ٿين حاضر هلي،
چار ڏينهن ايءُ ڇهڇٽو چوڌار هو، ڇا تو نه سڻيو؟

ويا جڏهن عالم انهن مان، پوءِ تني پوڄا سندن،
در ڏليءَ جي کان ڦري، پيٺي لڳا بيدون بندن،
پوءِ وري پڙهيا پنجو، جن کي ڇنتا چولهن، چندن،
تن کي، فتوا سال قاسارون، به قمري سن فندن،
منجهه بخاري اي عمان آذڪار هو، ڇا تو نه سڻيو؟

موڪليو مالڪ منجهن، پورين انبي پرهيزگار،
پئي پوڪارڻن ڪين، پورا سال، پنجاهه گهٽ هزار،
ود، نصر ود نه ٻه ولي، آن کي نه جهڙي اختيار،
ڇا مدد ڪن سوهه؛ موڻو پاڪ بالشهار پار،
نوح جو اعرو ايهو ڏروار هو، ڇا تو نه سڻيو؟

لاڳ تي ڇا پاڪ ڏٺي، جنھن ماڳ تربت جو ترو،
ودّ، نصر وڌ نہ بہ ولي، وڌ لاھ واليءَ ڏي ورو،
سِھر سان مرھي، اوھان تان لاھي بدين جو پرو،
وڏ ڦڙو آن تي وسائي، کير، پٽ ڏينان کرو،
وحده جو ورد وڌرو تار ھو، ڇا تو نہ سڻو؟

نوح ۽ پنھنجي ذات کي آنھون کيون، آزيون اپر،
پر نہ ڀرور پاڪ پاسي، پير پانئون کنھن بہ پر،
پوء اٿل آئي انھن تي ڇَر ڇڏيا ڇانئي ڇپر،
قھر ڪِريو قوم تي، کوھن مٿي کڙڪا ڪپر،
ھر طرف طوفان تارون تار ھو، ڇا تو نہ سڻو؟

نوح جو ھوڏن، پڻن ۾، ھيڪ ڀرور جي ھچار،
جيترا عالم انھن ۾، کي ھٿا سالم سچار،
سبق "سائين ھيڪ، سيوانيڪ" صديون پنج، چار،
پيٽ پارڻ لاء پوء، ڳولڻ لڳا حيلا ھزار،
ياد تن طوفان سو تڪرار ھو، ڇا تو نہ سڻو؟

ياد ھو طوفان، تنھن ھوندي، ڇڏِي توحيد تن،
بعل لالي کنھن بندي جو، آستانو عيد تن،
پوء نبي الياس ۽ آيو، تنھن کيو تاڪيد تن،
دعوتون ڏيندي، نہ پيو ڪو در ڏٺي جو ديد تن،
ڇا انھن جو حال آخرڪار ھو، ڇا تو نہ سڻو؟

آھي ابراھيم ۽ جو احوال، آٿت وٽ اڳي،
صبر قائل، ڪافرن تي، ٿيو سندن ڀُنڙا پڳي،
بادشاھ بگڙي پيو، ڇي ھيءَ نہ ھت تاري نڳي،
باھ تنھن تي باغ ٿيئي، ھير ھنڙي کي لڳي،
ڀھر ٻارڻ، گھر اندر گلزار ھو، ڇا تو نہ سڻو؟

ڦونڊيو فرعون فاسق، جنهن سڏيو خود خدا،
خان، خادم قوم جا، جنهن مرتبا جوڙيا جدا،
موڪليو موسيٰ کي، ٻئي هارون(ع) کي هادي هدا،
هڪ جهڙا ماڻهو مڙئي، اي آهي مالڪ جي مدعا،
کنهن به ڏرجو، ڪين درجو ڏار هو، ڇا تو نه سڻو.

فخر ۾ فرعون فاسق، ڪاهي پيو ڪافر ڪُڏي،
ٻيا مڙوئي لچ نوڪر، پاڻ گاديءَ تي ڪُڏي،
وير ويرين ڏان وري ويٺي، ٻار ۾ ٻاري ٻُڏي،
پيو چوي آمنت آخر، ويو ڇڏي هڪدم هڏي،
لهرين ۾ لاش تنهن، لهوار هو، ڇا تو نه سڻو؟

لاپ وڏيو لاپ خورن، لوڪ ڦريا سڀن غريب،
عام ٻڪيا ۾ اکهاڙا، هُن مٿي زربفت زيب،
ٻاجهه، بدران ٻئي ونڊو، راڄ ڦرڏا، ساڻ ريب،
موڪليو مالڪ منع لئي، تنهن شهر ۾ پوه شعيب،
هن کي ساڳي لاپ جو لاچار هو، ڇا تو نه سڻو؟

لوط(ع) لونڊي بازين کان، رهزنن روڪيو گهڻو،
ته به نه روڪي روڪيا، هر ڪي پيو هر هڪ ڇٽو،
پوءِ اسر ساڻ شهر اونڌو، ٿي ويا ڪن ڪن ڪٽو،
پيو هلي هن حال هوندي، لوڪ ۾ لونڊڪ پٽو،
پنج ڪندن کي ڪام ڇا تنان ڪارهو، ڇا تو نه سڻو؟

عاد ناهي کو اکاهون، ٻئي نه کي صديون ثمود،
هن طرف صالح (ع) سونهون، هُنَ جي هدايت لاءِ هود (ع)،
حجر ۾ حجرا سندن، ماڙيون منارا طود طود،
ٺُڙ ڪٿل ٻڙان ڪجين جيئن ويو سندن لشڪري نخود،
ٻير، هٿ، هڏ، ماهه سير، ڏرڙ ڏار هو ڇا تو نه سڻو؟

پوءِ نبي آخر زمان، لائي ڏاڍي لِلّه لات،
سڀ اُچو الله ڏي، عزت نہ هٿ عُزّا، نہ لات،
ڪيئن تون تن کي ڪرڻ مان، هڙ نہ ٿيندي حاصلات،
ڏيئي ڏاهي، پوءِ ڪرايئن، لٿي مٿيءَ منڊر منات،
اي سنڌن پيغام هر ڪنهن پار هو، ڇا تو نہ سڻو؟

تون سڏائين ٿو، نبي آخر زمان جو امتي،
ڪيئن قبو ڏاهي قبر تي، پاڻ کي گهاڙي گهتي،
ڏي سچي سردار ڪان، ان جي صحي ڪا ثابتي،
لٽ هنئي جنهن لات کي، عُزّا جي ڪئي بي عزتي،
ملڪ مان هر مقبرو مسمار هو، ڇا تو نہ سڻو؟

هل نبيءَ آدم وٽان، تائين نبيءَ آخر زمان،
وقت ڪنهن جي ۾، قبر تي ڪو قبو ٻڌا آستان،
جنهن مٿي ميلو ڏنو هڪو، سو اکين سان آسمان،
هڪ ڏنيءَ ڏاران نہ هئي، هئي ڪنهن جي پيٺا بيگمان،
هڪ ٻاري بادشاهہ تي بار هو، ڇا تو نہ سڻو؟

نوح واري نات ڏاڍو، ود، نصر کي ساريو،
هاد وارن تان اونڌائي کي، وليءَ ڪنهن واريو؟
فوج سان فرعون لڙهيو، نار سان ڪنهن ناريو؟
نامور نمرود کي، ڏس ڪيئن مڇر هڪ ماريو،
خود خدا سان جنهن خودي، خمار هو، ڇا تو نہ سڻو؟

آهہ صد افسوس! ڪنهن پر مت موئي ماڻهن جي مور،
ڪيترين لومن اکي، جاڻون هٿين جوڙيون ضرور،
نوح تائين ناس ٿينديون، ٿي ويون ظاهر ظهور،
ڪو وريو واهر نہ ان جو، اولياء اوڏوڪ دور،
جيئن ٻہ ڪيو ڪلتار تنهن ڪم ڪار هو، ڇا تو نہ سڻو؟

واه ڄڻهن والي بڻايو، هو نڪر ماڻهو، ملڪ،
جن، ملڪ جوڙيئن ڄڻهن، هو پر کهڙو تنهن پلڪ،
آدمين کنهن کو آڻايو، آدمي آدم تلڪ،
پر ڪان پٽ ڪير پاڻئي ه، پيدا آهن بلڪ،
هيڪڙو، هو هر طرح، هوشيار هو، ڇا تو نه سمجهو؟

نوح، ابراهيم، احمد مجتبيٰ، اڄ جي اڇن،
آهه، لا اِلٰهَ اِلا الله، سنهو جن سچن،
هي قبا قبرن مٿي، پاڻيو ته ڪر باقي بچن،
ناس سڀ نيلون نظارا، نور ڪر آت پيا نچن،
حال حاجي لات وانگر زار هو، ڇا تو نه سمجهو؟

نوح، ابراهيم، آدم، ود، ڪر ود تنهنجا والي،
ڪيئين صديون ۽ سال جن جي، پٽ پليءِ، حق تي هلي،
ڇو نه لالن جي اڃي اڄ، ڪنهن طرف تربت ٿلي،
مفت هن مفتين اوهان جي، پن سنڌين روليءِ رلي،
خود خدا سان خارجين کي خار هو، ڇا تو نه سمجهو؟

علم ان جو آخرت کي، سچ ڪ پهتو آهه پڪ،
ڏين تن ڏن چالهها، جن ڏي ڏناڻون پاڻ ڏک،
دلڪ الهيءِ آخرت ۾ شامتين کي آهه شڪ،
بلڪ هي ان کان انڌا، ڪن پيا ٿلهي بيڪار بڪ،
قول اهو قرآن ۾ ڪلتار هو، ڇا تو نه سمجهو؟

هل هلون تنهنجي وارءِ ني، ڇو ته پٽ مان وٽ ڏيار!
جوه ڏي، ڪا جوڙ الهن، آپ مان پلر پاڻي پهار،
پا سنڌي مائٽ عمل کي، ڇو ته جاڏ تون جهار،
جي ڪمائين تنهنجو ڪم ڪو، پوه ميڙڻي مون تي نهار،
شرط سنهنجو واجبي وهنوار هو، ڇا تو نه سمجهو؟

آهه سندر الله ڏي، اُن جا عجب اسرار ڏس،
رات ڏينهن، سج چنڊ، اپ پون، گل گوهر گلزار ڏس،
تنهنجي صورت، منهنجي مورت، ٻيا سوين سينگار ڏس،
منهنجو مالڪ هيڪڙو، ڪل مُلڪ جو مختيار ڏس،
پر تنهنجو پاڻ هڪ پينار هو، ڇا تو نه سُڌو؟
رب ٻڪر، ڏِگرن ٻيا، ٻڪرن پلين ٻيا ٻسار ٻار،
موٽي جي، محتاج ڪان، مون لاءِ ٻس جيئرو جبار،
پاڪ ڪلمين ساڻ منهنجي، قُوت، قوّت ڪاربار،
آهه "احمد" جو احد، الله هڪ ۾ اعتبار،
توڙ ڏاڍين تنهن نه وِنگو وار هو، ڇا تو نه سُڌو؟

مدح

"پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله"

(۱۷)

سدا الله ڏي، الله، الله،
اهو الله آهي واهڙو واهه!
جهلي دانهين، ڏئي داورجي درگاهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

سڄي دنيا ڏٺم، دريءَ دريءَ،
سفر سارو سڄو صحراءِ صحراءِ،
نہ عاصي آسرو الله سان لاهي،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

ڪهڙن سالهون، ڇڱا مهڙي معافي،
سڏي سائين تہ بخشي برخلافي،
ڪسائي ڇو گناهہ بخشي ڪان گمراهہ،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

مٺڪو رب مهڙ مرسل مصطفيٰ کي،
تہ لاهي لوڪ تان ليکي صفا کي،
پڇن بخشش ڪنان پيدين پهواهہ،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

مڪائين مهڙ، معافي جي وٺي لئي،
ڪرم جا در ڪامل کهڙي ڪٺن لئي،
اکهون ڪولي پسن احسان الله،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

بندن بڇڙن جي، بخشي ڏوهن ڇا،
سخي رب سان، بندن سختي ڏوهن ڇا،
ڪير ڪان منجهہ ڪيهرن ڪاهہ تي ڪاهہ،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

الهن عاصين ابوجهن جو عجب آهہ،
وٺو غفلت سبب جن کي غضب آهہ،
وٺن ڇو ڪين رب جي رحم جي راهہ،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

هزارين حرف هيڪالدا ڇڏي ڏئي،
ڇڏئي ڏئي، سڪ سوين سائين سڏي ڏئي،
ڪيو سائين سوا، ٻئي جي نه پرواه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

ڪرم قسطون ڪري الله لئي عيب،
ڪَڏو ڪَڏ عيب بخشي عالم الغيب،
سدا منجهه مهر جي، مهران مٿي آه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

بديتن ڪان پاڻ پاتم، بند قيدي،
نهوڙيس نيت نسوري ناامیدي،
نوازش ني نگاهه پئي منهنجي تاڪاه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

خدا هڪ جي خدائي، بادشاهي،
نه ٻيو واحد سوا، واهه، نه واهي،
نوازش جون نگاهون ڪاه، ٻي ڪاه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

هجن جن گنه ڳهاڻا ڳهيرا،
منجهن ٻڻ عيب، اوڳڻ آڻ ڳيرا،
پسن دعوت ڏئي جي طرف، درگاه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

پلين پهتيون ٻتن ۽ ترٻتن کي،
ڇنيون ٻديون، جڏهن ڇڏيون ٻتن کي،
ٿين سي عفو ڪان، آڳي جي آگاه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

پاپن ڪنهن ني هجي، هڪ حرف ڪافي،
نه معافي لاءِ، ٻيڙي راڄ ڪافي،
سون حرفن جي، هوندي ڏيک همراهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

ڪري مخلوق ڇا ڪان مفت ماڻا،
جڏهن سرور پوڪاري ڪيس پاڻا،
ٻڌيون بخشائيو پاپو نه پيو باهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

ڇڏيندي، جو نه صاحب ڏاهن موٽي،
ڪڏون ڪوٽو ٿو پنهنجي لاهه ڪوٽي،
ٿئي ٿو باهه ۾ پاڻهين پچي پاهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

عفو عصيان ڪيئون آدم صفيءَ ڪي،
مڇي پيٽان ڪڍيئون يونس نبيءَ ڪي،
سندس هڪل قوم پيئي پوش الله،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

ٿيا آباد ابراهيم ۾، پڻ نوح ۾،
نبي موسيٰ، عيسيٰ، رب سندو روح،
ڪهڙيون بي جي نه همراهي هميشاهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

جڏهن مشرڪ مڪي جا ٿيا مسلمان،
نه سڀ الله بخشيون عيب عصيان،
پڳائون پٽ منجهان، اي ساهه ويساهه،
پڙهي لاتقنطوا من رحمة الله.

ڏٺي دانا دوئي ڏٺي، شل مَ دل ۾،
ملي "احمد" احد کي، ساڻ ڪلمي،
ڪري سائين سبب، سولو وڃي ساھ،
پڙھي لاتقنطوا من رحمة الله.

مدح

"نہ ڪر وار وچار، لاتقنطوا"

(١٨)

گرفتار! ٿيءِ تار، لاتقنطوا،
گنھگار! خوش گھار، لاتقنطوا،
لڌي سار ستار، لاتقنطوا،
نہ دل ڍار دلدار! لاتقنطوا،

نہ ڪر وار وچار، لاتقنطوا.

ڪري ڪير ڪنھن جي، پلاپچڪڙي،
پلين پچڪڙي، سا ھجي ھڪڙي،
ھجي ھڪڙي، پڻ ھجي ھلڪڙي،
نہ لاشڪ لڳائيس قابو ڪيڙي،

نہ پوليس پھار، لاتقنطوا.

پيچي راڄ منهنجي پلي بختيار،
تہ مرهي، تنهن مرهيس مهندان ميار،
مٿي جنهن ميارون سوين سخت بار،
پڪاريس پرور، ٿو ڏيئي پيار،
نہ غم ڪر نہ غمخوار! لاتقنطوا.

پسو لوڪ سان لطف الله جا،
تہ گهاٽا گنهہ، جنهن بہ گمراہ جا،
تہ ڏئي ٿو سنيها صحي واہ جا،
نہ الله مان آسرو لاهجا،
پلهن بار بسيار، لاتقنطوا.

هٿن سان، هٿ، پيرن نيرا ڪيم،
چمن ۾ چڱا چاڪ چيرا ڪيم،
ڪچهريون ڪيم، ڪيئن ڪيرا ڪيم،
ٿون ڪان سوايا صغيرا ڪيم،
اٿم هاڻ آزار، لاتقنطوا.

خدا خاطرين ڪان نہ آهي خفا،
ڪيا جام جن جور، جاڙون جفا،
ڏکو منهنجو تن ڏي، ميڙو مصطفیٰ،
سڄا پيو سگهورن سنيهو صفا،
ڏنو خط خبردار، لاتقنطوا.

گنهگار، بدڪار، بيچڙو بندو،
بندو رب سندو آهہ آسروندو،
ڪروڙين ڪرم تنهن، ڪرم سو ڪندو،
سونهي ڪين سينگار سهون سندو،
هنئين جو ڪيم هار، لاتقنطوا.

ڇڏي حرف هادي هيڪاندا هزار،
ته هڪ ڏوهه هڪ ڏينهن، ته ٻيو ڏوهه ٻيهار،
ٻڌا پڻ ڪري ڪُڇن ڪڇن کان ٻهار،
انهيءَ نا اميدي کان نيرتا نهار،
اکر صاف اظهار، لاتقنطوا.

خدا خاص مرسل مُڪا موڙيون،
ته واري وسائي وطن ويڙهون،
خدا پاڪ ڪمنڌي ڪيون ڪيڙيون،
له هڪ، بلڪ بدهون سيڙي ٻيڙيون،
ته ڪن ٿان، ڪنان! ٿار لاتقنطوا.

ڪٿي آسرو جي هجي منجهه حضور،
رکو ڏوهه هڪ جي، معافيءَ جو سور،
ته ٻوڙي ٻيڃو ٿيا، ڪنان پند ڏور،
هيڪاندا هيٺي بخش ڪوڙين قصور،
ٻچي پنهنج بدڪار، لاتقنطوا.

ڏسين ڏره م، ڪوبه ڏاتار ٻيو،
ته پاپين پوڪاري، سندس پار ويو،
وٺس جي لنگهي، ڪو گنهگار ويو،
لنگهي آئيو، سو لنگهي پار ٿيو،
سرس هار سهنگار، لاتقنطوا.

عجب آه! تن عاصين جو عجب،
ته رب طرف رحمت، سڏي روز شب،
ته الله ڏي ٿا اچن سين ادب،
ڪٿهڙي هر ڪهڙي، ٿا ڪيهڙن منجهه غضب،
ٻڌن حڪم هيڪار، لاتقنطوا.

چون ڪي نه آهن، اسان ڪها القدير،
نه ڪئي سون، ڪندي سير ڪاڏ ڏار ڏير،
ٻتن، تربتن جي ٻسه سيوا سوير،
وري پوءِ اسان سان، ڪندو ڪرم ڪير،
تنهن يار تنهنجي ٿار، لاتقنطوا.

لکيم ... حقيقت هنهين سان حال،
ته اڄ ڪالهه ڪنهن سان، ورجهي ڪوٻ ڪال،
ته ميڙي چڪ مڙس، معافي جي ڪال،
ٻڪاري نور رب پاڪ پائين ڪي پال،
ڏنو ذات ڏانار، لاتقنطوا.

انهن لاءِ افسوس، افسوس پر،
ته فائق سڏي ٿين فردوس ۾،
جتي فرش فانوس، فانوس ۾،
آهي آس لاهو ڪري اوس ۾،
نه آهن اميدوار، لاتقنطوا.

انهن لاءِ ارمان آهن اپار،
ته پرور ٻوڪارين ٻيو، پنهنجي يار،
سٺن ڪان سٺائون، ڪپهه منجهه ڪار،
نه اوڙاهه آڪرڻ جي ڪن آرسار،
نه ڪن گوش گفتار، لاتقنطوا.

لاڳاپا سڀئي لوڪ جا لاهه لاهه،
نه رل روهه ۾ پال ڪي راهه راهه،
يڪو قانلو قاف مان ڪاهه ڪاهه،
خدا ۾ وڏو آسرو آهه آهه،
الدر منجهه آذڪار، لاتقنطوا.

رکي آس الله در، جي اچن،
تہ بلڪل ڪنان ٻاھر، دوزخ ٻچن،
ٽرن تن مٿان، مھند جي مچ مچن،
اھوئي وڙڇن سڀن، وچ ۾ وِچن،
ڪھو قول ڪلتار، لاتقنطوا.

دلاسا ٻين دوستن جا دتا،
رکون روح ڪل، ساڻ ڪلمي رتا،
خدا شال خاطي ڪي بخشي خطا،
رکي چو ”احمد“ اميدون عطا،
ھتي لطف للڪار، لاتقنطوا.

ڏيھہ اکري

”الله بس، باقي ھوس“

(۱۹)

”الف“ اول خواہ آخر، مٿنجھہ، نور الله بس،
مون مٿي ٿالي سنڌس رکي، ڪيئن ڏٺي ٻي چيز جس،
قرب آن جو قلب ٺاري، قلب لڳي، ٻيا قرب ڪس،
ٻيو رسي، جيڪر رھي ڏٺي، رب مجي ھڪ، شال رس!
چا ڪندم ٻيا راڄ، رَس، الله بس، باقي ھوس.

"بي" ٻرابر تو ٻنايس، ڪيئن ٻنائي سو بيان،
اڳ هوا ٻوه عرش تائين، آب دريـا درميان،
آن منجهان اپ، پون ٻنائي، ڏهن داناء ڪو ڌيان،
روح اول، ٻوه ملڪ، جن، ٻوه اسين آهيون عيان،
ڏينهن ٻه ڏيهه ٻه، ٻوه نہ ڏس، الله بس، باقي هوس.
"تي" تونگر رب تعاليٰ، توکي تعريفون تمام،
تون آپائين، تون اپائين، سال اعليٰ اهتمام،
آهي هي آدم، تن آ، دم، دم مٿي کهڙا دمام،
هيڪ ٻئي ٻنهيان هتان، هليا وڃن حاذق همام،
ڏڙ دفن دس، بعد دس، الله بس، باقي هوس.
"ثي" ثنا سبحان جي، سڀ شي منجهان جنهن جو ثبوت،
قوت، قوت ڏئي سڀن کي، پر نہ ڪنهن ڪاڻ قوت،
باڪ آن جي ملڪ سڀ، ماڻهو ملائڪ، جن ڀوت،
اهي هئو، هوندو هميشه، هو حي لايموت،
ٻيا ٻيڙئي وانڍڙيا وس، الله بس، باقي هوس.
"جيم" جڳ ثيا جوڙئي ڪي، هر جڳهه جڳ مڳ لڳين،
ڇڳ ٻرائي جو نہ ڀت ٻه، ڀرتئي ڇڳ ڇڳ لڳين،
لک لڏي ويا لوڪ مان، لک ڏيڏ جي لڳ ڀڳ لڳين،
دڳ اڇن جو، دڳ وڃن جو، ٻوڙ ٻڪ دڳ دڳ لڳين،
واڳ ڪنهن پنهنجي نہ وس، الله بس باقي هوس.
"حي" حياتي، موت ٻئي، هڪ ٻنهيان جيئن ڏينهن رات،
واهه تڪو تڙهو توائي، منجهه فنائي جي فرات،
تخت ٻئي جو، تنهنجو تختو، پل نہ هوئي شب برات،
جاچ قبرن جون قطارون، وڃ هليو تائين هرات،
هيڪ آومر ٻيو آوس، الله بس، باقي هوس.

"خي" خدا ڏي ور، خودي ڇڏ، خاڪ مان تنهنجو خمير،
اڳ نه هوئين، پوءِ نه هوندين، اڄ پلهن آهين اسير،
ڇو اڏئي مارڳ تي ماڙيون، ماڳ تنهنجو مهند مير!
ڪيئن عمر جي ڪوٽ ۾، آيا ويا رائا همير،
تل مٿي ٽلهيون ٿيو لٽس، الله بس، باقي هوس.

"ڊال" دلبر! هن دنيا کي ڪيئن لنگهي ويا ڊور ڊور،
روح اول پوءِ ملڪ، جن، دور هرڪو آور آور،
دور آخر ۾ انسان جا، هن زمين تي زور شور،
زور زارين ڪجهه زمانون، پوءِ پيون ۾ پور پور،
چال ڪر چالاڪو نه ڪس، الله بس، باقي هوس.

"ذال" ذاتيون ڪيتريون گذريون، اِرم، عاد و ثمود،
کي اِنهائي اڳ ته ڪن جو، بعد ۾ هو باش بود،
ڪن مٿان ويرون ورهيون، ڪن جا ولوڙيا واءِ وجود،
ٻي اڳو تن تان لڳو لڳ، واءِ زهر زنگ زود زود،
آٿ نياڳا ڏينهن نحس، الله بس، باقي هوس.

"ري" رهي ڌالو ڌڙي جو، ٿيو نه ڏونهيون، ڌل ڌراڙ،
ساهه ساهڙ خواهه سهڻي، سڀ وڃي پهتا پراڙ،
ٻول ٻيلاين نه ٻڌجن، ٻل اٿي، ڪاهن کي ڪراڙ،
ڪُل" نفس ذائقه جو، نقش هر ڪنهن منجهه نراڙ،
ٻر نحس! تو کي نه حس، الله بس، باقي هوس.

"زي" زياده وقت ڪنهن، آهن زمينون آسمان،
ٻگڙنديون، ٻڻنديون رهن ٿيون، بادشاهيون بيگمان،
سار آدم ڪان اميريون، اڄ ڪري تان آخر زمان،
ڪو زمانو ظلم جو ۽ ڪنهن زماني ۾ امان،
ڪو ڪسر ٿيو، ڪنهن کي ڪس، الله بس، باقي هوس.

"سين" سانجهي، صبح سهڻا، جي هليا ٿي هر ۾،
تن لتون ڏٺي لتيائون، ڪنهن لتي ۽ ليڙ ۾،
ور ڪرين ته، ٻه هو نه ورڻا، ويا اچي ڪنهن وير ۾،
جنهن ڪڏهن ڪائو نه ڪس، الله بس، باقي هوس.

"شين" شاهي شهر ڏس، دريا ڪيا جت دَور دَور،
دَور دريا ويا ڪٽي، بنگلا پچي ٿيا پور پور،
سنڌڙي ۾ سچ وسي، گذريون الوهون منجهه الور،
رڻ وڻ ڪيهه، روپا، محمد طور، ديول ۽ پنپور،
لک اگن کي ڏٺي لتهس، الله بس، باقي هوس.

"صاد" صابر سان صفايون، ڪنهن مهل تائين ميان!
مرڪ مرڪو ڪندا ني، پائين ته جان کي تان جهان،
هيڪ روئي، ٻيو چوي پيو، ڏي ته ڏاڍا ڏک ڏيان،
ڪرم قادر شال ڪري، نه ته قبر ۾ ڪيئندا ڪيان،
ٿانگ، ماڪوڙيون، مڪس، الله بس، باقي هوس.

"ضاد" ضد کي ڇڏ ضروري ضعف پنهنجو ڏس ضعيف،
ڇا هلن تنهنجون هلائون، ويا هليا تنهنا حليف،
حرف سڀ هيڏي، نه هلنديئي، حرف هٿ هرگز حريف!
ڇيت ڏاري چوٽ نوڪي، پا خرابي منجهه خريف،
خاص ۾ خاصو ڪر خس، الله بس، باقي هوس.

"طوئي" طلسم طائفا، سرڪس، سنهنا صبح، شام،
شام شهرن ۾ ڪهن، شوقين جهڙا شاهه شام،
شام جي خود شاهه تان، وجهندا صبح يا شام شام،
ڪهر آهي جو اجل ڪان، پره جهلي تان شام شام،
ٻيءَ، نه ماءُ، سهرو نه سس، الله بس، باقي هوس.

"ظوئي" ظاهر تي ۾ لڳ، ظاهر بظاهر ڪجهه زمان،
پوءِ نڪي شڪرا شڪاري، پڻ نه شاديون، شادمان،
باغ ۾ ٻون ٻون نه ٻوٽن، ٻوريون، آڌ آسمان،
خاڪ ۾ خود خــان، خادم خاندانان، خان مان،
رد رهــائيون، راڳــ رس، الله بس، باقي هــوس.

"عين" عبرت وٺ ادا!، احوال اڳين جـــا ڏسي،
ڪالهه ڪپڙا قيمتي جن، اڄ ڪفن ويڙها ڪسي،
ڏار سر، ڏڙ ڏوڙ ۾، دهشت ڪنان ٿي دل ڦسي،
پير هيٺ ۾ هٿ هيٺي، ڪرنگهر ڪٿي ۾ ڪٽ مسي،
هي هنجهي، هــوهار هس، الله بس، باقي هوس.

"غين" غفلت ڇڏ ڪٺي، جهل پير، جوڀن ڏينهن ڪو،
ٻيا وڃن جــالي جتي، نيڻن لڳا ٿــي ليڪهن ڪو،
ملڪ مڙئي ماڪ ٿيو، موڪا! نه پانڄ مينهن ڪو،
موت خود موتي محل ۾، شاهه پٺاڻ شينهن ڪو،
ڪــوڙ گهر ۾، بند ڪس، الله بس، بــاقي هــوس.

"في" فرض ڪر، جي هزارين سال هلندڙ عمر هــي،
ته به ستر ڪان، پوءِ ستر جي، سڌ نه رهندي ڪا صحي،
پاڻ پسندين پيو ته پٽ ۾، پورجن ٻيا پٽ پٺي،
بات ڳڳ ڳڳ، وات ۾ ڳڳ، ڏند ڏاڙهون ويا لهي،
ٻــوڙهپڻ جا ٻــار ٻس، الله بس، باقي هــوس.

"قـــاف" قــابل! قـــابليت ڪيتري ڏيکارئين،
ســور هــر صورت سهان، صورت پلئين سيڪارئين،
پاڻ سٺو ڪان پوءِ نه سنڀندين، ڇــا سبق سيکارئين،
ڪنهن به خفقاني پٺيان، ڇو ڏينهن خالي ڪارئين،
ٻوڙ ۾ دشمن ڪـــي دس، الله بس، باقي هــوس.

"ڪاف" ڪافيون، راڳ رالديون، شور شر هر شهر ۾،
پهرُ هر ڪنهن پهرَ جو، گهنجي پيو هر پهر ۾،
عمر آهي ڏينهن مقرر، پئي لنڊي سا لهر ۾،
چاڙ پيڙي ٿي پنڊي، ڪنهن ڪُن ڪلاچي قهر ۾،
ماڳ، سچ مانگر منجهس، الله بس، باقي هوس.

"لام" لاشڪ لاش ڪي، لشڪر سنڌئي ايندا لٽئي،
ميت ڏڪيندڙي، ليمي ميٽي ۾، پوء چڙهندا مٽنهن متئي،
چٽ پيو پٽ، خان ڪٽ ٿي، چيهه ٿيو چيٽي، ڪٽي،
لِڪ نسرالدئي لِڪ منجهان، جهلين اڳهان پوء منجهه آئي،
ويو چٽي ڪو تنهنجو طس، الله بس، باقي هوس.

"ميم" مانٽ ميت مرڙئي، سامهون وبهن سڪرات ۾،
سڏ ڪندا سڏڪا پيو، فارق فنا فڪرات ۾،
پئي وڇوڙو ڪو وڏو، ما ڪا لهي سڪ رات ۾،
هي هٽي جو هٽ چڙيو، ويندين هلپو هڪ رات ۾،
جاڳ جاڏي! جاڳ جس، الله بس، باقي هوس.

"نون" نازڪا! ناز چڏ، تنهنجا نه هي نانا نديون،
مال جا مالڪ پيا، تو لسال نيڪيون پا پڌيون،
هيڪلو هلڻو اٿئي، وڃڙن اداء، توڙي اديون،
ڪوه چاڙان منجهه، قيامت، دير ساعت پا صديون،
ڏينهن جيرو سو جيڪس، الله بس، باقي هوس.

"واو" وهه وهه! واه وِٿي جاء، وِل ولاڙا منجهه ولهار،
چِلهه، وڏي چالون چلار ۾، چل ولاڙا ڏينهن چار،
هو چرن پيٽ ٿي پتاريون، پل پلاڙا منجهه بهار،
باغ بلبل، گاه گل ڦل، گل گولاڙا دم گذار،
سر سچا سپ پيش پس، الله بس، باقي هوس.

"هي" هتي هر جنس جي، مدت مقرر ڏار ڏار،
ٻيرسن ڀنجاهه ڀڄاڻا، سال ٻارهن ٻار ٻار،
ٽيهه - ٻٽيهه وچ ۾ وڃي، تنهن ۾ به مرضن مار مار،
موت ماڻهوءَ تي ڪري ٿو، اوچتو ڪنهن وار وار،
ڀوءَ نه دم جي دست رس، الله بس، باقي هوس.

"لام" لا اِلٰه الا الله جي، لنگهه ڪين لام،
سڀ فنا فاني، مگر موجود هڪ آڳو هلام،
موت مشڪل آهي منزل، لاهي مولا شل سلام،
ساه وڏي ڪان، ڀوءَ سڄي ۾، سال سڪندين سلام،
قبر قابو ڪو قفس، الله بس، باقي هوس.

"الف" آڳو اڳين ڪندو، جڏهن اڳ هوا، هو ڀوءَ آب،
جِن ملڪ ماڻهو ميرون، تنهن جر منجهان جوڙيا جناب،
ڀون ڀڄي ٿوڙي ٿڪر، واهڙ ڪندو واحد وهاب،
عرش تائين آب دريا، لهرون لڳنديون شتاب،
خلق سڀ خاشاڪ خس، الله بس، باقي هوس.

"ٻي" ٻڌنون ٻڪ به ٻڪ، جر مان وري جوڙي جبار،
ٻل نه آب ڀون، آئون تون، ڇا سان بدل جون بار بار،
آهي، "احمد" ڇڏي امان جو آخرت تي اعتبار،
ٻر وڏو ۾ بار برس، هڪ تو ٻاريءَ تي ٻار،
ڪاٽ ڪلمن سال ڪس، الله بس، باقي هوس.

ڏهه اکري

”ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾ ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب“

(٢٠)

”الف“ آهي ڪو آئاهون، عرش ڪان عالي جناب،
آپ زمينون عرش وچ ۾، پيا ٻه ڪيئن عالم عجاب،
جن ملڪ ماڻهو ميرون، آبادون دريا آب،
خاڪ سين، آفلاڪ ڪان، شاهي حڪم پهچن شتاب،
هي؟ هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جائي ڪان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب.
”بي“ برابر پيون مٿان، هڪ ٻئي مٿان ست آسمان،
ان لکا لک لوڪ سڀ، تن ساڻ پريل ٻي گمان،
جن ملڪ ۽ روح واءِ، ڏسجن نه ظاهر منجهه زمان،
تون ڏسين تن ڪي سگهين، تنهنجي اکين ۾ سو نه تاب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جائي ڪان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب،
”ٽي“ تپاسي ڏس، ته تنهنجو ساهه، سو ڪو تون ڏسين،
يا اکين سين واءِ ڪي، جنهن ساڻ پريل پون ڏسين،
منهن مقابل بيچ ڪهڙن معذور ڪي، ڪو مون ڏسين؟
تون آوس آهين، مگر آهي اندي جي اک خراب،
هي هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جائي ڪان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب.

"ثي" ثمود و عاد جون، ذاتيون زبر ذات العماد،
جن جيھو چڙيو اکو فرمائيو رب العباد،
ياد ڪر قرآن، لم يخلق مثلها في البلاد،
اڄ سندن احوال جي، ڪنھن کي خبر ڪا پئي نہ خواب،
هي! هتان جي ويا، نہ آيو ڪنھن بہ جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب.
"جيم" جيئرن ۾ سيئن وچ، وئي لڳي ڪا تار تند،
تار سنهڙي وار کان، ديدار ۾ گفتار بند،
ٿي مري تون موه جهڙو، پوءِ پراهون لاهہ پنڌ،
روح جهڙس سان پيڙو، پير رکيو منجھہ رڪاب،
هي! هتان جي ويا، نہ آيو ڪنھن بہ جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب.
"حي" حقيقت ياد ڪنھن کي، حال جي ٻي حال ۾،
تون هوا وانگر هئين، ڪئين سال خالي خال ۾،
پوءِ بنيين ساڻهو مٽيءَ مان، مست مايا مال ۾،
اڄ اڳئين احوال پنھنجي جي، اٿئي ڪا سڌ صواب،
هي! هتان جي ويا، نہ آيو ڪنھن بہ جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب.
"خي" خدا تو کي چيو، ڇا رُوڙرو روز الست؟
سو صفن مان ڪهڙي صف ۾، دوست! هئين تون دست بست؟
تون هتان. بيئل ڪٿان ٻيا، پڻ زبر تا زبردست،
ڇا سبب؟ ڪنھن ور ورتو، واعدو واحد وهاب؟
هي هتان جي ويا، نہ آيو ڪنھن بہ جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڙو حساب.

"دال" دنيا، آخرت جي وچ ۾ ويڇو وار ڪو،
هيڪ ڦرسان هت نه، ٻي ڦوسان پڪي ٻي ٻار جو،
چار ڏينهن هوندو، نه هوندو، ٻار کي غم ٻار جو،
پوءِ نڪو نالو نشاني، مر هجي ڪيڏو نواب،
هي! هتان جي وڃا، آءو کنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو همبراڻو حساب.

"ذال" ذرڙن جي قدر، آدم سندو اولاد سڀ،
جوڙيا هڪ مٽي پٽيان، الله آدم زاد سڀ،
واعدو ورتئين سڀن کان، اڄ قصو ڪو ياد سڀ،
آهي ڪو هڙن حال ۾، هئن خال وچ حائل حجاب،
هي! هتان جي وڃا، نه آءو کنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو همبراڻو حساب.

"ري" رهن ٿا روح ڪهڙي، ماڳ موئي کان پڇاڻ،
خاڪ خاڪي، روح باقي، اڻين چون ٿا سڀ سڃاڻ،
جو ڪري انڪار ان کان، سو عقل جو اڻ سڃاڻ،
پر پساهن جي پسڻ کان، آهي نيڻن کي نقاب،
هي! هتان جي وڃا، نه آءو کنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو همبراڻو حساب.

"زي" زياده ڇا چوان، آهن اکيون، ڪين ڪافرين،
پر لڳي پردا وڃا، مخفي مٿي مٿن ڪافرين،
ڏاتيون ڏاتار ڏنيون، ڏيون مٿي ڏن ڪافرين،
پو اکيون ڪيئن پوڻجن، يا غرق ٿيندو ڪيئن غراب،
هي! هتان جي وڃا، نه آءو کنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو همبراڻو حساب.

"سين" سڌ ۾ صورتون، سؤ ڪوهه تان سونهي سهڻ،
پوهه پرور کي پري ڪهڻن، ڀال ڪان ڀانيو پٽون،
ساهه پنهنجي کي نه سمجهن، ڀال کي دانا ڏٺن،
آپ سچا سمجهن سچا، اهڙو نکو ڪوڙو ڪذاب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چڙان ڪوٽ ۾، ڪهڻن ٿيو هيراڻو حساب.

"شين" شاهد آل ڪهڻن پٽ ٻير جوڙيو پيٽ ۾،
ڪهڻن قبر مان ڪم ڪري، تنهنجا ڪتي ۾ چيٽ ۾،
ٻير ڏنهنجو ٻيش پرور، آل پيهتا پيٽ ۾،
تان پسن جنهن وٽ وڃائين، روز رب چڙيو رباب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪهڻن ٿيو هيراڻو حساب.

"صاد" صاحب ڪڏ سين مان، ڀال لاشڪ لامڪان،
واهه ولاڻين واهه سان، جهڻن آهه ٻيڙو بي گمان،
ڪَل متي سڏ سان مايي سڏ، دوست! وڃ ۾ دير ڪانه،
واهه ۾ واحد ڏسن ۾، ٻر نه ٿئي ڪَل ڪامياب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪهڻن ٿيو هيراڻو حساب

"ضاد" ضد مان جي چون، الله اوهان جو عرش تي،
ڪهڻن اوهان سان ڪڏ آهو، ڪهڻن ڪم هلائي فرش تي،
ناهي پرور، سو پري، جنهن جي پلڻن پرورش تي،
ڪرم سان توکي ڪمائن، آب مان عزت مآب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ کان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪهڻن ٿيو هيراڻو حساب.

"طوڏي" طلسم سان چڪمن تون-ؤ ڪوهن تان صورتون،
پوه پرور کي پري، مورک! نه پاڻهج مور تون،
اهڙيون واءِ جـــون وهارج، مغز ۾ مغرور تون،
پاڻ وٽ ڏوران ڏسهن، جن سان ڪرين ڪل ني خطاب؟
هي! هٿان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چڙهان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.

"ظوڏي" ظاهر جهل لڪا، ڪاري، ميڻي دريا ۾ ڇ،
لهر ٿهڪي، لهر سان، ڪڇ وقت ڪان ڪڇ ساڻ ڪڇ،
ؤ لڪهن سالون لنگهيون، ته به هيءَ نه ٿئي هين ساڻ ڪڇ،
شور دريا هڪ طرف، ۽ ٻئي طرف شهريـن آب،
هي! هٿان جي ويا نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.

"عين" عاقل جي هٿان، هٿ ويا، نه هرگز ڏهن حال،
جئين مشتاقي حسن تي، وئي سندس ٻيءِ بحال،
ڪاڏ ڪامل ڪجهه نه ڪيو، ڪو حال ساڻس منجهه سال،
آسرو آخـــر پلي، لاهـــي هاڻي، تـنـبـو طناب،
هي! هٿان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.

"غين" غازين جنگ ۾، ماڻيو شهادت جو شرف،
ٿيا جڏهن حورن حوالي، پوه چئون ڦهڙا حرف،
هولد هي ڪيرون ڪٽي، پهچائي ڪو پورين طرف،
رب چئو آڏون ٿو رساڻان، ساٿين کي سڏ صواب،
هي! هٿان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڙان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.

"في" فضل سان فيصلو فائق سڀڪو فرقان ۾،
ياد ڪر يبشرون، آيت شهيدن شان ۾،
چي، مبارڪ مؤمنن کي، جي مَرن ميدان ۾،
سوڪ ميوا مُلڪ ۾، انجير آمان، انب عناب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جاءِ کان جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪنهن ڏنو هيراڻو حساب.

"قاف" قادر قبض ڪاريو، روح عبرت لئي عزيز،
سُتو ورهيه ٻي ساهه سيج ۾، پيو رهيو مرسل مٿير،
ٻوه پڇيس ٻرور نه لائي، ڪيتري هِت دوست! دير،
ڏينهن، ڪِ ڏينهن جو ڪجهه حصو، هو لڌس سُتو موجب حساب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جاءِ کان جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪنهن ڏنو هيراڻو حساب.

"ڪاف" ڪامل ڪهف ۾، ٿي سُتو، سُتي نو سال ٻيا،
چي، ڏينهن، ڪِ ڏينهن مان، ڪجهه سُتاسون، ڏين هڪ ٻئي حال ٻيا،
جي سُتا ٻوه، سُڌ سچن کي، ڇو ڇون ان چال ٻيا،
مُٺو، سُتو ٻئي ڳالهه ساڳي، منجهه قادر جي ڪتاب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جاءِ کان جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪنهن ڏنو هيراڻو حساب.

"لام" لا اِلـٰـه الا الله، لاشـريڪ،
قل هو الله احد چئي، وچ ۾ ويڳاڻا وڌيڪ،
هٿ نه حجت ڪنهن جي، هر حاجت آنهيءَ جي، هٿ وسيڪ،
خاڪ اندر خواب ۾ ڪي، ڪن ٿي ڪانگيون ڪيمخاب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جاءِ کان جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪنهن ڏنو هيراڻو حساب.

"ميم" محشر ۾ جڏهن، الله همسڀ ڪــي چيو،
توڪِ ماڻهن ڪي چيم؟ مون ڪي ۽ ماڻهن پوڇيو،
پڪ سڀن ڪان پاڪ تون، توڙا نه تنهنجو ڏال پيو،
ميٽ چون، پا مٽ چون، سڀ غرق غائب منجهه غياب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڻان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو همير ڏو حساب.
"نون" ناهيم حق چوڻ جو، حق چوان سو ڪيئن وري،
جي چيو هوندم نه هوندي، سڀ خبر توکي ڪري،
پڪ سڀن ڪان پاڪ تون، تنهنجو نه مٽ ماڻهو، پري،
مون مگر تن کي چيو، مون کي چيو، جنهنکي جناب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو، ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڻان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.
"واو" واحد جان هيس، هو تن مٿي منهنجو نظر،
پوءِ جڏهن پورو ڪيئي ســون، آهه دنيا در گذر،
پوءِ نه چاڻان ڪنهن کي پوڇيون، ڪنهن جي نالي تي نظر،
توکي سائيم! سڌ سموري، هين پنڌي تي بند باب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڻان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.
"هي" هٿي جو حال روشن، هال هر همراه کي،
ڪي قيامت ۾ ڏٺون، ويندا وڪر مان باهه کي،
پوءِ ادب مان عرض ڪيو، عربي نبي الله کي،
ڪيئن وڃن منجهه، آڪ آڪا! هي سندم ساٿي صحاب،
هي! هتان جي وڃا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه چاڻان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هميراڻو حساب.

"لام" لالن! تو ٻڌايا، هي ڇڏي ويا، ڌرم، دين،
جي ڪمائون ڪم انهن جي، ڪُل اوهان کي آهي ڪين،
پوءِ عيسيٰ ابن مريم، جنهن آندو ڌرمي آهين،
هي ٻندا تنهن جا، وٺي ڪر، عفو يا ان کي عذاب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪان جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪيئن ٿيو هيراڏو حساب.
"الف" "احمد"! عمر فاني نِت اجل جو انتظار،
ڏينهن هڪ هن ڏيه جو، ڪو سال، ڪو پنجاهه هزار،
هت هويا هون، هت حوالا تـــن حوالي حال زار،
بخش بخشڻهار! بخشش تنهنجي بي شڪ بي حساب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جانيءَ ڪاڻ جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪيئن ٿيو هيراڏو حساب.
"يي" يگاني رب سندو، يڪدل رکڻ گهرجي يقين،
آهي هو، هوندو هميشه، ٻيو مٽوئي ڪي به ڪين،
ملڪ آن جي مِلڪ سڀ، جنّ و ملڪ، زمن و زمين،
پاڪ ڪلمون پڙهه تون پڪ، تنهن ڏين فضل سان فيضياب،
هي! هتان جي ويا، نه آيو ڪنهن به جوانيءَ ڪان جواب،
ڪوه ڇاڏان ڪوٺ ۾، ڪيئن ٿيو هيراڏو حساب.

مناجات

"سڻ عرض عالم جا ڌڻي"

(٢١)

ٻسم الله، بي پرواهه تون، آهين احد الله تون،
هادي! سندم همراهه تون، واهه واهه! منهنجو واهي تون،
تنهنجي وصف آهه وڏي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!

دولت ڏيان تو دين جي، توکان طلب تلقين جي،
ڪيرت سڀ ڪي ڪين جي، مفلس ٻندي مسڪين جي،
پرور! اٿئي پارت گهڻي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!

هي حال هيڏو سون هڏهن، ڪانهي ڪندي توري ڪڏهن،
ڪُل تي آهين قادر جڏهن، آزيون ڪري، آئون نڏهن،
در تي ٻيس داورا ڇڏي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!

ڪلتار تون، قهار تون، ستار تون، غفار تون،
مختار تون، منتار تون، پاتار مان ڪر پار تون،
توکان سواءِ ڪانهي ٽڻي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!

ڪم هن ڪميني ڪونه ڪيو، وو ووه! اجايو وقت ويو،
هاڻي روئان حيران ٿيو، وارث وسيلو ناهي ٻيو،
تو در ٽڏهن آيس ٽڻي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!

غافل نه ڪج مون غير تي، ٻورو ٻهارج ٻير تي،
ثابت آئين جي سير تي، تون وار خر ڪي خير تي،
جو ڪاڻي ڏمه مڻي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!

وو ووهه ڪڏهن ٿيندو وصل، ارمان آهم اي اصل،
چاري مٿم چارئي فصل، احوال مون صورت مثل،
رڻ ۾ هلي جا هڪ ڇٽي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!
آيس نوازش لئي نمي، تنهنجي ڪرم ڪاڻهي ڪمي،
بي غير مان جاڳيم غمي، شل راهه تنهنجي تي رمي،
پرور ٿيا پرزا پٽي، سڻ عرض عـالـم جا ڌڻي!
همراهه توري هيٺ نه هٿ، بر بحر ۾ پيٽي نه پٽ،
ڪج پال پٽين پيڙ جيٽ، پاپان ڪڇيءَ ۾ پالڏ نت،
پرور پنان تو پنج ڪٽي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!
ڏاتار لاهين ڏاڻ تون، سر عرش مون کي آڻ تون،
آڻيم عزت ساڻ تون، باقي بلاشڪ پـاڻ تـون،
بي بات مون باطل ڪٽي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!
هادي! هدايت ڪس نه مون، مولا! گسائج ڪس نه مون،
تون پاڻ آهين، پس نه مون، توري وصل ۾ وس نه مون،
هادي! مٿا بيٺس هٽي، سڻ عرض عـالـم جا ڌڻي!
مالڪ! نه ڏج منهن مال ۾، حامي رهج هر حال ۾،
بي حد اميدان پـال ۾، آڪـا! سندم اقبال ۾،
آخر نه ڇڏ آڏي اٽي، سڻ عرض عالم جـا ڌڻي!
مالڪ مٿا! مقصد ڪرين، بخشش مٿم بي حد ڪرين،
شافع صبحا سيد ڪرين، رب! ساڻ رحمت، رد ڪرين،
جيڪا بدي مون لئي پٽي، سڻ عرض عالم جا ڌڻي!
خالق! تو خلقي ڪل خلق، فرمان سين چوڙين فلق،
انسان جوڙين مين علق، هرگز لهي هڪڙو نه حق،
توڙي لٿايان اڪ ڪٽي، سڻ عرض عـالـم جا ڌڻي!

"احمد" مٿي احسان ڪر، ڪلمي مٿي قربان ڪر،
آخر عطا ايمان ڪر، ڪلمي مٿان قربان ڪر،
روبرو پاڻان رحمت گهڻي، سڀ عرض عالم جا ڏئي.

مناجات

"پاڪ پالڻهار ڏي"

(۲۲)

ڏان ڏاڍو ڪير ڏيو، داتا ڏئي! تو ڏاتار ڏي؟
تون مدد برڪت محمد مصطفيٰ مهندار ڏي.
ڪوڙ ڪي ڪاڻيون پون شل! قلب قادر! صاف بخش،
مير توتان صدقو، صدق صدقي سچي سردار ڏي.
ڪر مدد مون سان تون، برڪت محمد مير جي،
گنج خاني مان غريبن کي، غني، غفار ڏي.
پوڪ ڏاڍو دوستي، دل ۾ سندم، ڏي ڏان ڏين،
عاقبت، خوش عاقبت، ان علم ۽ اسرار ڏي.
تو سوا ڪاهي ڪٿي، تحقيق تو هڪڙو ڏٺي،
بخش بڇڙايون سندم، باري! شفا بيمار ڏي.
آهه تنهنجو ڪيت امان مون، منجهه عطا انڪار ڪون،
امر تنهنجي ۾ امين ٿي، عدل ۽ اقرار ڏي.

عرض آهي عمر ساري، پر ادب ۽ عجز سان،
آگ ڪان، آزاد اڄ ٿي ڪر، نه ٿيا آزار ذي.
آهه سون پاسي مڙئي ميهڻي، مهارن مارڻس،
هاڻ مدنِ جي معافي، مُلڪ جا مختار ذي.
اگ نه سمجهيو اٿم، پر سگهه نه آهي صبر جي،
پر، ڪل اکيون ڪرم سان، اي قوي ڪلتار ذي.
وڃو سمجهو آهه صبح، سائل ڪري سارو سوال،
پر رهه ويلي پاند جهليم، پاڪ پالڻهار ذي.
حُجتون هاريان هنجن ۾، حاجتون هادي پُڄاءِ،
آستاني تي اچي جو، عبد تو آڇنگار ذي.
نفس، نفسي ۾ وڌس، هي اساس ٿيس ناسوت ۾،
ڪڍ جبل مان، جاهه سون، جبروت ۾ جبار ذي.
ٻي ٻيائي ٻولين ڪان، پانهنجي جي پند زبان،
عمر ساري سون اندر ۾ آيتون انڪار ذي.
هاه! ڪثرت جي قلعي ۾، ڏينهن ڪيڏن ڪاٽيان،
عرش جي اسرار ڪان، ارواح کي اخبار ذي.
ووه! منجهه ويران دنيا، واجهه وسندي لئي وڃهان،
ڪڍ جدائي مان، جيارو جان جو، جولجهار ذي.
روز داڻهو داڻهن منهنجي، دور دوزخ ڪان ڪج،
ڪا بهشتن جي بشارت، هن ٻندي بدڪار ذي.
باهه ڪان ٻندو ٻچائج، سال بخشش بي شمار،
جنتون، جاگير، جوهر، جاءِ سون جنسار ذي.
مهربانيون موڪ ڪر، موڪل معافي جي ڇٽي،
رک ڪنگهر گوندر ڪنان، ۽ گل چمن گلزار ذي.

هٿ عمل ۾ عمر راهج، علم ۾ عرفان سان،
منجهه، حشر هوروڻ، هنڌورا، هار ۾ سينگار ذي،
مر تہ هيءُ مصرعہ هُئي، ملڪ ۾ مشهور زور،
اي احد! ”احمد“ ٻندي کي، عفو جو آڌار ذي.

منظوم سوانح عمري مولوي حاجي احمد ملاح

شڪر رب الحمدالله دم بدم ذر صبح شام،
مهربانيون جنهن جون مون تي مينهن سدائتي جيئن مدام.
ڍور چاريندي اچي ويو اوچتو مون کي خيال
علم ري انسان کي ڪجهه ناهي عزت احترام
علم سو جنهن سان سڃاڻي پنهنجي سائين کي صحيح،
نات دهرين جيئن ڏسون پوءِ بند دوزخ ۾ دوام.
ياد آهي سال يارهين ۾ پڙهڻ ويٺس پٽي،
ڏينهن هڪ باب پورا سال ۾ سندس ڪلام.
پارسي، سنڌي، ۽ عربي علم ساڍا پنج سال،
عمر ساڍا سال سترهن ٿيئي اتم انعام عام.
مولوي مشهور فضلي خير محمد خان وٽ،
ٿن رفيقن ساڻ رهي لڳو منجهه گهڙي گلزار گام.
خوب خنچو ڪوليو الحاج عبدالله رئيس،
مانيون مهمانيون برسانيون طهريون طعام.
بر وڏو ۽ بار برسر بار باريءَ تي رکيم،
تون سچو سائين سندم آئون گدا گولو غلام.
نندپڻ کان نظم تي سنهنجي طبيعت هئي تيار،
پوءِ پڙهڻ سان پاڻ ٿيو ان ۾ اضافو اهتمام.
غزل، مدحون، بيت باتيون، چاڙهيم چوڻيءَ مٿي،
سي حرفي صنعتون طرحين منجهس تجنيس تام
بيخ بدعت جي پٽڻ ۾ ڪيا رسالا راس مون،
„هيڪڙائي حق" پڙهيو، حق حق چون خاذق همام.
آهي عبدالله عالم نيڪ جو ٽيجي کي جس
پيو لکيو پٽ ۾ پڪيڙي نظم ناما نيڪ نا
پنجونجهاه کانپوءِ پيم پهه ترجمي سنڌي سندو،
عمر پوري پنجهٽ ۾ ترجمو ٿيڙو تمام.
سا تيرهن سو الل الياسي سومار شام
با ويهين تاريخ ذوالحج مينهن وسندي والسلام





سورهه سنڌي ادب



صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488